

آلون آلون اٽاوار
سرويچ سجاولي

# [illegible]

## [illegible]

لاڙ پبليڪيشن سجاول سنڌ .

دفعو پهريون　　جون ١٩٧٢ع　　ڪاپيون هڪ هزار

لکندڙ جا سڀ حق واسطا قائم
٣٣٣٣٦
١٩٧٢-٨-٢٩

قيمت :- ٥-٠٠ ( پنج روپيه )

KARACHI UNIVERSITY LIBRARY
KARACHI PAKISTAN

ملڻ جو هنڌ :-

لاڙ پبليڪيشن سجاول ( سنڌ )

هي ڪتاب علي نواز وفائي ، وفائي پرنٽنگ پريس پاڪستان چوڪ ڪراچي ١- ۾ ڇپيو ۽ لاڙ پبليڪيشن سجاول سنڌ ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ڏانهن

سنڌ وطن جي اُنهن سورن ساڙيل،
ڏکن ڏاريل ڏوتيئڙن، هاروئڙن،
مانجهيئڙن، پنهوارن، سنگهارن،
پاڙن ۽ پيڙن جي نالي، جن جي
جذبن، جولانن، اڌمن ۽ اُمنگن
مون کي شاعر بنايو.

شال قبول ڪن.



سرويچ سجاولي

# سوانح

محمد صديق ولد خميسو خان تارڙو شاعريءَ جي دنيا ۾ ” سرويچ سجاولي “ جي نالي سان مشهور سنڌ جي لاڙ ايراضيءَ سان تعلق رکي ٿو . ١٤- مارچ ١٩٣٧ع تي ڳوٺ محمد ابراهيم تارڙي لڳ سجاول ضلعي ٺٽه ۾ پيدا ٿيو . سندس تعليم فقط چار درجا سنڌي آهي . پاڻ سنڌ جي عظيم عوامي شاعر حضرت مولانا حاجي احمد ملاح کان روحاني طرح متاثر ٿيو ۽ ١٩٥٥ع کان شعر لکڻ شروع ڪيائين . پنهنجي خداداد لياقت ، سنڌ ، سنڌي عوام ۽ سنڌي ٻوليءَ سان سندس حد جنون تائين محبت کيس هن وقت پوريءَ سنڌ جو عموماً ۽ لاڙ ايراضيءَ جو خصوصاً هڪ باڪمال شاعر بنائي ڇڏيو آهي. سرويچ سجاوليءَ جي شعر جي سڀ کان اعليٰ ۽ اُتم خوبي هيءَ آهي جو سندس شعر بلڪل نبت سنڌي زبان ۾ سَوَلي ، سادي ۽ ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ سان تعلق رکندڙ لفظن ۾ چيل هوندو آهي . سرويچ، شاعريءَ جي هر صنف تي لکيو آهي. جهڙوڪ : نظم ، غزل، گيت ، لوڪ گيت ، وايون ، بيت ، دوها ، قطعا ۽ مثنوي وغيره . سنڌ وارن جي بدبختي چئبي جو هن مشهور عوامي شاعر جي شاعريءَ جو تمام وڏو حصو سندس گهرن کي باه لڳڻ سبب سڙي ويو، جيڪو هڪ لاثاني ۽ لافاني ادب هو. سرويچ سجاولي هڪ اهو عظيم عوامي شاعر آهي جنهن ڳوٺاڻي زندگيءَ جي سچي پچي تصوير نظمن، گيتن، واين ، ڪافين ۽ لوڪ گيتن ۾ پيش ڪئي آهي . سندس انداز بيان ۾ هڪ طرف سيلاب بيپناهه واري رواني ۽ اُتل آهي ته ٻئي طرف من موهيندڙ لفظن ۽ دلڪش ترڪيبن جو جادو سمايل آهي.

سرويچ ڏکويل ۽ زخم خورده نياڻين جو شاعر آهي. سرويچ سنڌ جي هر مظلوم ۽ ڏکي انسان جي دل جو آواز آهي . سندس هر فن پارو

ڪنهن نہ ڪنهن ڏڪن ڏڏيءَ ، نماڻيءَ ۽ سپاجهيءَ ، نياڻيءَ جي جذبات ۽ حالات ، پست حاليءَ ۽ خستہ حاليءَ جي ترجماني ڪري ٿو . سندس شاعريءَ ۾ تڪلف ۽ تصنع نہ آهي ، پر سراسر مشاهدو ۽ محسوسات آهي .

اهو معيار هڪ قادرالڪلام ۽ مشاهده نگار شاعر جو آهي . سندس هر نظم هڪ زنده منظر آهي ، پر آهي هڪ الميہ ۽ زخم خورده شاعر جي صدا . سرويچ پنهنجي تخلص سان بہ بلڪل نهڪي اچي ٿو . سندس ڪم بہ سچو ڏينهن سرويچاڻا آهن . شل نہ ڪنهن سان ڪو ظلم ٿيندي ڏسي ، شل نہ ڪنهن ڏاڍي جو ڪنهن هيٺي سان ڪو هاڏو ڏسي، بس پوءِ تہ اصل ڏنڊو هٿ ۾ ۽ سر تريءَ تي رکي ميدان ۾ حاضر ٿي ويندو آهي . اهو نہ سوچيندو آهي تہ نتيجو چا نڪرندو . انهيءَ ڪري ڪيس هر وقت ڏاڍا ڏونگر ڏورڻا پوندا آهن ، پر سرويچ انهن ڪي ليکي ئي ڪونہ . اها ئي سنڌ ، اهي ئي مظلوم ماروئڙا ، اها ئي ڏاڍن سان جنگ سندس روزمره جو شيوو آهي.

سرويچ ڪان جڏهن پڇيو ويو تہ توهان زندگيءَ ۾ ڪنهن ڪان وڏيڪ متاثر ٿيا آهيو ؟ تہ پاڻ چيائين تہ هوئڻ تہ هر عوامي ڳالهہ يا عوامي ماڻهوءَ ڪان متاثر آهيان ، مگر جيئن تہ عوامي شاعريءَ ۾ آئون مولانا ملاح ڪان متاثر آهيان ۽ عوامي راڳ ۾ ”بابل مهراڻ“ مون کي ڪافي ڪان وڏيڪ متاثر ڪيو آهي . ( ناشر )

*—*—*

# پنهنجي طرفان

هن سنڌ وطن جا صدين کان سورن ساڙيل ، ڪاڙهن ڪاڙهيل ۽ ويل ۾ واڙيل وانگيئڙا .

جيئي سنڌ !

منهنجي دل جا داتا ، من جا موتي ، سر جا سائين ، منزل جا مٺير مانجهي ! اوهين ۽ اوهان جي هيءَ سونهن سونهاري ڌرتي ۽ هيءَ ماهيءَ ماڪيءَ جي لار کان مٺڙي زبان ، اوهان جون ريتون رسمون ، ميلا ملاکڙا ، پرڻا مرڻا ، وهاڻ وڏاڻا ، قرب ڪچهريون ، مال اولاد شال سدائين زنده هجن . اوهين هن ڌرتيءَ جا ڏٽي ، دودا ، جوڌا ، جُنگ اڙٻنگ ، گهوٽ اٺموٽ ، اٿل ۽ اڻ جهل پُرين ۽ پيڙهين کان هتي جا پادوڪي پنهنوار ، جري ۽ جونجهار ، سگهارا سنگهار ، سدا ملوڪ ۽ من موهيندڙ ماروئڙا شال سدائين وسندا ۽ وهسندا رهو! اوهان جا شهر ۽ ڳوٺ ، وسنديون ۽ ويڙهاڪ واهڻ واهه ۽ هي مست مهراڻ شال سدائين موجن سان مسڪرائيندو اوهان کي مسرور ۽ مالا مال ڪندو رهي . شال سدائين اوهان جون پاڳهيون ، مارئيون ، سَسُيون ، سهڻيون ، ناز پريون نوريون ۽ ليلائون پنهنجن چنيسرن سان چاڳ ڪنديون رهن . شال اوهان جا هي ٻلوان ٻار ڪارا ڪوجها ، ڪَڪا ، ڪونڌر ۽ ڪٽ مست پُٽڙا پنهنجي وطن ۽ زبان تان سرن جا سودا ڪندا رهن . شال سدائين اوهان جا اهي ڦُٻن جهڙا اڇا پٽڪا ، رت رنگيون اجرڪون ، لاڪيٽيون لُنگيون ، ڪنا ۽ ڪيس ، سوسيون ، گربيون ، پاندٽا ، ٻڪيئڙا ، گجّ ، ڪنجرا ، چُنڙيون ۽ چولا هن جڳ تي پنهنجي جوت ۽ جهرمر جهومائيندا رهن.

شال سدائين توهان جا ڪيٺ ، چيٽ ، ڪتيون ، ربيعون ،

ڏنديون ڏورا خوشيءَ وچان ڪِڙندا ۽ ٽِڙندا رهن . شال سدائين توهان جا راڳ ، ناچ ڪيچ ڪيا ، هُمرچا ، هو جمالا ، نڙ بيت ، چنگ چڙا ، ساز ، سُر ، راڳ رهاڻيون وڏندا ۽ ويجهندا رهن . شال سدائين توهان جون رانديون رونديون ، ملهه پيلهاڙا ، ونجهوٽيون ، لڪلڪوٽيون دائم ۽ قائم هُجن . شال سدائين توهان جا پکا پڊ ، پاڙا ، اڱڻ اوطاقون اُجريون ۽ آباڻيتيون هجن . هي جهانگيئڙن جا جهوپا سدائين جڳمڳائيندا رهن ۽ اوهين هن سنڌ ڌرتيءَ تي شاد ۽ آباد هُجو .

منهنجا سورهيه ۽ سرويچ سانگيئڙا : منهنجي شعرن جو هي پهريون مجموعو جيڪو سال ١٩٦٢ع کان ١٩٧٢ع تائين جي چيل شعرن مان چند شعرن تي مشتمل آهي ” آليون اکيون، اٿيا وار “ اوهان جي اڳيان آهي . منهنجا ڏکن ڏاريل ڏوٿيئڙا ! آئون ڪو وڏو عالم اديب يا علامه ڪونه آهيان . آئون ته بلڪل ئي هڪ اڻڄاڻ ادني ۽ هن زماني جو ستايل ۽ سورن ساڙيل سنڌي آهيان . شاعري نه ته ڪا منهنجي ورثي ۾ آهي ۽ نه آئون ڪو شاعر اِبنِ شاعر آهيان جو ويهي ڪا اوهان اڳيان هام هڻان . آئون ته فقط اوهان جي ۽ پنهنجي سورن ، صدمن ، سُهمن ڏکن ڏولان ، اهنجن ايذائن ، عقوبتن ۽ اذيتن جون ڳالهيون ڳايان ٿو ، جنهن کي توهان شاعري ڪوٺيو ٿا . بهر حال شاعري آهي يا بيو ڪجهه ، آئون ته اُهو لِکندو آهيان جيڪي ڪجهه ڏسندو آهيان . ڪتاب اوهان جي اڳيان آهي پڙهو ۽ پروڙيو . جيڪڏهن منهنجي ڪوتاهين تي ڪو قلمي قرب ڪندا ته آئون اوهان جو ٿورائتو رهندس .

آئون اوهان سڀني سنڌي ڀائرن ، ڀينرن ، مائرن ، ڌيئرن ۽ ساٿيئڙن جو ٿورائتو آهيان جن جي سورن صدمن ، ڏکن ڏولاون مون کي شاعر بڻايو .

آخر ۾ آئون انهن محسنن کي به وسارڻ نٿو چاهيان جن مون سان

هن ڪتاب ڇپرائڻ ۾ آخر تائين ساٿ ڏنو . بهتر ٿو سمجهان ته انهن سڄڻن جا نالا به اوهان تائين پهچايان جيڪي هن ريت آهن :-

سيد بشير احمد شاهه ، سيد انور علي شاهه ڪاظمي ، محمد جعفر هيلايو ، سيد نواز علي شاهه سجاولي ۽ منصور علي عباسي . ۽ پڻ هن ڪتاب ڪي ترتيب ڏيڻ ۽ نقل ڪرڻ ۾ جنهن ماڻهوءَ مون سان راتيون جاڳي سجاول کان ڪراچيءَ تائين پنهنجو ذهن ۽ نور نچويو، آئون انهيءَ منهنجي ننيڙي آدي "سوز" سجاوليءَ کي به وساري نٿو سگهان ۽ سندس ٿورائتو آهيان . اُن سان گڏ آئون اداره "آزاد" ڪراچيءَ جو به شڪرگذار آهيان ، جنهن جي اڻ موٽ ايڊيٽر علي نواز صاحب وفائي ۽ وفائي پريس جي تجربيڪار عملي مون سان ڇپائيءَ ۽ پروفن ۾ ڀرپور مدد ڪئي .

شال سدائين سنڌ ۽ سندس سانگي سلامت هُجن .

٨- جون ١٩٧٢ع

سرويچ سجاولي .

# مهاڳ

سنڌ مُلڪ ۾ سنڌي زبان جو مشهور عوامي ۽ انقلابي شاعر جناب سرويچ سجاولي ، اسان جي وطن دوست سنڌي شاعرن مان هڪ آهي . هوُ اُهي ڳالهيون ڪري ٿو جيڪي سنڌس پيا ساٿي شاعر گهٽ ڪندا آهن . وطن ۽ وطن جي ماڻهن سان پيار جون ڳالهيون ، وطن جي غدارن ڪان نفرت جون ڳالهيون ، وطن جي ويرين سان مقابلي جون ڳالهيون ، سنڌڙيءَ کي ڌاڙين جي ڌهڪاءُ ۽ ڦورن جي ڦُرلٽ ڪان ڇڏائڻ جون ڳالهيون ، مُڙسي ، همت ۽ سر صدقو ڪرڻ جون ڳالهيون . سرويچ ڪيترين ئي ڳالهين ۾ هن دور جي تمام وڏن شاعرن ڪان مٿي ۽ تمام مٿي لکيو آهي . سرويچ ڪو ايترو گهڻو پڙهيل نه آهي پر سنڌس شعرن مان معلوم ٿئي ٿو ته هو بالڪل فطرتي شاعر آهي ۽ بيشڪ ڏات ڏني آهي . اِهو ئي سبب آهي جو سنڌس شعر ۾ منظر نگاريءَ جون اوچيون اُڏارون ائين ٿيون لڳن جڻ ته ڪردار سڀ ماڻهوءَ جي اڳيان موجود آهن . سرويچ ڪتابن جو ڪيڙو ۽ مطالع جو شاعر نه آهي پر هوُ مشاهده جو سدا ملوڪ شاعر آهي . سنڌس انداز ِ بيان ، نازڪ خيالي ۽ شيرين زبانيءَ ڪان ته ڪو ڪافر به انڪار نه ڪندو . ان ڪري سرويچ شاعريءَ جي دنيا ۾ پنهنجي همعصر شاعرن ڪان اڳتي ۽ تمام گهڻو اڳتي آهي. سنڌ جا سڀ وطن دوست شاعر سنڌي عوام سان پيار جو اظهار ڪن ٿا ۽ اُن جي حالت تي افسوس ڪائين ٿا ۽ اُن جي ڇوٽڪاري جون راهون ڳولين ٿا، پر منجهانئن برک شاعر سڀ وچولي طبقي جا سفيد پوش شهري آهن. سندن ٻولي ۽ سوچ رُخ ۽ رويہ جي شروعات سفيد پوش شهرين جي ٻوليءَ ۽ سوچ رخ ۽ رويہ سان شروع ٿئي ٿي. هو اڳتي وڌيا آهن، هُنن پاڻ ۾ ڦيرا آندا آهن . پنهنجي ٻوليءَ ۽ سوچ ، رخ ۽ رويہ کي عوام

جي ويجهو آڻڻ جي ڪوشش ڪئي اٿن ۽ اُن ۾ ڪين ڪجھ ڪاميابي به ٿي آهي ، ته به هنن ۽ ٻهراڙيءَ جي نوي (٩٠) سيڪڙو عوام جي ٻولي ، سوچ ، رويه ۽ رخ ۾ چڙ ته زمين آسمان جو فرق آهي . تنهن ڪري هنن جي شاعري وچولي طبقي جي مُٺ جيترن شاگردن ۽ خاص ادبي ذوق رکندڙ پڙهيل سنڌين کي سمجهه ۾ اچي ٿي ۽ انهن کي متاثر ڪري ٿي . اُن جو نتيجو به سنڌ لاءِ سُٺو نڪتو آهي . سنڌ جي عوام جي هڪڙي ننڍڙي طبقي ۾ سجاڳي آئي ۽ جيئي سنڌ جي تحريڪ جنم ورتو . پر اُها تحريڪ سنڌ جي عوام ۾ جڙون هڻي نه سگهي ۽ رجعت پرست طاقتون هڪ طرف اُن تحريڪ کي سرمائيدارن جي سياست جي تابع ڪرڻ ۽ ٻئي طرف اُن کي ٽڏو ڪرڻ ۽ دٻائڻ ۾ ڪافي حد تائين ڪامياب ٿي ويون .

تجربي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته وچولي طبقي جو اهو ننڍڙو جوشيلو ٿهه جنهن ۾ احساس گهڻو ۽ سماجي شعور واجبي آهي ، سو سنڌي عوام سان ملي هڪ ٿيڻ ۽ ان کي سجاڳ ڪري ميدان ۾ آڻڻ جي طاقت ۽ صلاحيت نٿو رکي .

اهڙيءَ ريت اسان جي برک وطن دوست شاعرن جي شاعري چوٿي ـ وچولي طبقي جي ننڍڙي دائري کان نه ٻاهر ٽِپي سگهي آهي ۽ نه اُن شاعريءَ کان متاثر ٿيل ماڻهو ئي ٽپي سگهيا آهن، تنهن ڪري اها شاعري سنڌي عوام کان سڌي خواهه اڻ سڌيءَ طرح تمام پري رهجي ويئي آهي .

تجربو ڏيکاري ٿو ته سنڌي عوام کي اج اهڙا شاعر گهرجن جي يا ته خود پورهيت عوام مان هُجن يا ٻين طبقن جا اهڙا ماڻهو هجن جي پڻائي گهوٽ وانگر سڀ اڳ لاڳاپا لاهي پنهنجي طبقي جي سماجي گهيري مان مڪمل طرح نڪري ٻاهر کي مڪمل طور عوام

سان ملائي هڪ ڪري سگهيا هجن . جي عوام سان عوام جي پنهنجيءَ ٻوليءَ ۾ عوام جي دل وٽان سندن دل پسند ڍنگ سان سندن ئي ڳالهه ڪري سگهن . اهڙا ئي عوامي شاعر اڄ سنڌي عوام جي وڏن هُجومن کي سجاڳ ۽ بيدار ڪري سگهن ٿا ۽ عوام کي منظم ڪرڻ لاءِ ميدان تيار ڪري سگهن ٿا . اسان جو هر دلعزيز محترم سرويچ سجاولي به اهڙو شاعر آهي . سرويچ سنڌ جي انگ اُگهاڙي ۽ پيٽ بکئي مسڪين ماروئڙن جو رڳو همدرد ڪونهي پر هو پاڻ پنهنجي سِر به اهڙين حالتن سان مقابلو ڪرڻ جو هڪ مٿير ۽ مانجهي ماروئڙو آهي . سندس سَٽَ نه ، پر سَٽ سؤ پيڙهيون ٺٽه ضلع جي ماڇر جي ڍنڍن ۾ ڪورن آنڊن پورهيا ڪندي، فاقا ڪيندي، مارون کائيندي، ظلم ۽ زوراوريون ، قيد ۽ بند ڪاٽيندي پورهيون ٿي ويون آهن . مسڪين ۽ مظلوم سنڌي ماروئڙن تي قياس ، اُنهن لاءِ اٿاهه پيار اُنهن تي فخر سرويچ جي نس نس ۾ سمايل آهي .

”گولا جي گولن جا تن جو به ٿـي غلام“ واري ڳالهه وانگر سرويچ به اُنهن مان آهي جن لاءِ ظالم تہ ظالم پر انهن‌جا مظلوم به ظالم آهن . ظلم ، ڏاڍ ، نا انصافي ، سرويچ لاءِ ڪَنن ٻُڌل يا پري ڪان ڏٺل ڳالهه نه آهي . اهي ڳالهيون ۽ انهن خلاف اٿاهه نفرت ۽ غصو ڪيس ماءُ پيتان رت جي ورثي ۾ مليون آهن . مظلوم عوام جا اهڙا احساس رکندڙ اڪثر ماڻهو يا چور ، ڌاڙيل ۽ خوني ٿيندا آهن ، يا وري وڏن زميندارن جا ڪمدار يا پوليس جا دلال ، پر سرويچ ٽيون رستو ڳولي ڪڍيو آهي . هن پنهنجو حال پنهنجن پائرن ، پينرن ، سوٽن يا ساٿين ، ابن ڏاڏن جو حال سنڌ جي عوام اڳيان رکيو آهي . سجاول جي ماروئڙن جو اهو احوال سڄيءَ سنڌ جي ڪروڙن ماروئڙن جو احوال بڻجي ويو آهي .

سرويچ جي ٻولي سنڌي عوام جي پنهنجي ٻولي آهي . هيءَ اُها

۾ سرويچ جيڪي اثر ، معنيٰ ۽ سونهن جا سمنڊ بند ڪيا آهن تنهنجي اُپٽار ڪرڻ يا تفصيل سان لکڻ يا سمورن شعرن جا حوالا ڏيڻ سان آئون دعويٰ سان چوندس ته هن ڪان تيٽو ڪتاب نهي پوندو. جيڪڏهن ڪلام مان ٽُڪرا ڏبا ته سوال اُٿندو ته ڪهڙا چونڊيان ۽ ڪهڙا ڇڏيان . آئون ته چوندس ته سڄو مجموعو سچن موتين ۽ املهه مائڪن جو پنڊار آهي .

سرويچ سنئين سِڌي ڳالهه ڪري ٿو ، هن کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ ماڻهوءَ کـي اول اُن ڪتابن جـا پڙهڻ جي ضرورت ڪانهـي . علامتن جي ڪاڪ محل ۾ ڦاسڻ جي ضرورت ڪانهي . هيءَ گهر جي ڪُنڊ ۾ چئن يارن دوستن کي ٻُڌائڻ يا ڪن ٿورن پـڙهيل قدردانن کي مغز ۾ ويهارڻ جي شاعري ڪانهي . هيءَ هزارن ، لکن ، بلڪ ڪروڙن سنڌي پورهيت عوام جي انبوهن ۽ هُجومن کي ٻُڌائـڻ ۽ حرڪت ۾ آڻڻ جي شاعري آهي ، سندن دل جي دانهن ۽ اندر جي اُڇل آهي ، سندن مست اُڌمن ۽ اُمنگن جو اجهل چوهه آهي. اهوئي سبب آهي جو جتي به سنڌي عوام جا انبوهه گڏ ٿيا هجن ۽ سرويچ پنهنجو ڪلام ٻُڌائي اُتي اهو منظر ڏسڻ ۾ ايندو جو :-

” انڌا ماڻهون ، ٻوڙا ماڻهون ، ماڻهو ٻوت ٻڌل ،
لاڪارون للڪارون تي ويا ، لڏي ويا ايوان “

اسان جي ويجهڙائيءَ جي شاعريءَ ۾ مولانا ملاح سنڌ جي عوام جي ٻوليءَ جي ملڪ جو بادشاهه ٿي گذريو آهي . پر اڄ اهو ڇَٽ هن سنڌڙيءَ جي سچي سرويچ جي سر تي آهي. سرويچ ۽ سنڌس عوامي شاعريءَ جي وات تي هلندڙ شاعر ساٿين پنهنجي سفيد پوش طبقه جي شاعر ساٿين کان گهڻو ڪجهه سکيو آهي. ڪين اُنهن مان اڃا به جيڪي ڇڳيون ڳالهيون هٿ لڳن سي سکڻ کپن اها ڳالهه تمام ضروري آهي .

پر ان کان بہ وڌيڪ ضروري ڳالهہ هيءَ آهي تہ اسانجا سفيد پوش شاعر سرويچ کان بہ عوامي شاعريءَ جا سبق سکن ۽ عوامي شاعريءَ جي راهہ وٺن انهيءَ ۾ ئي سنڌي قوم جي عوامي جدوجهد جي اڇوڪي نئين ۽ مٿانهين منزل سمايل آهي. آخر ۾ آئون هِن لاڙ جي لال تي لک لک سلام چوندي هي مهاڳ ختم ڪريان ٿو .

رسول بخش پليجو

حيدرآباد ٧- جون ١٩٧٢ع

# پيش لفظ

سنڌ جي يتيم ۽ لا وارث ٺٽي ضلعي جي جيڪڏهن تاريخ جا ورق ورايا ويندا ته ٺٽو سنڌ جي تاريخ هو ۽ سنڌ جي تاريخ ٺٽو هو. انهيءَ مردم خيز خطي ۾ آهي آهي عالم ۽ فاضل، عامل ۽ ڪامل، صوفي ۽ سچار، درويش ۽ دور انديش، قطب ۽ ڪرامتن جا صاحب، اهلِ دل، اهلِ نظر شاعر، اديب، تاريخ نويس ۽ محقق پيدا ڪيا جن جو نالو اڄ ڏينهن تائين علمي، ادبي، تاريخي ۽ مذهبي دنيا ۾ روشن آهي.

هوندئن به ٺٽي ضلع جو چپو چپو تاريخ جي پنڌارن سان پرپور ۽ پُريو پيو آهي.

جيڪڏهن سندس سرحدن ۽ جاگرافي حدن تي نگاهه ڪبي ته به تاريخ ئي تاريخ نظر ايندي. تحفة الڪرام، مقالات الشعراء تاريخ طاهري ۽ مڪلي نامه جهڙن نادر ڪتابن جو مطالع ڪيو ويندو ته ٺٽي جو شباب آئيني وانگر صاف ۽ شفاف نظر ايندو. زماني جي تڪڙن انقلابن ٺٽي جي شباب کي پنهنجي ظالم هٿن سان اهڙو ته تباهه ۽ تاراج ڪري ڇڏيو جو هن وقت سنڌ جي سمورن ضلعن مان صرف ٺٽو ئي هڪ اهڙو ضلع آهي جيڪو هر لحاظ کان بالڪل پوئتي ۽ پٺتي پيل آهي. مسڪين ۽ منجهيل ماڻهو جيڪي زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن کان هميشه محروم رهندا اچن ٿا. سندن نه ڪو وارث آهي ۽ نه والي نه راکو آهي نه رکپال. انهن غريبن ۽ مسڪينن جو هتي بيان نه ڪجي ته بهتر آهي. انهن مٿين حالتن هوندي به هن ضلع مان هڪ درد رکندڙ انسان، جنهن جو مذهب آهي ته انسان، انسان کي انسان سمجهي پيار ڪري، هو پنهنجي ماحول کان متاثر ٿي ڪري، ضلع جي بربادي ۽ برين حالتن کي ڏسندي اٿي پڪاريو آهي. اهو

آهي سرويچ سجاڳي جنهنجو سوز پريو آواز سنڌ جي ادبي ، علمي ۽ شعر و شاعريءَ جي دنيا ۾ ڏاڪو چمائيندو اڳتي وڌندو رهي ٿو •

مهينو کن ٿيندو ته سرويچ پنهنجي ڪلام جو مجموعو ڪٺي پريس ۾ آيو ۽ پنهنجي ڪتاب شايع ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيائين ، مگر هن موتمار مهانگائيءَ ۽ ڪاغذ جي گرانيءَ جو حساب ڪيو ويو ته ڳالهه ڳري ٿي پيئي • خوشيءَ جي ڳالهه هئي جو قلندر ، قلندر وٽ آيو. اِها به ڪرامت هئي. سرويچ لفظ مان صاف ظاهر آهي ته هن دور ۾ جيڪي سرن جو سودو ڪندا رهن ٿا اُنهن صاف پاڪ سوداگرن ساٿين وٽ سر ۽ سوز ڪانسواءِ ٻيا سمورا وکر وسريل هوندا آهن.

ڪراچي ڪان ڪشمور تائين هزارين سردار ۽ سرمائيدار ، زردار ۽ زميندار ، وڏيرا ۽ وڏ ڏٽي ، قومن جا ڪاراوا ۽ راڇن جا رکپال ، وڪيل ۽ واپاري ، صحافي ۽ سگهڙ ، اديب ۽ عالم ، سمجهدار ۽ سياڻا ، متولي ۽ مجاور ، مير ۽ پير موجود آهن ، مگر هڪ اڌ کان سواءِ ڪنهن به اڄ ڏينهن تائين سنڌي علم ۽ ادب ڏانهن ڪو به ڌيان ڪونه ڌريو آهي •

هونءَ به اسانجي ملڪ ۾ علم ۽ ادب سان ماڻهن جو تعلق گهٽ آهي ، چو ته اسان جي عوام جي جهالت ، اهل ذوق جي قلت ، قدردانن جي ڪمي ۽ سرمائيدارن جي بي توجهيءَ ڪري اسان جي ادب کي ڪاپاري ڌڪ لڳو آهي • سنڌ جي امير طبقي جو علمي ۽ ادبي دنيا سان ڪو به تعلق يا وجهه واسطو ڪونه رهيو آهي. ڪامورو ڏوڪڙن ڪمائڻ ۽ پنهنجي جهنم جهڙي پيٽ کي ڀرڻ ۽ پوين لاءِ اِملاڪ گڏ ڪرڻ جي فڪر ۾ هوندو آهي •

توهان ڪنهن به زردار ۽ زميندار کان علمي ، ادبي ، اصلاحي ۽ مذهبي ڪم لاءِ چار ڏوڪڙ گهرندا ته هن کي چڙ قيد جي ڪانڊ

اڇي وئي ! باقي جيڪڏهن ڪو وقتي حاڪم ڪنهن سرمائيدار ۽ سرنديءَ واري کي شڪار لاءِ چوندو ته مڙس کي جُتي هٿ نه ايندي ۽ ڪُتا به پاڻ ڪاهي اڳ ۾ هلندو .

مگر اُن جي باوجود سنڌ، سنڌ آهي ۽ ڪيترائي مرد مولا جا پيا آهن جيڪي هروقت نيڪ ۽ چڱي ڪم ڪرڻ لاءِ پنهنجي مُخلص دوستن جون خدمتون ڪرڻ لاءِ واجهه وجهيون ويٺا هوندا آهن . سرويچ جي همت ۽ حوصله آفزائي ڪندي بسم الله ڪري ڪتاب جو ڪم شروع ڪيو ويو .

سرويچ ٺٽي ضلعي جي ڪيترن ئي سرمائيدارن ۽ سرنديءَ وارن جا نالا ٿي ورتا ۽ انهن صاحبن لاءِ چيائين ته هوُ ضرور ڪتاب ڇپرائڻ ۾ مدد ڪندا . مون ڪيس چيو ته اِنهن سوورن نالن مان صرف ٻه سخي مرد ئي ڪافي آهن جن جو ذمو مان پاڻ تي کڻان ٿو. هڪ جناب سيد بشير احمد شاهه صاحب ايم – پي – اي ٺٽه ۽ ٻيو وڏيرو محمد جعفر صاحب هيلايو . اِنهن صاحبن سان منهنجي جهوني نيازمندي آهي ۽ جڏهن به ڪراچيءَ ۾ اچڻ ٿيندو آٿن ته پيرو نه ڇڏيندا آهن ۽ پريس ۾ ضرور ايندا آهن . ڪتاب جو ڪافي ڪم شروع ٿي چڪو هو ، اُن دوران بشير احمد شاه صاحب ۽ محمد جعفر پريس ۾ آيا ۽ ڪين سجاوليءَ جي ڪلام جي مجموعه جي ڇپائڻ جو ذڪر ڪيو ويو. ٻنهي صاحبن بنا ڪنهن ڇپا ڳاڇا جي مجموعه جو سمورو خرچ پاڻ تي هموار ڪيو. باقي جن ٻين صاحبن جا نالا سجاولي صاحب ٻڌايا هئا ، اُنهن صاحبن متعلق مان بروقت عرض ڪيو هو ته انهن همراهن ۾ ڪابه اميد نه رک. خير باقي ٻچيل ڪم کي فقير ويٺي مُنهن ڏنو ۽ ڪتاب تيار ٿي اوهانجي هٿن ۾ پهتو. الله تعاليٰ جناب بشير احمد شاه صاحب ۽ ميان محمد جعفر هيلايه کي جزاءِ خير ڏي آمين. انهن صاحبن

پنهنجي علم نوازي ۽ ادب پروريءَ جو سهڻو ثبوت ڏنو آهي. باقي مهاڳ ۽ مقدمي جو معاملو مُنجهيل هو. سرويچ کي عرض ڪيو ويو ته ڪنهن شاعر ۽ اديب کان مقدمو لکرائي ڪٺي اچ ته ڪم کي پورو ڪيو وڃي. پاڻ حڪم ڪيائون ته مقدمو اوهان کي ئي لکڻو آهي. مون ڪيس عرض ڪيو ته ادا! مان هڪ معمولي صحافي آهيان ۽ نه وري مون کي علم عروض جي فن جي ڪا خبر ئي آهي. هرڪنهن جو پنهنجو پنهنجو فن آهي. مون کي مجبور ڪندي چيائين ته وفائي، جنهن انداز ۾ تون نثر ۾ شاعري ڪندو رهين ٿو اُن جو جواب ئي ناهي. مون ڪيس عرض ڪيو ته اها وڏي نا اِنصافي ٿيندي ته هڪ چوٽيءَ جي شاعر جي مجموعہ تي هڪ معمولي صحافيءَ جو مقدمو، اِها ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي.

بار بار حڪم ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس عرض ڪيم ته مهاڳ ۽ مقدمو ته نه لکي سگهندس باقي حڪم جي تعميل ڪندي ٻه اکر خدمت ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس، انهيءَ تي پاڻ راضي ٿيو.

فقير هميشه ئي پنهنجي لياقت آهر اهلِ علم، اديبن شاعرن جو خادم ٿي رهندو آيو آهي، ڇو ته سانوڻ آيم ته علم و ادب ۽ صحافت سامهون هئي. الله تعاليٰ اهڙين شخصيتن جي خدمت ڪرڻ جو موقعو عطا فرمايو هو جن جي ملاقاتن لاءِ وقت جا حاڪم به منتظر هوندا هئا. انهن برگزيده بزرگن، متقي ۽ پرهيزگارن اهلِ علم اديبن، صحافين ۽ شاعرن، جمال ۽ جلال جي صاحبن جن جي روحاني ڇهرن ۽ ڪليل پيشانين تي ٿورو گُهنج اچي ويندو هو ته وقت جي حاڪمن جي محلاتن ۾ زلزلو پيدا ٿي پوندو هو، اُنهن جي محفلن ۽ مجلسن ۾ سندن جُتين سڌي ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيل آهي. ماڻهن کي منهنجي علمي لياقت متعلق ڪافي خوش فهمي هوندي آهي. آها انهن دوستن ۽ احبابن جي ڪرم نوازي آهي. سچ پچ ته مون کي اجا هٿ ۾ قلم ڪٺڻ جي به صحيح شناس ڪانه آهي. هي جيڪي ٿورو گهڻو لکپڙهه جو ڪم ڪندو رهان ٿو، اُن لاءِ منهنجي مهربان ۽ مشفق والد سائينءَ جي نوازش هوندي هئي. مون کي پنهنجي والد

سائينءَ جي پيرن جي پٺيءَ جـي برابر بہ پروڙ ڪانہ آهي . الله تعاليٰ منهنجي والد سائينءَ تي هزارين رحمتون عطا فرمائي جنهن جي نالي تي هي فقير هن دنيا ۾ هلندو رهي ٿو. چو تہ پنهنجي ڪابہ پوک پو ڪيل ڪانہ آهي. هي سڀ بزرگن جو پلايون ۽ برڪتون آهن جو انهن جي بڌايل توَڪلُ عَلَي الله وَ ڪَفيٰ بِاالله وَڪيلاَ جي واعده تي زندگيءَ جون منزلون طئي ڪندو رهان ٿو .

اسانجي سرسبز ، سڪئي ستابي ۽ صاف پاڪ سنڌي ادب جـو دامن گهٽي ياڳي ڪيترن ادبي ۽ علمي گُلن ڦُلن کان خالي رهيو آهي ، ان جي باوجود ڪيترا اديب هن وقت نهايت ئي علمي، ادبي، تاريخي ۽ محققانہ مضامين سنڌ جي علم ۽ ادب جي گهڻگهرن ۽ پڙهندڙن جي اڳيان پيش ڪري رهيا آهن. منهنجو پنهنجو ذاتي خيال آهي تہ سنڌي ادب ۾ جيڪو بيمثال انقلاب آيو آهي ، ان جو عرصو چوڏهن سالن جو آهي ۽ ان ڪـان اڳ بہ ڪافي مواد موجود هو . مگر هن وقـت اسانجي اديبن ۽ اهلِ قلم حضرات جا افسانا ، قصا، ڪهاڻيون ۽ شعر و شاعري ۽ ان سان گڏوگڏ نهايت بهترين علمي، ادبـي ، تاريخي ۽ محققانہ مضمونن جـا معراج دنيا جي ڪنهن بہ قـوم جي ادب کان گهٽ نہ آهن . جيڪڏهن نثر ۽ نظم جو مقابلو ڪيو ويندو تہ آئـون دعويٰ سان چئي سگهان ٿو تہ اسانجا جيڪي بہ لکندڙ آهن ، تن جو چوڏهن سالن جو مواد سڀ کان مٿيرو ، ملوڪ ۽ اڳيرو آهي. اسانجي نثر توڙي نظم جـي هڪ هڪ سِٽ سون بـرابر آهي . سنڌي ادب جيڪو منهنجي سامهون گذرندو رهـي ٿو ، اُن ڪـي جيڪڏهن پين پولين جـو لباس پهرائي پيش ڪبو تہ دنيا ۽ دنيا وارا دنگ رهجي ويندا .

سنڌ جي مشهور معروف انقلابي شاعر جناب ”سرويچ“ سجاوليءَ جو ڪتاب ” آليون اکيون آٿيا وار “ تيار ٿـي علم نواز ۽ ادب پرور

۽ شعر و شاعريءَ جي ڦيدائين جي هٿن ۾ پهچي چڪو آهي . هن لکڻ ۾ ڪو به وڏاءُ ڪونه آهي ته هن لاڙ جي لال ۽ اکرن جي شهنشاه پنهنجي ڪلام جي مجموعه ۾ صاف ۽ شفاف ڪاغذ جي سيني تي جيڪا اکرن جي موتين جي جڙڪاري ڪئي آهي ان جو مثال سنڌ جي شعر و شاعري ۾ ملڻ نه صرف مشڪل بلڪ ناممڪن آهي .

سرسبز ۽ سدا سهڻي سنڌ ۽ سنڌي سپاجهڙن جي سوز ۽ سورن جو نقشو "سرويچ" صاحب اهڙي ته سهڻي انداز ۾ پيش ڪيو آهي جو پڙهندڙ ائين محسوس ڪندا ته اهي سمورا واقعا سندن اکين اڳيان ئي گذريا آهن يا ٿيندا رهن ٿا .

سنڌ جو درد رکندڙ شاعر پنهنجي نيڻن سان جو ڪجهه ڏسي ۽ پسي ٿو ان منظر کي پنهنجي شاعرانه انداز ۾ اهڙي ته بهترين ادا سان ادا ڪري ٿو جو پڙهندڙ ان کي پنهنجي دل جي ڳالهه سمجهن ٿا . "سرويچ" جي شاعريءَ ۾ ڳوٺاڻي ماحول جي سچي منظرڪشي ملي ٿي ۽ ان ڪان سواءِ موجوده دور ۾ جيڪا اسان جي نوجوانن جي جدوجهد آهي انهن جي ڪوشش ۽ سنڌ جي سانگيئڙن جي تصوير هن نموني پيش ڪري ٿو :-

سنڌڙي ڏوتان گهور ٿيان ، او سرويچن جي سرخ زمين ،
ڏوتان سِر ۽ ساهه ڏيان ، او سرويچن جي سرخ زمين .
تو ۾ اکڙيون کوليم ، تو ۾ هوش سنڀاليم منهنجي ماءُ ،
تنهنجي سائيءَ ڌرتيءَ مان پڻ ، سُندر سُندر آيم ساءُ ،
تنهنجي جذبي هيٺ جيان ، او سرويچن جي سرخ زمين .
سنڌڙي ڏوتان گهور ٿيان ........

ڪٿي سانگيئڙن جي سورن جي آپٽار هن طرح ڪئي اٿس :-

ڳالهيون آهن گهٽيون پر ٿو ٻڌايان مختصر ؛
هت غريبن جا اتيئي ، رات ڏينهان چشم تر ؛
بي سهارن جو ٻِلو پيٽي نڪا هت آهي پر ؛
پيڙهجن ٿا ظلم ۾ هت پيٽ پالها بي ثمر ؛
ٿا هتي ڪن موج ڏس ! زردار ظالم هر گهڙي !
بيڪسن ۽ بي وسن جا ويا هتي سينا سڙي !

ٿا لڳن ڏاڙا ڏڙا ڏڙ ، خوب قتلِ عام آ ؛
قوم جي عصمت سندو ، بازار ۾ نيلام آ ؛
ننگ، عزت ۽ شرافت جو ته سستو دام آ ؛
رهـزنن لئـي عيش آ اشراف بي آرام آ ؛
مير مارو پنهنجي گهر ۾ جان کان بيزار اچ !
آڌ اُگهاڙيون عورتون ، سارا اُگهاڙا ٻار اچ !

ظلم جي ٿي اِنتها ، زاريون نه ظالم ٿا ٻُڌن ؛
عاجزن آيرن جون آهون هي نه حاڪم ٿا ٻُڌن ؛
بي آجهن جي هڪ نه اچ، بي رحم بالم ٿا ٻُڌن؛
رئيس ڪامورا وڏيرا ڪين عالم ٿا ٻُڌن ؛
هر طرح هيٺن مٿي ، هر جاءِ هاڃا حال ۾ !
ويڙهيا وانگي وتن، ”ڪي وال ڪي اڌ وال“ ۾!

اسان ڪي اميد نه بلڪ يقين آهي ته ”سرويچ“ جـو هي ڪتاب سنڌي علم ۽ ادب ۽ شعر و شاعريءَ جي دنيا ۾ اضافو ٿيندو ۽ پڙهندڙ پاڻيهي ويهي فيصلو ڪندا ته سرويچ ڪيئن نه سنڌ ۽ سنڌي سانگيئڙن جي دلجوئـي ، دستگيري ۽ رهنمائي ڪئي آهي .

الله تعاليٰ اسانجي اهڙن انقلابي شاعرن کي وڏيڪ توفيق ۽ طاقت عطا ڪري ته، جيئن هو پنهنجي وطـن جـي واڌاري ۽ سڌاري لاءِ قلم کان ڪم وٺندا اڳتي وڌندا رهن .

٨- جون ١٩٧٢ع

خادم علم

علي نواز وفائي

ايڊيٽر هفتيوار آزاد ڪراچي.

# لڙڪن لار

| نظم | صفحو |
| --- | --- |
| هر سونهن ۾ قدرت نه ڏس ! | ۱ |
| نيڻو وڏي نهرا وڻن ! | ۴ |
| راڻو ڳائي جيئن روئينه .... | ۷ |
| ديسن جي راڻي سنڌڙي | ۱۱ |
| چوڙيلين جا چاڳ وڪيا | ۱۳ |
| رجهي ڪين جتي ٿو | ۱۶ |
| ٿي پونگا تن جا پهنگ ويا | ۱۸ |
| ماءُ اڳيان معصومڙيون ... | ۲۲ |
| گوڏ گوڏن ڪان مٿي | ۲۴ |
| گهوڙا ڙي ساگاهياڻي | ۲۶ |
| جرنيلن جا پيش امام | ۲۸ |
| ڪي وال ڪي اڌ وال ۾ | ۳۰ |
| پيٽ ڏڏيءَ ڏانهن | ۳۳ |
| ننگي انگ نباڻيون | ۳۶ |
| ڳٽتيون ڳوڙهن سان ڳچ ......! | ۴۰ |
| ننگ پيٽ ٻچن جي ڳالهه ـ | ۴۱ |
| مُرڪ منجهيو پئي چيڙن ۾ ! | ۴۳ |
| سگهرالن تي ساهڙيونِ | ۴۴ |
| پارا ۽ پنهنوار | ۴۶ |
| ڪورن آندن ۾ ڪُهرام ـ | ۴۸ |
| ڪريم سائين | ۵۰ |
| رڪ ٿي ويندين رڻون | ۵۲ |

| نظم | صفحو |
|---|---|
| پڙهيم پنّي ۾ پاراٺو | ٥٦ |
| ڏسان اُن ڏيهہ ۾ ڏيٺيون | ٥٨ |
| گهٽيءَ گهٽيءَ ڪي گلاب ڪريون | ٦١ |
| اسين هڪل سان هزار ماريون | ٦٣ |
| دودا ۾ دلاور | ٦٤ |
| گرز ڪُهاڙي گوليءَ سان | ٦٦ |
| وڏو پيو انقلاب اچي | ٧٠ |
| ڪُٽي اُٺو اي ڪوڏيا | ٧٥ |
| هاري جاڳ | ٧٩ |
| اُها انڌير نگري ۾ ... | ٨٢ |
| سنڌ جي سپوتن ڏانهن | ٨٥ |
| هي دلبر دلبر ديس وسي | ٨٨ |
| مارو زنده باد قلندر | ٩٣ |

## ماهيءَ ماڪيءَ جي ڪرلار

| | |
|---|---|
| بيت | ٩٩ |
| دوها | ١٠٤ |
| ڪافيون | ١٠٨ |
| وائيون | ١١٩ |
| گيت | ١٢٩ |
| لوڪ گيت | ١٣٧ |
| لوڪ گيت ( قومي جمالو ) | ١٣٩ |

*—*—*

# آلبیئر کامیو اسپانوی

# هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

(١)

سوسن سمن جي سونهن ڏس؛
ڇَهه ڇَهه چمن جي سونهن ڏس؛
تـــازن پنن جـــي سونهن ڏس؛
پنهنجي وطن جـــي سونهن ڏس؛
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

ساون سلن جــــي سونهن ڏس؛
ڪانهن ڪلن جي سونهن ڏس؛
مچين پلن جــــي سونهن ڏس؛
پاڳين پلن جــــي سونهن ڏس؛
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

ولين وڻـن جــــي سونهن ڏس؛
داڻن ڪڻن جــــي سونهن ڏس؛
”جـُو“ ۾ ڏٿن جي سونهن ڏس؛
ڏڻ جي ٿڻن جي سونهن ڏس؛
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

جبلن جهنگن جـــي سونهن ڏس؛
سونن سنگن جي سونهن ڏس؛
دڙيـــن دنگن جـــي سونهن ڏس؛
سهسين رنگن جي سونهن ڏس؛
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

بحرن برن جي سونهن ڏس؛
ڪيتن ڪرن جي سونهن ڏس؛
گهيڙن گهرن جي سونهن ڏس؛
ٽاڪن ترن جي سونهن ڏس؛
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

پيلن پنين جي سونهن ڏس؛
دم دم دنين جي سونهن ڏس؛
ٻيٽين ٻنين جي سونهن ڏس؛
گهوٽن ونين جي سونهن ڏس؛
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

وڻ ٽڻ ولين جي سونهن ڏس؛
گل ۽ ڪلين جي سونهن ڏس؛
مٽرن پلين جي سونهن ڏس؛
گجّن رلين جي سونهن ڏس؛
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

چارين چمن جي سونهن ڏس؛
سُرهين نِمن جي سونهن ڏس؛
جُهڙ ڦڙ جُهمن جي سونهن ڏس؛
ڪوٽين ڪمن جي سونهن ڏس؛
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

لاٽن لٽن جي سونهن ڏس؛
”جُو“ ۾ آين جي سونهن ڏس؛
مستن مين جي سونهن ڏس؛
وڻ تي وهين جي سونهن ڏس؛
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

جيتن پکين جـي سونهن ڏس ؛
ماکيءَ مکين جـي سونهن ڏس ؛
لاکـن لکين جـي سونهن ڏس ؛
ڪين ڪين اکين جي سونهن ڏس ؛
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

آنبن آکـن جـي سونهن ڏس ؛
لنگهن لڪن جي سونهن ڏس ؛
تڙ ۽ تڪن جـي سونهن ڏس ؛
ڪارن ڪڪن جي سونهن ڏس ؛
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

چوڏهين ۾ چنڊ جي سونهن ڏس ؛
”نوريءَ جي ڍنڍ“ جي سونهن ڏس ؛
جيڏين جي جنڊ جي سونهن ڏس ؛
سائي سمنڊ جـي سونهن ڏس ؛
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

آدين آدن جـــي سونهن ڏس ؛
خالن خدن جـــي سونهن ڏس ؛
قامت قدن جـــي سونهن ڏس ؛
ڪنهن ڪنهن بدن جي سونهن ڏس ؛
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

”سرويچ“ سانوڻ سونهن ڏس ؛
واحد جي وڻ وڻ سونهن ڏس ؛
قادر جي ڪڻ ڪڻ سونهن ڏس ؛
داتا جي ڏڻ ڏڻ سونهن ڏس ؛
هر سونهن ۾ قدرت تہ ڏس!

*—*—*

# نيٺو وڏي نهرا وڏن

اي وطن! منهنجي عزيزن ۽ آباڻن جا وطن؛
ناميارن ننگ دارن، نيت نماڻن جا وطن؛
راز رس ۽ رنگ وارن، راج راڻن جا وطن؛
سادڙن سانگين سباجهن ۽ سياڻن جا وطن؛
هم رفيقن حال پاين، هيج هاڻن جا وطن؛
ميل ميلاپن ۽ ميلن موج ماڻن جا وطن؛
اي مٺا محبوب! مٺڙن مالدارن جا وطن!
تو مٿان صدقي وڃان سانگين سنگهارن جا وطن!
دولهه دلارن جا وطن آءُ تو مٿان صدقي وڃان!!

تنهنجا مارو محنتي هر حال ۾ مونکي وڻن؛
مَر هجن محلات ۾ مَر مال ۾ مونکي وڻن؛
لاڏلن جا لاڏ لوئيءَ لال ۾ مونکي وڻن،
پرت جا پانڌي پکي ۽ پال ۾ مونکي وڻن؛
سي سونهارا سانولا هر سال ۾ مونکي وڻن؛
هو ڳڻن پريا پرين هر ڳالهه ۾ مونکي وڻن؛
قرب تن جو چا چوان اي قربدارن جا وطن!
تو مٿان صدقي وڃان سانگين سنگهارن جا وطن!
دولهه دلارن جا وطن! آءُ تو مٿان صدقي وڃان!!

تنهن جي مارن جا تہ مونکي تا مَنَهه ميرا وڻن؛
تنهن جي چوڙيلين سنديون، "چُلهيون وڻن چوُنرا" وڻن؛
نگهه وڏي، آنڻ وڏي، "نيٺو" وڏي "نهرا" وڻن؛
"من" وڏي، "ماتي" وڏي، "منديءَ" سندا ڦيرا وڻن؛
"ڏڌ" ۽ "ڏونرو" وڏي "مَکڻ" سندا ٽيرا وڻن؛
پِس پُسيون پيرون پپون ۽ ڏت وڏي ڏونرا وڻن؛
تنهن جي هرهڪ چيز چو کي چاڳ وارن جا وطن!
تو مٿان صدقي وڃان سانگين سنگهارن جا وطن!
دولهه دلارن جا وطن آءُ تو مٿان صدقي وڃان!!

لاککاٽي لوئيءَ ۾ تيون لال لوياريون وٽن؛
چاڳ وارين جون چيڙ چونرن تي چٿوياريون وٽن؛
جيڏڙين جون پنهنجي ”جُو“ ۾ جوت جنساريون وٽن؛
پلر جي پاٽيءَ تي پليل پاڪ پنهنواريون وٽن؛
۽ مٿن تي تن سندي ڪُنپين پريل ڪاريون وٽن؛
نينهن جن جو ننگ سان سي نازور ناريون وٽن؛
ناز تن تي ٿو ڪريان نرمل نظارن جا وطن!
تو مٿان صدقي وڃان سانگين سنگهارن جا وطن!
دولهه دلارن جا وطن! آءٌ تو مٿان صدقي وڃان!!

تنهنجي چوڙيلين جا مونکي چيچ جا چلڙا وٽن؛
وانديارين جي ته واتان ٿا ولا ولڙا وٽن؛
سانگياڻين جا سُريلا سُر مٺا سنهڙا وٽن؛
ڪوت ڪنگرن ڪان ٻه مارُن جا چنل پکڙا وٽن؛
گاهه گل ولين سان واسيل گهيڙ ۽ گسڙا وٽن؛
سُنهن خدا جو ساهيڙين جي سينڌ جا سڳڙا وٽن؛
ٿا وٽن مونکي ته دم دم ”دم“ ڏنارن جا وطن!
تو مٿان صدقي وڃان سانگين سنگهارن جا وطن!
دولهه دلارن جا وطن آءٌ تو مٿان صدقي وڃان!!

تنهنجي سانگين جون ته سينديون ساز ۽ سُرندا وٽن؛
چئوطرف چيٽن ۾ چالن جا چڙا چُرندا وٽن؛
ٻول ٻنين منجهه ٻانهيارين سندا ٻُرندا وٽن؛
چوتا چوڙيلين سندا سِينن مٿان سُرندا وٽن؛
مشڪ ميندن ۾ مکيل آت پؤنر ڪئين پُرندا وٽن؛
هيڪ جيڏين جا هٿين ۾ حرف هُل هُرندا وٽن؛
پيار مان توکي چمان پرين پيارن جا وطن!
تو مٿان صدقي وڃان سانگين سنگهارن جا وطن!
دولهه دلارن جا وطن آءٌ تو مٿان صدقي وڃان!!

وانگياڻين جي ته وارن جا ٽا وانگوڙا وڻن؛
سِر مٿي سرتين جي سھٽا صاف سينھوڙا وڻن؛
پيلھڙا ٻاگھين جي سِر تي ۽ چٽيل چوڙا وڻن؛
جھانگياڻين جي ڪنن ۾ جھاپ جھب جھوڙا وڻن؛
۽ مٿن تي تن سندي ٽا مڪ“ جا موڙا وڻن؛
تنھنجي ڳوٺن جا ته ڳيرو ڳاڙھا ڳوڙھا وڻن؛
تنھنجا ڳڻ ۽ ڳالھڙيون ڳايان ڳنوارن جا وطن!
تو مٿان صدقي وڃان سانگين سنگارن جا وطن!
دولھ دلارن جا وطن آءٌ تو مٿان صدقي وڃان!!

جوت جيھر مير سان جڙيل جھانگين جي جُو، جُو، جُو وٺي؛
گھر اڳيان گجرون مڙن گوھن جي گُھو، گُھو، گُھو وٺي؛
ڏڻ ڏٿولين جا وڻن ڏونرن جي ڏُو، ڏُو، ڏُو وٺي؛
راڻين جو رنگ ريٽو روپ رُو، رُو، رُو، وٺي؛
بَر بھاريا پون ڀِني باغن جي ٻُو، ٻُو، ٻُو وٺي؛
قرب مان قمريون ڪڏن ڪوئل جي ڪُو، ڪُو، ڪُو وٺي؛
جان ۾ جايون سندءِ او جيءَ جيارن جا وطن!
تو مٿان صدقي وڃان سانگين سنگھارن جا وطن!
دولھ دلارن جا وطن آءٌ تو مٿان صدقي وڃان!!

ڏيھ جا ڏوٽي وڻن ڏونرن تي ڏوٽياڻيون وڻن؛
ڍٽ پاسي ڍيل جھڙيون ڍول ڍاتياڻيون وڻن؛
ڍاتياڻين جي ھٿن ۾ موڪ مانڌاڻيون وڻن؛
پيچ پنڙيءَ ريت تي ڪن پوڳ پاڳياڻيون وڻن؛
۽ ڪٺيرين جي ھٿن ۾ خوب ڪانياڻيون وڻن؛
ساڙھ جون سوڍيون ”سرويچ“ سانگياڻيون وڻن؛
ڪوڏ مان توتي ڪڏان ڪوپن ڪنڌارن جا وطن!
تو مٿان صدقي وڃان سانگين سنگھارن جا وطن!
دولھ دلارن جا وطن آءٌ تو مٿان صدقي وڃان!!

گولاڙي ۾ گول پڪي يا آهي گجر جي گج جو گل؟
چاريون جهڙا ڪرڪي چاچي شاديءَ جو ڪن شوق شغل؛
ڪرڙن ڪنڊلا پاتا جهڙا ڦوهه جواني جهليا ڦل؛
پيرين ڪيرين کهنبا اوڍيا جهاڳن واري پاٺون جهل؛

جاري هرهنڌ جهرمر جلوا، جلوا جهرمر جوت جمال!
آ تہ ڏيکاريان توکي پنهنجن ماروئڙن جي قيل مقال!

ڪينجهر جا پُرڪيف ڪنارا تن تان ٿيا قربان گهڻا؛
”موئن“ جي محبوب مٽيءَ تان حاڪم ٿيا حيران گهڻا؛
”سنڌوءَ“ جي پُرڪيف ڪنڌين تي ماڻهو ٿيا مستان گهڻا؛
ڳاج ملير ۾ باران جا ٿيا عام مٿي احسان گهڻا؛

”پوراليءَ“ جي پاڻي تي جي پلجن تن ۾ قرب ڪمال!
آ تہ ڏيکاريان توکي پنهنجن ماروئڙن جي قيل مقال!

سانگيئڙا ”سِرويچ“ سڀيئي سرويچن جي سرخ زمين؛
ماروئڙا ”ماهيند“ مڙيئي محبوبن جي سرخ زمين؛
ساٿيئڙا سِر ٿوڙ سڀيئي سانبيئڙن جي سرخ زمين؛
ڏوليا مولهين ساڻ سونهن ۾ ڏاتيئڙن جي سرخ زمين؛

هرهڪ دودو ديس دلاور هرهڪ جي آ هٿ ۾ ڍال!
آ تہ ڏيکاريان توکي پنهنجن ماروئڙن جي قيل مقال!

*—*—*

# ديسن جي راڻي سنڌڙي

جان ڪان مونکي پياري تون نماڻي سنڌڙي ،
ساهه منهنجي ڪي تہ تون آهين سيباڻي سنڌڙي .

سِرجندي ڪان سانديو تون مهربان مونتي سدا ،
سا پلا چئو ڪيئن وساريان چاڻي واڻي سنڌڙي .

جهول ۾ جيجل جيان تو پاليو پاپل ڪئي ،
دل بڌي توسان اٿم ديسين جي راڻي سنڌڙي .

تو سندي واري بہ مون لئي آهي عنبر کان وڌيڪ ،
آب ڪوثر کان تہ اگرو تنهنجو پاڻي سنڌڙي .

ڌارين جي ڪيمخوابن، بخملن ڪان پڻ مٿي ،
اَن سندي لوئي اُڇي آ لاکاڻي سنڌڙي .

ڌارين جي محل توڙي ماڙين کان پڻ مٿي ،
آهي قيمت ۾ ڪثر "پيهي پُراڻي" سنڌڙي .

ڌارين جي ست رچين کان سچ تہ مونکي تا وڻن ،
پلءپل ڌوُنرا پُسي لُوٽڪ ۽ لاڻي سنڌڙي .

ڌارين جي خاندانن کان تہ خوبين ۾ وڌي ،
تو سندي سادي سٻاجهي "مي مهاڻي" سنڌڙي .

تو سندا ٻيهہ پن پيٺ مچيون پلا ڪئم ڪوٽيون ،
دم نہ دل تان تا لهن منهنجي ڍهاڻي سنڌڙي .

هر غذا تنهنجي سٺي هر دل پسند تنهنکي ڪري ،
ڏڌ مکڻ گيهه کير ڏونري جي ڏچاڻي سنڌڙي .

هر گھڙي هر حال ۾ تون حال پاياڻي سدا ،
سار سُک ۾ ٿي لهين سورن ۾ ساڻي سنڌڙي .

تو ۾ مومل جون ته ماڙيون مارئي جا ماڳ پڻ ،
تو ۾ سرجي هٿي سسئي نوري نماڻي سنڌڙي،

تو ۾ سهڻيءَ سڌ ڪيا ميهار کي مهراڻ ۾ ،
صبر سورٺ جو ٻه تو ۾ اي سياڻي سنڌڙي .

جهول پنهنجي ۾ جڳهه ڏئي پيار جن کي تو ڏنو ،
سي عدو اڄ ائين چون آهي اڇاڻي سنڌڙي .

دائما "سرويچ" شل منهنجو سچو سائين ڪري ،
سنڌ ۾ قائم رهي سنڌي اباڻي سنڌڙي .

*—*—*

## ١٤- آڪٽوبر ١٩٥٥ع جي سانحي تي.

# چوڙيلين جا چاڳ- وڪيا

اي يار سڄڻ! چا سور سليان نت نيڻن مان وهي نير پيا؛
هن ساڳيئي ڏينهن سنڌين جي، ها ڪنڌن ۾ زنجير پيا؛
هن ساڳيئي ڏينهن سنڌين کي سؤ ڇهڪ بدن ۾ چير پيا؛
هن ساڳيئي ڏينهن سنڌين کي ها جان جگر ۾ جهير پيا؛
هن ساڳيئي ڏينهن سنڌ امڙ جا عضوا عضوا عام وڪيا!
يرا! وانگين جا ون يونٽ ۾ گس گهيڙ گهٽيون گهر گام وڪيا!

هي پنهنجن پيارن مٽڙن ماروئڙن جا ماڳ وڪيا؛
هي مالوندن تن مانگيئڙن جا مينهون ۽ ميهاڳ وڪيا؛
هي ڀاڳ ڀليرين ڀاڳياڻين جا پونگا پيٽيون ڀاڳ وڪيا؛
هي چؤراهي تي چورن ويهي ”چوڙيلين جا چاڳ“ وڪيا؛
هي ننگ پيارن پرين جا هٽ صبح وڪيا ۽ شام وڪيا!
يرا! وانگين جا ون يونٽ ۾ گس گهيڙ گهٽيون گهر گام وڪيا!

هن ”ظالم“ کي ڪا لڄ نه پيئي لوپارن جي لوين جي؛
هن جابر وڪڻي جُو چڏي يرا! جهانگيئڙن جي جوين جي؛
شل لاک لهي تنهن لوڀيءَ جي جنهن لاک لڄائي لوين جي؛
هو پت وڃائي پاپي ويٺو اڳين توڙي پوين جي؛
هن ڪوڙين ڪوڏين تي ڙي پائو! آيرن جا آرام وڪيا!
يرا! وانگين جا ون يونٽ ۾ گس گهيڙ گهٽيون گهر گام وڪيا!

هن ڪاڏي جي ڪل لاهيون اڄ جِنهن ڪاهوڙين جا ڪيٿ وڪيا؛
هن موتين جهڙن ماڻهن جا يرا! چاندي هاٿا چيٽ وڪيا؛
هن پنهوارن جا پائي پائي پڊ پڪا ۽ پيٽ وڪيا؛
هن لڄي لوري لوپي پنهنجا لاکيٽا هي ليٿ وڪيا،
هن سون سريڪا سانگي پنهنجا سستي سستي دام وڪيا!
يرا! وانگين جا ون يونٽ ۾ گس گهيڙ گهٽيون گهر گام وڪيا!

هن "شودي" ڏاڍا شرط هٽي، هت شهزادين جا شان وڪيا؛
هن مورن جهڙين ماروئڙين جا مانيءَ تي هت مان وڪيا؛
هن آس وندين تن ادين جا سڀ اميدون ارمان وڪيا؛
هن سنڌ وطن جا سورهيه سانگي، اعليٰ ڪئين انسان وڪيا؛
هن آبّن ڏاڏن وارا سيئي نيشانيون نيڪنام وڪيا!
ير! وانگين جا ون يونٽ ۾ گس گهيڙ گهٽيون گهر گام وڪيا!

هن دشمن ٻنين ٻارن سان گڏ ٻاباڻن جا ٻار وڪيا؛
هن ويري ونهين ويڙهيچن جا ويڙها ۽ ويچار وڪيا؛
هن جوفي سان اڄ جنگ ڪريون جنهن جيڏين جا جنسار وڪيا؛
هن منڪر ڪي اڄ مات ڪريون جنهن سنڌڙي جا سينگار وڪيا؛
هن آيل ماءُ جا اڱڙا پائو آتر اوير عام وڪيا!
ير! وانگين جا ون يونٽ ۾ گس گهيڙ گهٽيون گهر گام وڪيا!

هن ساٿيهه پنهنجي جا او ساٿي سوزائتا ساز وڪيا؛
هن مٺڙن مٺڙن ٻولن وارا آلاپون آواز وڪيا؛
هن نانگي نيڪ نياڻين جا هت نيزي چاڙهي ناز وڪيا؛
هن روح رهاڻين ريجهن وارا روحاني رنگ راز وڪيا؛
هن قرب ڪچهريون ساريون وڪيون اقرار و انجام وڪيا!
ير! وانگين جا ون يونٽ ۾ گس گهيڙ گهٽيون گهرم گام وڪيا!

هن ريتون رسمون ساريون وڪيون، روپ وڪيا ۽ رنگ وڪيا؛
هن قوم سچيءَ جا ڪرسي خاطر، نالا نيڪيون ننگ وڪيا؛
هن قوم سچيءَ کي قيدي سمجهي، درياهه ڏڙيون ڊنگ وڪيا؛
هن ٻاجهر جوئر سارين جا ير! سونا سهٽا سنگ وڪيا؛
هن غيباڻن هت گهوڙن وانگر گهوڙا ڙي! گڳدام وڪيا!
ير! وانگين جا ون يونٽ ۾ گس گهيڙ گهٽيون گهر گام وڪيا!

# .... رجھي ڪين جتي ٿو !

دنيا ۾ ڏکيو ڪنهن کي، ڏسڻ سهي نہ سگھان ٿو !!
ڏاڍن جو غريبن کي ، ڏنيڻ سهي نہ سگھان ٿو !!

بي خوف زمانو هي خطرناڪ ويو ٿي ؛
هڪ رات منجھس يار ، رهڻ سهي نہ سگھان ٿو !!

ڪپڙي جي ٽڪر ڪاڻ، يا ماني جي گڀي لئي ؛
معصوم نياڻين جو ، روئڻ سهي نہ سگھان ٿو !!

هي ٻار اگھاڙا ۽ آگھا پيٽ بکيا ڙي ؛
رستن تي انهن جو تہ رُلڻ سهي نہ سگھان ٿو !!

ڪنهن شرموندي ڏيءَ جو ، شڪارين کان بچڻ لئي،
ليڙن ۾ گھٽون ڏيئي لڪڻ سهي نہ سگھان ٿو !!

هن جوءِ سندو جھوپڙيءَ ۾ جوان ڏيئن سان ؛
سردي ۾ اڙي سائين! ڏڪڻ سهي نہ سگھان ٿو

هن پيڻ بکايل جو اميرن جي درن تي ؛
سٽيي ڪنهن گرهہ لاءِ سڪڻ سهي نہ سگھان ٿو!!

هن شهر پرئي ۾ تہ ڪنهن رنڙيءَ جي جھگيءَ جو ؛
برسات ۾ او پائو تمڻ سهي نہ سگھان ٿو !!

هن ناز نماڻيءَ جو اگھاڙي تہ آرهہ سان ؛
آني ڪ ٽڪي لاءِ پنڻ سهي نہ سگھان ٿو !!

زردار سندي ظلم سبب ٿاڻي جي اگيان اڄ ؛
ڪنهن زال اگھاڙي جو نچڻ سهي نہ سگھان ٿو!!

بيمار ٻچو هنج ۾ هاري جي هنجون ماءُ ؛
گھوڙهن جو ڳلن تان سو وسڻ سهي نہ سگھان ٿو !!

# ٿي پونگا ڌن جا پينگ ويا...!

هن پنهنجيءَ پاڪ پياريءَ ڌرتيءَ مانجهي مٽيادار چٽيا ؛
هن سچل گهوٽ پتائي جهڙا ڪامل ڪلنگيدار چٽيا ؛
هن دودي هوشو بلوءَ جهڙا جري ۽ جونجهار چٽيا ؛
هن پنهنجي سنڌ سونهاريءَ يارو ارڏا اڻ جهل بار چٽيا ؛
هن جوڌا جوڌا جُنگ چٽيا هن ٻاونگ ٻاون وير چٽيا !!
اي ساٿي سنڌ آمڙ جي مٽي ڪهڙا ڪهڙا مير چٽيا !!

اج سنڌ وطـن جـي ساري آ ۽ پنهنجي ناماچاري آ ؛
اج رت اوهانجي لائي ٻچڙا گهر گهر ۾ گلزاري آ ؛
هيءَ جنگ جبر سان جوٽيل پنهنجي جاري جاري آ ،
اج مارئي ٻاگهي زرقا سنڌ جي هرڪا ناري ناري آ ؛
اج اختر مائي ملوڪان ياڳي جهڙيون چايون ياڳين ۾!!
چا سوز سمايل آهي شاعر! پنهنجن گيتن ڪافين ۾!!

ڪجهه پنهنجن دردن سورن جي اج يارن سان ڪاڳالهه ڪجي؛
جو ماڻهن تي هت گذري ٿو، سو اندر جو احوال ڪجي؛
جو حال حبيبان آهي سو ئي ويهي پريان نال ڪجي؛
هت جيئون ڪيئن ٿا سو ئي سارو عرض حقيقت حال ڪجي؛
هت ڪيئن ٿو مارن ماڻهن جو بس جيئري پٽيو ماهه وڃي !!
۽ ڪيئن ٿو ساڙيو سانگين جو ير سورن ۾ هت ساهه وڃي !!

هر وڪ مٽي هت وينا آهن واڳن جيڏا وات گهٽا ؛
هر ڪنڊ مٽي سي قاتـل ڪٽيو بينا آهن ڪات گهٽا ؛
بس ماڻهوءَ جو ڪو ماس ملي ايءَ! تسبيح تي ڪن تات گهٽا ؛
هي هيڏو سارو ڏوڪو ماڻهن سان ٻيا ڪن ڏينهن رات گهٽا ؛
ڪي ملان مارن ماڻهن جون هت پيڙيون وينا ٻوڙين ٿي !!
هو مذهب ڪي منجهڙايو خالي هت جون وينا جوڙين ٿي !!

هي ماڙين جهڳين جي هٿ جيسين جاري رهندي جنگ ميان ؛
هٿ ڏاڍا هيٺن کي پيا جيسيتائين هٽندا ڏنگ ميان ؛
هي دولت جو آ جيسيتائين اونڌو اُبتو ڍنگ ميان ؛
بس تيسيتائين ڪنگالن جي گهر ۾ رڙندا ڪنگ ميان ؛
سڀ ٻار سندن بيمار بکيا ۽ جاهل رهندا رهندا پيا !!
هو آني اَڌ لئي رستن تي رت روئندا رلندا پنندا پيا !!

اڄ ننڊن مان بيدار ٿيو اي ! ملڪن جا مزدور اٿو ؛
اي هاريو ! پنهنجا حق وٺڻ لئي پيڙا تي ڀرپور اٿو ؛
اي جوان اٿو ! ۽ ٻار اٿو ! سڀ پوڙها پوڙها جهور اٿو ؛
۽ ظالم کي اڄ زير ڪرڻ لئي ڪوڙ ڪٽي انبور اٿو ؛
اڄ سنيري سڀ ”سرويچ“ اٿو! اڙٻنگ اٿو اڻ موت اٿو !!
۽ ڏاڍن کي اڄ ڏارڻ لاءِ ڪونڌر ڪونڌر گهوٽ اٿو !!

*—*—*

# هڪ واقعو

وات ونيو پئي وٽڙس تان هڪ ناري ويني نير رُني،
پر ۾ ٻيهي تنهن پيٺ ڪان پڇيم ادڙي! توسان ڪير وڙهيو ،
لڙڪ ڳنديءَ سان اگهندي، سرد آهون ڀريندي هينئن چيئين ،
منهنجي ننڍڙن کي ته لنگهڻ ۾ آهي اڄ ٽيو ڏينهن لڙيو .

—*—*—

# ماءُ اڳيان معصومڙيون....!

مون ڏٺا هر مُند ۾ مارن تي مارا سنڌ ۾؛
سانگين سُهمن سان گهاريا سال سارا سنڌ ۾!

جيئن نه ڪو قيدي گذاري تيئن ٿا گهارن زندگي؛
بيڪس و مجبور بکيا، بي سهارا سنڌ ۾؛

ڪين ڏي ٿو ڪو به ڪنهن ڪنگال کي اي ياراڄ؛
چار آنا چئن ڏينهن لئي اُڌارا سنڌ ۾!

ماءُ اڳيان معصومڙيون هر مهل ماني لئي رڙن؛
هي ڏسان ٿو همنشين هردم نظارا سنڌ ۾!

نيڻ آلا وار اٿيا چپ سُڪل چهرا اُداس؛
وانگين ويڙهيا بدن تي ويس ڪارا سنڌ ۾!

هر گهٽيءَ ۾ گُرگ ۽ هر وات تي واڳون وِچون؛
هر قدم تي دم ختم ڪن نانگ ڪارا سنڌ ۾!

ننگ ٿيو نيلام مارن نور چٽ نندون حرام؛
تا نماڻن جي نِڇن نيڻن مان نارا سنڌ ۾!

سور سهندي سور چرندي ٿيا گذر گذرن پيا؛
سانگين جا سائين ڙي! سانوڻ سيارا سنڌ ۾!

جيئن سرون ڪورن ۾ ڪامي، ڪامي ٿيئيون لال يار؛
تيئن، ڪِڄن، ڪامن، ٻرن هي پيا پيارا سنڌ ۾!

مامرن، مرضن، ڏکن، مارن جي نيئي مت الا؛
پٽڪندا در در گهمن هي بيقرارا سنڌ ۾!

مفلسي مئڙن کي ماريو منهن ڪٽڻ جهڙا نہ ٿيا ؛
لوڪ ڪان لڪندا گهمن لالـن لچارا سنڌ ۾ !

مال چٽ ۽ مان چٽ، مارن جون چٽ ٿيون محنتون؛
هڙ لٽي هيٺن جي ويا همراهہ هچارا سنڌ ۾ !

پورهيو پورهيت جو ڪائي پيٽ پيتوڙين پريا ؛
پاپ جـا هر پهر تـي پسجن پسارا سنڌ ۾ !

اڄ بہ هاماني حڪومت اڄ بہ فرعوني فضا ؛
اڄ بہ پيا پسجن هزارين ”زار“ پارا سنڌ ۾ !

ڏيل ڏوتين جو ڏڪائي ۽ ڏکن تي ڏيئي ڏ ُک ؛
ڏاڍ سان ڏاڍن پسايا ڏينهن جـا تارا سنڌ ۾ !

ساٿيو! جاڳو سگها ڪي پيا بہ جاڳايو جوان ؛
تان سجاڳيءَ جـا وڄايون، نر نغارا سنڌ ۾ !

سر ڏيو ”سرويچ“ ٿيو سـِر سان ڪفن پنهنجي پڌو ؛
ظلم جـون پـاڙون پٽي ٿيون ناميارا سنڌ ۾ !

*—*—*

# گوڏ گوڏن ڪان مٿي ....!

دیس وارن جي ڏُکن ڪان، دل تي غم آلام ٿيو ؛
بي سُکو ٿيو بُت سڄو ، ۽ روح بي آرام ٿيو !

حال پائي، حال ۾ تون، هاء! هاڃان هو ته ڏس ؛
ماءُ سڳيءَ جي هنج ۾ ڪوندر ڪلهو قتلام ٿيو !

ڪيئن سانگي سُک سُمهن ۽ ، ڪيئن رهي ست سيل تن ؛
گهيري گـُرگن جي ۾ ڏس! گهوڙا ڙي!! هرهڪ گام ٿيو !

ڪين ڪنهنجو ڪجهه بگاڙي، ڪين ڪنهنجيءَ ۾ ڪڏهن ؛
پـوء به ساري ڏيهه ۾ مسڪين ڏس ! بدنام ٿيو !

زهر جا ڍُڪ تي پياري هيءَ به ڪا ير ! زندگي ؛
جانبو! جـي سچ پچو جيئڻ بـراء نـام ٿيو !

ڏينهن گذرن ڏسڪندي ۽ ، رت روئي راتيون غريب ؛
گـونـدرن ۾ گهوٽجي ويچـارڙو گمنـام ٿيو !

وقت تنهن سان ووئي ووئي !! ويـل واويلا ڪيا ؛
چـُور تنهنجو سور ڪان هرهـڪ ادا ! انـدام ٿيو !

هـر هٽي جنهن رات ڏينهان رت ولوڙي آن ڏنو ؛
بـُک ، بيماريـون ۽ اوگهڙ آن سندو انعـام ٿيو !

”گـوڏ گوڏن ڪان مٿي“ سِر ، پير ۽ پٽڙا ننگا ؛
الله! الله !! آدميءَ جو ڏس ته ڇا انجام ٿيو !

چند ڪوڏين تـي تو وڪٽي پيءُ پياري ڌيءَ کي ؛
هـاء انسان جـو الا ! ڪيڏو نـه سستو دام ٿيو !

پيٽ ۽ پوٽــيءَ جي فڪرن ۾ ته سوچيندي سدا؛
ڪو مريضِ سلھ ٿيو ڪنھن کي ڏسو سرسام ٿيو!

پائي پائي ڪاڻ جھوتون، ڏيندي ڏيندي ڏيھ ۾؛
جھانگين جي ڏس ته جاري جَرَ اکين مان جام ٿيو!

ھوءَ نياڻي نيڪ ڏس تون نيڻ جنھنجا پيا نِچن؛
لپ آٽي جـــي لاءِ اُن جـــو ننگڙو نيلام ٿيو!

ويــا نياڻين کـــي ڪمائيندي، ٻَنا ٻيڻن ۾ پٽي؛
پوءِ به حاصل ڪين تن کي سُک صبح ۽ شام ٿيو!

اڄ به ڪن ٿيون آيلون لولي جي ڪارڻ ليلڙاٽ؛
ھر گھوڙي چڻ گھر ۾ تن جي موت ۽ ماتام ٿيو!

ڪالھوانڪر وال ڪپڙي جي لئي ھڪڙو پيرسن؛
واھـــون ڏيندي ڏيندي آخـــر نيٺ سو ناڪام ٿيو!

قـــوم فاقـــن ۾ فنا ته به شاعـــرن کي يـــاد ڏس؛
”گلبدن، گلفام ٿيو“ ساقـــي، صراحـــي، جـــام ٿيو!

رھزن و مڪّار قومـــي قاتلن جي حلق تي؛
شعر ھي ”سرويچ“ تنھنجو تير ٿيو صمصام ٿيو!

—*—*—

# گهوڙا ڙي ساگاهباڻي

منهنجا مُرشد گهوٽ پٽائي ، منڙا مٽيادار لطيف ،
دلڙي دم دم ساري توکي ، دلبر او دلدار لطيف ؛
سارين ساريون راتيون توکي ساٿيهہ جا سنگهار لطيف ؛
ٻاتين ٻاتين ٻولين ۾ تا ٻاڪارون ڪن ٻار لطيف ؛
تنهنجي پونءَ پلاري تي ، ڏس پاڳين پيليا پاڳ لطيف!
واچوڙن جي وات اچي وئي وانگيئڙن جي واڳ لطيف!

پنهنجن منڙن مارُن جا هت موذين ڪاڏا مال لطيف ؛
سانگين ڏاڍا سور سنا سچ! سارا سارا سال لطيف ؛
نياڻين لئي ٿيا نيٺر هتڙي، ڪاريون ڪونيون ڪال لطيف ؛
جيلن ۾ ويا جام جلي هت مائن جا لک لال لطيف ؛
حـق گهرڻ لئي هردم تن تي، گولين جا گو گهات لطيف!
”جيئي سنڌ“ چون جي تن تي، سونٽن جا سوسات لطيف!

مومل سومل سوڍي تنهنجي سهڻي نير وهائي سائين ؛
مارئي مارون ڪائي پيئي ، ماروئڙن جي لائي سائين ؛
وڻ وڻ ڪان پيئي وات پڇي ۽ وانگين لئي واجهائي سائين ؛
ڪوٽ ڪِري ۽ جيل جُهري هي گپيئڙا ويئي گهائي سائين ؛
ابيئڙا پايو پايو ، آس لڳايو ويئي آهي لطيف !
ماروئڙا هي ڪوٽ عمر جو ڄاڻ وجهندا ڏاهي لطيف !

ڏوٿين ڪي هي ڏيهہ سڄو تو ڏينهوءَ وانگر ڏنگ هڻي ؛
ويچارن جي وائي ڪن ڪي ووءِ ڙي تي ڪين وڻي ؛
ڳٽين ڳاهيل ڳوناٺين جا ڪهڙا ڳٽجن سور ڳڻي ؛
موتين جهڙا ماڻهو منڙا ماريا آهن آنّ ڪـڻي ؛
ويچارن جي واهہ نہ ڪائي دانهون ڪن ڏنار لطيف !
سانگيئڙن جي سار سگهو لـهہ ساٿيهہ جا سينگار لطيف ! .

ڪالهہ ڏنم هڪ ڏوٿيائي جا ويچاري هئي واهپائي؛
جهريل جهوپي ۾ پئي جنجهڪي، جهول جهليو سا جهانگياڻي؛
سبنڌ سُڪل ۽ سَنڌ سٽيل سا سورن ساڙيل سانگياڻي؛
گوڏ ڦاٽل هئي تنهن کي گهوڙا! گهوڙا ڙي!! سا گاهياڻي؛
وارن ۾ هئي واري تنهنجي، وَر وَڏيو چئي وَر لال لطيف!
ليڙن مان لچ لوڪ تڪي او! لا ڪيٽا لچپال لطيف!

دنيا دوزخ بنجي ويئي ، پٽ جا گهوٽ پٽائي پاءُ ؛
ويچارن ۾ وانگي ويچارا هي کهڙو وريو واءُ ؛
سانگي سنبرن ڪين ڪڏهن ٿا، سهنجوسو ڪو سُک جو ساءُ ؛
هرهڪ جي اڄ دل ۾ آهن گوڏي جيڏا گهرا گهاءُ ؛
اٺيا وار ۽ "اگ اگهاڙا"، آلا تن جا نيڻ لطيف !
سورن جي سنسار اندر پيا، تنهنجا سڄڻ سيڻ لطيف !

تنهنجون وايون جو ٻہ وساري! اهڙو ٻزدل پاءُ نہ ڪپي ؛
تنهنجا مخالف ٻار چٽي جا ، اهڙي منڙي ماءُ نہ ڪپي ؛
راڻين ڪي جو رت روئاري ، اهڙو رهزن راءُ نہ ڪپي ؛
وانگين جي جو واڙ اُڏائي ، اهڙو ويري واءُ نہ ڪپي ؛
سانگين جا جو سور مٽائي ، اهڙو اڙٻنگ آڻ لطيف !
مارو موج ملهائن ، موجن ساڻ وهي مهراڻ لطيف !

پورهيت پورهئي منجهہ ڳري، پر پوءِ بہ نہ تنهنجي پوري هاءِ ؛
سارو ڏينهن ٿو سور چري، تہ بہ هرڪا آس اڌوري هاءِ ؛
سيٺن لئي "سرويچ" ادا هت ، سچ سلڻ تي سوري هاءِ ؛
ماري تي نيت ماروئڙن ڪي مانيءَ جي مجبوري هاءِ ؛
پور پڪي لئي پٽڪي ڪنهنجي ماءُ ۽ ڪنهنجي پيڻ لطيف!
منظر اهڙا ڏسندي نير تمائن نيڻ لطيف!

—*—*—

# جرنيلن جا پيش امام

”جي جي“ منهنجا ”هوش محمّد“ هاڪارا با همت يار؛
سنڌڙي جا سرويچ سدورا سانجهي منڙا مٺيادار؛
قابل ڪونڌر ڪاڪ ڏجاٽين جا تون ڪوٽ ۽ ڪلهگيدار؛
پير چُمان آئون پلپل تنهنجا وينو پاڳارا پڳدار؛
تنهنجن ٿورن جا آئون وينو تورا ڳايان صبح شام!
جُنگ بهادر، جوڌا جانب جرنيلن جا پيش امام!

دشمن سان تو دولهه دلبر، وهه واهه جهڙي جوتي جنگ؛
دشمن جي تو داناءُ دودا! ڏرتي دهشت سان ڪئي تنگ؛
ويرن ۽ وريامن وارو ويريءَ ڪي تو پاتو ونگ؛
سِرڙو ڏيئي تو ته بچايو سنڌياڻين جو ناڻءُ ۽ ننگ؛
ڏوٿين جا ڙي ڏاڏا سائين توتي منهنجا لک سلام!
جُنگ بهادر، جوڌا جانب جرنيلن جا پيش امام!

سنڌڙي تو ڪي سورهيه سائين، اڄ پڻ ساريو ساريو روءِ؛
آب اکين ۾ آٽيو چئي پئي هينئر جيڪر ”هوشو“ هوءِ؛
دشمن ماري مات ڪري ۽، داغ سمورا دل تان ڌوءِ؛
وَر ڙي ”هوشو“! وَر ڙي ”هوشو“ ويرين ويل مچايو ووءِ؛
سَڏڙا ڪَريو جيجل چئي تي، جلدي مونڏي ور وريام!
جُنگ بهادر، جوڌا جانب جرنيلن جا پيش امام!

تنهنجي ساڻهه وارن سهڻن سانگين سهسين سور سنا؛
جور جبر ۽ قهر سندا تِن ماروڙن تي مينهن وَنا؛
بيدادن جي باهه ۾ برندي پرندي پئجي ويان بنا؛
گرگ سندي هن گهاٽي ۾ ڪئين گلڙن جهڙا گهوٽ گنا؛
ڪاموراٽي قهر سبب هت ڪونڌر تي ويا ڪئين قتلام!
جُنگ بهادر! جوڌا جانب جرنيلن جا پيش امام!

توکان پوءِ تنھنجي سنڌڙي سورن آھي ساڙي ياءُ ؛
واڳن جي ور ويچاري پئي وريا تنھن تي زھري واءُ ؛
غيرن ان جي ٻاڙيءَ ٻاڙيءَ تي کيا گھرا گھرا گھاءُ ؛
پنھنجن پڻ آ ھٿ سان ماري پنھنجي منڙي جيجل ماءُ ؛
کنڌ کٹون چئو کھڙو تنھنجي اڳيان منھنجا عالي چام!
جُنگ بھادر ! جوڌا جانب جرنيلن جا پيش امام !

”مر ويسون پر سنڌ نہ ڏيسون“ سُٹندي تنھنجو قول سچاڻ؛
ناز منجھان ڏس نکري پيا اڄ سھسين سوڍا ۽ سرواڻ ؛
ساڳيا ڏي سپ تو وارا تا پسجن تن ۾ اڄ اھڃاڻ ؛
سنڌڙي تان سِر کير نہ ڏيندو ، آھ چيو چا ڏس اڳواڻ ؛
” جيئي سنڌ “ آ ورد وظيفو ، پڙھجي پيو سو صبُح شام !
جُنگ بھادر ! جوڌا جانب جرنيلن جا پيش امام !

پالا ھٹندا پاکر پائي وڙھندا رھندا ھي سپ گھوٽ ؛
کيرائيندا ڏينھن کَ بن ۾ کارا سي سپ قھري کوٽ ؛
سنڌ آمڙ جي سينڌ سجائڻ لاءِ مَردن کاڏي موٽ ؛
ٻوليءَ تان جي ٻرندا تن جا پيرا کيندا سين ير ! پوٽ ؛
وانگيئڙن کي واپس پنھنجا ، ڏياريندا سين ماڳ مقام !
جُنگ بھادر ! جوڌا جانب جرنيلن جا پيش امام !

صدقي توتان شال ٿيون او کامل کونڌر کيھر شينھن ؛
تنھنجي نعري ساڻ اسين ھٿ نوان لڳايون تا اڄ نينھن ؛
تربت تنھنجي تي تہ وسائيندا سون محبت پريا مينھن ؛
ساٿيئڙا ”سرويچ“ آتي پيا سنڌڙي ڏينداسون ير! کيئڻ ؛
ماري ماري مردودن جا ڍاھينداسين ماڳ مقام !
جُنگ بھادر ! جوڌا جانب جرنيلن جا پيش امام !

*—*—*

# ڪي وال ڪي آڏ وال ۾

دوست ! منهنجي ديس جَي تو ڪي سڻايان ٿو خبر ؛
ڇا وهي ڇا واپري پيو ، ڳالهه هن ڏي گوش ڪر ؛
ڪيئن ٿا گذرن غريبن جا هتي شام و سحر ؛
پر ٻڌائج ڪين ڪنهنکي ڀهرين مونسان قول ڪر ؛
ڇو تہ ساٿي! هت لڳي ٿو سچ چوڻ تان مچ وڏو !
تنهن ڪري آ ماٺ ۾ هــن قوم جو ننيو وڏو !

ڳالهيون آهن گهڻيون پر ٿو ٻڌايان مختصر ؛
هت غريبن جــا اٿيئي رات ڏينهان چشم تر ؛
بي سهارن جو ٻلو پيٽي نڪا هت آهي پر ؛
پيڙهجن ٿــا ظلم ۾ هت پيٽ پالها بي ثمر ؛
ٿا هتي ڪن موج ڏس ! زردار ظالم هر گهڙي !
بيڪسن ۽ بي وسن جــا ويا هتي سينا سڙي !

ٿا لڳن ڌاڙا ڌڙا ڌڙ ! خــوب قتل عــام آ ؛
قــوم جي عصمت سندو ، بازار ۾ نيلام آ ؛
ننگ عزت ۽ شرافت جو بہ سستو دام آ ؛
رهــزنــن لئي عيش آ ، اشراف بي آرام آ ؛
مير مارو پنهنجي گهر ۾ جان ڪان بيزار اچ !
آڏ آگهاڙيون عــورتون ؛ سارا اگهاڙا ٻار اچ !

هت ٿيو هر وقت هيڻن جو تہ هيڻون حال آ ؛
زندگــي ٿــي بار پائــو ! ۽ جيئڻ جنجال آ ؛
هر جڳهه مسڪين حيران ، حال ڪان بي حال آ ؛
لڄ ليڙون ٿي ويس، خطري ۾ جان و مال آ ؛
رات ڏينهان عام ڪي عصمت سندي فڪرات آ !
سچ سهنجن جو نہ سنيرن ، بس! ڏکن جي رات آ !

ظالمن جي ظلم کان ، انسان ٿيو برباد اڄ ؛
هڪ بکون بيماريون ۽ پيو رڳو بيداد اڄ ؛
ڪوس ڪارو قهر آ ، هر نئون ستم ايجاد اڄ ؛
گهر ۾ گهوڙا ويڪ ووء ، دربدر اولاد اڄ ؛
دانهن دعوي ڏُف ٿي ، بس! ڪونڪو قانون آ !
قوم جو هر فرد جيئري ٿي ويو مدفون آ !

رات ڏينهان ملڪ هن ۾ راڄ رشوت جو هلي ؛
وڃ مٿي آفيس ۾ بس! تا چڏن ابتو ڪَلي ؛
جان هڪڙي کان چڏائي، تان اچي پيو ٿو جَهلي ؛
هي ٿُٺي چڻ پونگ مڪڙن جي ته تنهن پرور پَلي؛
چور جيئن چوسي ڪيو تن ڪوکلو آ قوم کي !
خوب ڪاڏو تن ته سمجهي بي بِلو آ قوم کي !

اسپتالن منجهه مريضن ڪاڻ مرهم ڪونه آ ؛
هن بکيئي بيمار جو ڏس ڪنهنکي ٿي غم ڪونه آ ؛
ڪيئن ٿئي علاج اُن جو دوستڪو َدم ڪونه آ ؛
هر طرف انڌير آ ، هيڏو ستم ڪٿ ڪونه آ ؛
هيء حماتيون ڪيتريون دارون بنا ٿيون در گذر !
”ڊاڪٽر ويچارڙا“ ٿيا ڏوڪڙن لئي منتظر !

بار مسڪينن جا آهن بُک کان بي حال ٿيا ؛
پر نوابن ۽ وڏيرن جا ڪُتا خوشحال ٿيا ؛
قوم جو اونو نه آهين ، ڏس! ڪتن جا پال ٿيا ؛
لوڏ ”سوئرن“ ۽ ”رڇن“ جي جا لکي لکپال ٿيا ؛
بي اجها انسان ٿيا ۽ هو مُرن لئي ڪوٽ ڏس!
هو ڪُتن جي ڪنڌ ۾ تون ، ساوا ڳاڙها نوٽ ڏس !

ٿي وئي انسان جي عـزت ڪتي کان آهي گهٽ ؛
جانور جي پڻ نہ آ، مُردار ڪئي مخلوق مَٽ ؛
ڏوڙ ۾ انسان ويئل ”بانـدرن“ جي لاء ڪٽ ؛
هاء گهوڙا چا چوان بس ! دل سچي ٿي آهہ ڦٽ ؛
لوڪ جا هي حال ڏسندي، لڙڪ لڙيو ٿا پـوَن !
سور سانگين جي کان سائين سينا سڙيو ٿا پون !
جي نہ آيو چيڙ تي بس ! ڪو ڪٽي هڪڙي مهل ؛
هـٽ وڏيري وات ڦاڙيو، هيت وڏيريءَ جي وڦل ؛
ڏنڊ ٽيٽو ڍور ڍڪ ۾ ٽيو فصل کان بي دخل ؛
مار گاريون موڪ تنهن تي، پيا بہ ڪئين خطرا خلل ؛
هن خدائي فرش تي هن سان ستم بي داد آ ؛
سخت محنت ڪـان بہ پوء، هو سدا ناشاد آ ؛
جي ڪهين مسڪين کي نرمل نياٽـي ٿي نصيب ؛
تان اميرن اُت مـچائي عشق بازي ڏس! عجيب ؛
غير ڏسيو تي لڳي غيرت گهٽي پڻ تنهن غريب ؛
پر ڪري چا ٿو سگهي جت راڄ جا رهبر رقيب ؛
جي ڪڇي تان بي سبب ٿو جيل جو مهمان ٿئي !
مال چٽ ۽ زال گـُم بس ! گهر سڄو ويران ٿئي !
ظلم جي ٿـي انتها، زاريـون نہ ظالم ٿا ٻڌن ؛
عاجزن اپرن جون آهون هي نہ حاڪم ٿا ٻڌن ؛
بي اَجهن جي هڪ نہ اڄ، بي رحم بالم ٿا ٻڌن ؛
رئيس ڪـامورا وڏيـرا ڪين عالـم ٿـا ٻـڌن ؛
هـر طرح هيٺن مٿي، هـر جـاء هاڃان حال ۾ !
ويڙهيا وانگي وتن، ”ڪي وال ڪي اڏ وال“ ۾ !
بس! ادا! بس هـاڻ پورو، درد جو ڪر داستان ؛
مون ۾ طاقت ناهہ جو، اڳتي ٻڌي پيو ڪجهہ سگهان ؛
جو ٻڌو آهم انهيءَ آهـي جـلائي منهنجي جان ؛
مشڪلون مولا هٽائـي، ملڪ وارن جي مٿان ؛
نظم تنهنجي سچ تہ اي ”سرويچ“ ڪيڙو بيقرار !
ماجرا مارُن جي ٻڌندي ٿيون اکيون مون اشڪبار !

# پيٽ ڊٺي ڏاڍون

سلام توکي ڏين ٿا سنڌي ، سڀئي ساري پيٽائي مُرشد ؛
سلام سان گڏ فغان به ڪن ٿا هنجون سي هاري پيٽائي مُرشد ؛
وڏو آ مارُن منن کي مرض، ڏکن به ڏاري پيٽائي مُرشد ؛
ڳيپي جي ڳٽيءَ چڏيو آ تن جي بدن کي ڳاري پيٽائي مرشد ؛
ڪلهن جون ڪيهون پون ٿيون پلپل، ٽڪر جي ڪارڻ لطيف سائين!
وڃيو سي چنبڙن مٿيءَ کي جيجل، ٽڪر جي ڪارڻ لطيف سائين!

پٽون ٿيا مارو پڇي ۾ تن وٽ، رجهي نه راتين سنديون کي راتيون؛
ڇُرڻ کان ڇٽ ٿيا، ڇُلهيون اُچاٽل، چرين جيئن جهنگ ۾ ڏين ٿا جهاتيون؛
جوان ڏيٺر ، رلن ٿيون در در ، اٿي جي لپ لئي الاڙي آتيون ؛
اُنهن جي حالت ڏسڻ سان هڪدم، لڳن ٿيون قلب وجگر ۾ ڪاتيون؛
فڪر ۾ فاقن فنا ڪيا مارو ، ڏکن کان سُڏڪن لطيف سائين !
ڪنبن ٿا قهر و ستم کان هردم، ڪڇن نه ڪُرڪن لطيف سائين !

هڏن تي چمڙي سُڪي ٿي ساڙي، رتي نه رت جي بدن ۾ تن جي؛
نبل جسم ۾ وسام من ۾ ، رهي نه قوت هڏن ۾ تن جي ؛
هزار اُمنگ دلين ۾ ليڪن ، وڃن ٿا رڪجي چپن ۾ تن جي ؛
ڪڏهن نه ايندو پلا پيٽائي؟ بهار اُجڙيل چمن ۾ تن جي ؛
ڳڙن ٿا جن جي ڳلن تان ڳاڙها هزار ڳوڙها لطيف سائين !
جلن ٿا دوزخ مثال جڳ ۾ ، جوان پوڙها لطيف سائين !

اکين ۾ پاڻي ، اُداس چهرا ، لڱن تي ليڙون هڏن جا پڃرا ؛
ٻڪن جا ماريل ، مريض دائم ، مٽيون نه سالم آگها ۽ آپرا ؛
پٽر جون مانيون ٻڌائون پيٽن ، ڏکن جا ڏاريل ڏسڻ ۾ ڏٻرا ؛
پسڻ ۾ جهڙا بنا پَسهه جي ، پُرين کان پيڙهيل پري کان پڌرا ؛
مٽن تي تن جي ٻرن ٿا هردم ٻپر جا تانڊا لطيف سائين !
چڏيا نه ساڙي ، ستمگرن ڏس ! انهن جا آنڊا لطيف سائين !

هتي جا حاڪم ڪنن کان ٻوڙا، اکين کان انڌا، زبان جا ڪوتا؛
چوين سچ تان، لڳين مچ ٿو، ڪين ٿا هڪدم وڏا اکوتا؛
گهڻي سي ٻاپي، ونن ٿا رشوت، غريب کي ڏئي گهتا مروتا؛
ڪپن ٿا تن کي خراڙ آن جا، ٿڪن جا ٿيلها، مکڻ جا لوٽا؛
سنڌين کي هردم، ستايو آ تن، ستمگرن او لطيف سائين!
ڏٺي کان گهر تون، دعا تہ سي شل ٻڏي مرن او لطيف سائين!

اسان جا رهبر، وطن جا قاتل، گهڻو سي آهن ڏسڻ جي قابل؛
شريف کي ڪن شڪار جهٽ پٽ، شرير سان سي سدائين شامل؛
ملين ماڻهو سنڌو جي ماس تہ، مچي ٿي تن جي مدام محفل؛
مري جي سنڌ ۽ سنڌي تہ ڇا ٿيو! هنن کي گهرجي رنڍي ۽ ٻوتل؛
ڪجي تہ هاڻي ڀلا ڪجي ڇا؟ ٻڌاء تون ئي لطيف سائين!
لکيو آ "سرويچ" جو بہ تنهن کي اگهاء تون ئي لطيف سائين!

*—*—*

# ننگي انگ نباڻيون

غرقور غمن ۾ تو ڏسان قوم پياري ؛
قاتل جي وهي ڪنڌ مٿي جنهن جي ڪٽاري ؛
ڏاڍن جي ڏسان ڏيهه ۾، هر ڏينهن ڏياري ؛
هيڻن جو هٿي يار، تيو جيئڻ به خواري ؛
هت گهرج انهيءَ جي جو هجي سيٺ سگهارو !
مسڪين ۽ مفلس ڪان ڪري هرڪو ڪنارو !

مسڪين مٿي آهي، هٿي مار مدامي ؛
غنين جي ڪري هو تو سدا در جي غلامي ؛
تہ بہ تنهن ڪي اُٿي ويني چون هو ٿا حرامي ؛
حرامي تہ وڏا پاڻ سندن پيءُ بہ حرامي ؛
خدمت جو ڪري تنهن سان هي ڪن خر ٿا خسارو !
پاپين سان شريفن جو پيو آهي پنارو !

جت تيل بجاء ٿو وڃي پاڻي پري ڙڃي ؛
جيئڻ بہ جتي آهي تيو ڳالهه ڳري ڙڃي ؛
معصوم لکين لال، ويا مرضن ۾ مري ڙڃي ؛
تن ڪي نہ ڏني ڪنهن بہ نلهي تيل تري ڙڃي ؛
مليو نہ مگر تن ڪي ڪو آنو بہ اُڌارو !
سورن ۾ لنگهي تن جو، ويو سانوڻ ۽ سيارو !

مظلوم نباڻين جو جتي ننگ وڪامي ؛
هر رات غريبن جي، ورنهن ۾ وهامي ؛
هڪ پل بہ پيارن تان نٿي آگ اجهامي ؛
مسڪين جتي ظلم جي آڙاهہ ۾ ڪامي ؛
پُر پيچ خطرناڪ بنيو وقت پيارو !
هر روز ڏسن نيڻ هي پُر درد نظارو !

هر جاءِ ڏسان جام ” ننگي انگ نياڻيون “؛
وهائين ٽيون، لکين لڙڪ هو نيڻن مان نماڻيون؛
سِرجڻ کان سڪي سوڪ ٿيون سورنم سياڻيون؛
چاڻن نہ بنا روج، پيو راڳ کو راڻيون؛
هر مهل ٿئي تن جو تو ، گوندر ۾ گذارو!
چانيل ٿو رهي تن جي، او! اڳٽن تي انڌارو!

سانگين جو ويو آهي سڪي ساس وطن ۾؛
ڇڙيا پيا هلن چيڪ ، کي راڪاس وطن ۾؛
ماڻهن جو پٽي کين ، ڪچو ماس وطن ۾؛
هر پهر اچي پاپ جي ، بو باس وطن ۾؛
هت قهر ستم جو تہ ڪنڌي ناهہ ڪنارو!
گذري ٿو غريبن جو ، هر ڏينهن ڏکارو!

آزاد رهون کين تا، آزاد وطن ۾؛
ڦرين جو ٻڌي ڪونہ کو، فرياد وطن ۾؛
دانهن جو ٿئي کين صفا داد وطن ۾؛
ٻکين سان منا ياءُ! آ بغداد وطن ۾؛
چا چا نہ اسان ساڻ ٿيو ديس ۾ يارو!
هر حقّ اسانجو تہ غصب ٿيو اي پيارو!

هر وات مٿي جام ، اچ واسينگ وطن ۾؛
ڍاوا پيا هلن ڍور ، جيئن کي ڍينگ وطن ۾؛
مسڪين بنا نان جي مرٽينگ وطن ۾؛
تن جي نہ لڳن تي کا، ڏسان لينگ وطن ۾؛
مغموم رهن مارو سندن من تي مونجهارو!
ساٿي ڙي آتو تن جو ڪريون کو تہ سڌارو!

مـزدور ٿيو ڇـُور ڪٽي بـار پٺـن تي ؛
انسان ڪٽي بوج ڪڇي جيڪو آنن تي ؛
چاچا نہ ڪيو تنهن تہ آ تڪرن ڙي ُرڪن تي؛
افسوس ڪيو ترس، نہ ڪنهن تنهنجي ڏکن تي؛
هر سال وهي ڏانـد جيان هو ٿو ويچارو !
تحقيق هي مـزدور آ قـومن جو سهارو !

هاري جنهن هٽي هر ڪيون آباد زمينون ؛
هر اوڙ اندر جنهن جو پيل خون پسينون ؛
تہ بہ پيٽ بُکيو تنهن جو آ منجهہ سير سفينون ؛
ڏس خون انهيءَ جي تي ڪري عيش ڪمينون ؛
هيٺن جو ڪري ڪيئن نہ هڙون هڙپ هچارو !
مظلوم سندي مال تي ٿيو سبٿ سگهارو !

ڪوڏر بہ صبح شام هٽي ، ڪو تہ خبر پئي ؛
ڏلها بہ مٽي سِر تي ڪٽي ، ڪو تہ خبر پئي ؛
سارين ڪي منجهان تار لٽي ، ڪو تہ خبر پئي ؛
راتيون بہ بکيئي پيٽ تَٽي، ڪو تہ خبر پئي ؛
رڳو ڳوڏ ڳنجيءَ ۾ تہ ڪري ڪير ڳذارو .
ڪاٽي ڪو سڄي رات بنا سوڙ سيارو !

پوڪي ۽ وري تن ڪي ، پڇائي تہ سهي ڪو ؛
سرديءَ ۾ هلر رات جو ، ڳاهي تہ سهي ڪو ؛
مزدور بنا محل هي ، ناهي تہ سهي ڪو ؛
ريتيءَ جون تغاريون بہ ، آنائي تہ سهي ڪو ؛
ڳوڏي ڪان وڏيءَ ڳپ ۾ ، ماري تہ ڪو ڳارو !
۽ پوءِ بہ وڃي ڪائي ُرڪو ڪٽڪ جو ڏارو !

هي پيٽ بکيو ۽ اُرھ اگھاڙو ، سينڌ نہ سنيري تيل ڦٽي ؛
هي چيڙھہ پيو ٿم چوٽيءَ ۾ ويا ڪارا ڪنڍڙا وار چٽي ؛
ٿيا ليڙ لٽا ھر انگ عيان ، ست سيل سَندم پرزا ۽ پٽي ؛
تي پئسي پائي ڪاڻ پنان ، هرھڪ جي اڳيان ڏس نيڻ ڪٽي ؛
ڪو ڪجھہ نہ ڏئي، ڪو چڙپ ڏئي ڪو عشق سندا ايلاز ڪري!
ڪو عاشق مست مزاج اچي ٿو پيار وفا جي هام ڀري !
هر روز پيا ڪئين گرگ گڙن، چم ماس پٽي چُگھہ چير وجهن ؛
هر روز هتي مون جهڙيون لکين ، مجبور لٽايو ننگ وڃن ؛
فرياد فغان ڪو ڪين ٻڌي ، انسان جئين سي ڪيئن جيئن ؛
هر جرم هتي ٿو جوان ٿئي ، انصاف انڌو معذور چوَن ؛
ڪو آهي اوهان منجهہ اهڙو ادو جو دانهن ٻڌي ڪجهہ داد ڪري!
مظلوم نياڻين جي تہ اچي اک پور اندر امداد ڪري !
هر روز حميرن جي تہ هلان ، هر روز عمر ڪي عيش ڪپي ؛
هر روز هتي هڪڙو نہ پيو مارئي ڪي مٿان ٿو ڪوهہ جهپي ؛
هر روز سنگھارين جي تہ سرن تي باھہ ستم جي تيز تپي ؛
هر روز هتي زردار ڪڏي ۽ ڪنڌ شريفن جا ٿو ڪپي ؛
هر رات وڏيرو عيش ڪري ، هر رات اسان لئي درد چمن !
هر روز هتي مون جيڏين جهڙين جا تہ سدائين نيڻ ٿمن !
هر روز هتي پٽ پيءُ بنان اڄ آهي چٽڻ آسان ٿيو ؛
هي منهنجي ٽڻن تي جيڪو ٻچو ، ان جو بہ ابو شيطان ٿيو ؛
مون تي بہ اِهو ڪنهن آهي اوهان جهڙي جو وڏو احسان ٿيو ؛
افسوس! اڄا ئي پيا زڙي! اوهين انسان جيئو ، انسان جيئو ؛
”سرويچ“ ادا هن حال مٿي رت روز روئڻ مون فرض ٿيو !
جو مون تي وهيو سو پيڻ نماڻيءَ تنهنجي اڳيان آ عرض ڪيو!

*—*—*

پوهہ جو مهينو رات بہ پوئين، جهوپي اگيان هڪڙي جوءِ؛
ڳجهہ اندر جون ڳالهيون ڳٽيو ڳاڙها ڳوڙها ويٺي روءِ؛
لچ ڏيئي ڪر لوئي ونان پر لوڪ وجهندا بلڪل لوءِ؛
ساڙڙي! ماريا سيءَ مگر هي، سيل نہ وڪٽي سنڌي جوءِ!!

پوهہ جو مهينو ، مينهن ۽ پارو گهرَدِنل تي واءُ جو وار؛
پٺيپ اگيان پيو بري ، بري ۾ ، بيڙو ويچارو بيمار؛
رکي رکي ڪو ڏيئو تمڪي ، قهر جي اوندهہ ڪارونپار؛
منظر اهڙو ڏسندي سائين لڙڪ لڙن ٿا زارو زار!!

پوهہ جو مهينو رات بہ پوئين ، مَنهَہ هينان هڪڙي ماءُ؛
ويڙهي سيڙهي ويٺي آهي ، دل ۾ سانديو گهرا گهاءُ؛
واڳونءَ وانگر وريو تنهن تي ، ووءِ! اتر جو ويري واءُ؛
پيٽن تي اج باهہ بري وئي؛ پيڙا ٿيو ڙي پرجهل پاءُ!!

پوهہ جو مهينو مينهن ۽ پارو ، رات انڌاري ڪاري ٻات؛
ويڙهہ وطن جا وانگي وينا ، پنهنجو وڃائي وڳبّ ۽ وات؛
سانگين سان "سرويچ" ادا، هت سورن سهسين ڪيڙا سات؛
اٿو اٿو اي ساٿي! سنيري واچوڙن ۾ باريون لات!!

*—*—*

# ڪورن آنڊن ۾ ڪھرام

بيھن واري پيٽ ! سنديئي درد وڏا اٿم دل تي دام؛
ماريو مونکي مات ڪري ٿي مانيٽي ھي تنھنجي مام !

ويل ِرھاٽي ويئين پئي تون بانھون گھچيءَ ۾ پايو پئي؛
سيءَ ۾ نرندي، ڏڪندي ڏڪندي، تڪڙا تڪڙا وجھندي وام!

تار مٿي ڪان نريل پاٽي تنھن ۾ ٽپيون ھٽندي ھٽندي؛
گُڙيءَ گُڙيءَ تي ٿوتا ڏيندي ڏيندي توکي ٿي وئي شام !

سيءَ سُڪايئي سورن ساڙيئي، سونھن وڃايئي سوڍي پيٽ؛
پيٽ بکئي لئي نيٺ نچويئہ، جي ولوڙيئہ جيجل جام !

پرھ ڦٽيءَ جو ويئين پئي ۽ مٽان وڇينءَ جي ويل لڙي؛
پور نہ پوري ڪوئي ڪاڏءِ، ”ڪورن آنڊن ۾ ڪھرام“!

بـار مٿي تي وار پيـنل ۽ پيـڄندي پيـڄندي تيز اچين؛
بند نہ ٿي بازار وڃي، جيئن محنت ساري ٿئي ناڪام !

بوج گھرو ۽ پنڌ پريرو، ڪنڌ ڏڪندڙ ساڻ ڪٽي جو؛
سو تہ ڪري ٿو تنھنجو ھرھڪ قدم اسانکي اڄ قتلام !

بيٺ بدن ۾ بار سبب ويا، تنھنجي پئجي خوب بنا؛
چوُر چرُڻ ڪان چمڙي چيريل نيٺن جي تو ننڊ حرام !

پري پري ڪان ايندو توکي ڏسندي نيڙن ھينئن چيو؛
آمڙ اچي ويئي ھاڻي ڏيندي ترت رڌي ڪجھ تازو طعام !

هيڏيءَ هلاڪت سان جو آنڊئين ، مال انهيءَ جو مُلهه وريءَ
”آني - ٻن“ تو سير وڪامي ، ويل ڏسو ڙي هي وريام !

سو ٻه وڪيو ڪجهه ڪين وڪيو ڪجهه اوڙر ٿيو ڪجهه مفت ويو؛
هاڻ ٻڌايو ڪيئن ٻچن ڪــي پاري نازڪ نار مُدام ؟

پير اگڙ ۾ پاٽئي جنهن دم دانهن ٻچن ڪئي ماني پور ؛
لفظ ٻڌي هي لڙڪ لڙيا ، تو ماءُ مٺيءَ سان ٿيو ماتام !

ڪين ٿڪيئين هٿ ڪنهنجي آ گيان تون پنهنجيءَ محنت تي مسرور؛
ڏيءَ سنڌياڻي ! آهي اسانجو تنهنجي همّت کي تہ سلام !

ڏيل ڏرئين تي ، پهڻ پيهين تي پوءِ ٻه جيئين تي جڳ ۾ هاءِ ؛
سور چرين تي ڪين ڪچين تي گهوڙا ڙي! او ! تون گگدام !

سُست نہ ٿيو اي! سنڌي ساٿيو! سيکهه ڪريو ”سرويچ“ ٿيو ؛
سيڻن تان سڀ لاهيون لِيڪ ۾ ، سور ، انڌيرا ۽ آلام !!

*—*—*

لڄ ويئي لوڪ مان ليکو ٿي آهي لال هت ؛
ناھ مسڪينن سندو محفوظ هرگز مال هت ؛
ٿا ڪٽن مظلوم جي زوريءَ سان ظالم زال هت ؛
قهر هرڪنهن پهر آهي ، ٿا ڪسن ڪنگال هت؛
جابرن جهنم بنايو ، ٿيو جيئڻ جنجال هت؛
ووء وانگي ٿا وهائن لڙڪ لاکون لال هت ؛
گهائي مارن کي وڌو ، گهوڙا ڙي هت گوندر ڪريم!
او! ولي الله جا ، وريام وراث ور ڪريم!
ڪر اسان کي تون دعا اهڙي تہ اڄ عاليجناب ؛
همتون آڻيري اچن هر ڪار ۾ ٿيون ڪامياب ؛
بي وسي ۽ بيڪسي ۾ عمر گذري بيحساب ؛
نوجوان! جاڳو اُٿو!! آڻيون ڪو اهڙو انقلاب ؛
ظالمن جا ڳولي ڳولي سر وڍيون ڏيئي عذاب ؛
مڙس ٿي تن کان وٺون ساري اڳيان پويان حساب؛
باھ ڏيون بنگلن کي تن جا ڪوٽ ڪيرايون ڪريم!
ملڪ مان ميٺي ڇڏيون مديون ۽ ميرايون ڪريم!
بس! رڳو آهي اُٺڻ جي دير منهنجا دوستو ؛
پاڻ کي سامهون بہ ايندو ڪير منهنجا دوستو ؛
پاڻ ٿي پڪ ساڻ آهيون شير منهنجا دوستو ؛
پاپين جا اڄ اُکوڙيون پير منهنجا دوستو ؛
ڏينگ ماري ڪريون ڏير منهنجا دوستو ؛
وير ويرين کان وٺون هن وير منهنجا دوستو ؛
سِر وڍيون "سرويچ" ٿي ست ماڙ وارن جا ڪريم!
هنڌ هاوي ۾ بنايون تن هچارن جا ڪريم!

*—*—*

# رک ٿي ويندين رڏون....

سنڌڙي اڄ ٿو ڪيان تنهنجي سنگهارن جي پچار ؛
ديس هوندي دربدر تن ديس وارن جي پچار ؛
مرد ماين ٻارڙن ، ڪوجهن ۽ ڪارن جي پچار ؛
ڏڻ پنيان ٿا جيڪي ڏکڄن تن ڏنارن جي پچار ؛
ساز ڇيڙيان ٿو انهن جي سوز غم جو سنڌڙي !
ٿو ڪريان اظهار تن جي ڪار ڪم جو سنڌڙي !

تنهنجا مارو مان وارا باحيا ۽ باضمير ؛
نياز نئڙت ۾ نه تن جو ڪو ڏٺو آ مون نظير ؛
مور جيئن مُرڪن سدا هو مرد اوطاقي امير ؛
پر بنيا اڄ پنهنجي پڪڙن ۾ اڇي آهن اسير ؛
قيد بند جو تن مٿي اڄ آهي ڪوڪٽ سنڌڙي!
آب تن جي ٿيو اکين مان آهي اڻ ڪٽ سنڌڙي!

تنهنجا سانگي ، سانگياٽيون ٻارڙا ٻيرات ڪن ؛
رات ڏينهان سِر مٿي تن ٻاپرا ٽاندا ٻرن ؛
مشڪلاتن ۾ سي مانجهي موت ڪان پيا اگهه مرن ؛
ڏاڍ ڏاڍن جو ڏسي پيا ڏيل پنهنجي ۾ ڏرن ؛
سڻ انهن جي تون سيئي سورن جون خبرون سنڌڙي!
تَن تنهي جي منجهه هزارين تير تبرون سنڌڙي!

تنهنجا مارو منهنجي جيجل مهل هر ڪنهن مُنتظر ؛
گوڏ گنجيءَ ۾ گهمن ڪن گاهه ڪانيءَ تي گذر ؛
بخت تن جي ۾ ڏسان هيئر رڳا فاقا فڪر ؛
جاڙ جاڪوڙن سبب سي ٿا وهائن جام جَر ؛
سادڙا سانگي سنڌ سورن ستايا سنڌڙي !
ناز مان جي تو نندي هوندي نپايا سنڌڙي !

تنهنجي پالڪ پارڙن منهنجو ڪيو مستان من ؛
بي ڏپا ۽ بي تڪلف هر گهڙي هرڪنهن وٽن ؛
دم رئن دانهون ڏين ۽ دم خوشيءَ ۾ تا ڪِلن ؛
ڪارڙا ڪوجها ڪڪا تا قرب ڏادي مان ڪُڍن ؛
سادڙا سچ پول صالح سڀ سگهارا سنڌڙي !!
تا وٽن هر ويل هر ڪنهن جيءَ جيارا سنڌڙي !!

سنڌڙي تنهنجي سنگهارن ڪيو ڀلا ڪهڙو قصور ؛
جو ملن تن کي پيا هردم رڳا سورن تي سور ؛
ڪيئن ڪري ڪيڏانهن وڃن ڪوڙين قريبن سان ڪلور ؛
اوپرن ايندي اچي ڪوڙيا انـدر ۾ ڪئين انبور ؛
دل ڏنارن جي ڏکوئي آهي ڏارين سنڌڙي !!
آهي ماٿرن جي منجهائي مت مارين سنڌڙي !!

هو پٺن پيرن اُگهاڙا پيٽ پالها ڪن پڪار ؛
بس تتيءَ ۾ بيٺ پڌيو تا تمائن نيڻ نار ؛
هڪ ته بيماريون بدن ۾ پيو بکن ڪيا بي قرار ؛
هڪ نه هڪ ڏينهن نيٺ سٽندو سوال تن جا رب ستار ؛
ڪوت قهارن جا ڪِري سڀ پٽ پوندا سنڌڙي !!
پيا انهن پيٽين متي ڪئين ڪنگ رڙندا سنڌڙي !!

غير پنهنجي غرض لئي تا ڪن غريبن کي غلام ؛
اوپرو ايذا رسائن تا انهن کي عام جام ؛
لالچي لوڀي اسانن کي لڳائن تا لغام ؛
تا وڌائن مشڪلاتون منهنجي مارن تي مدام ؛
سڌ سنگهارن جو به آ مشڪلڪُشا کي سنڌڙي !!
”رک تي ويندين رٿون“ تون رک خدا تي سنڌڙي !!

تنهنجا سانگي سنڌڙي، پنهنجي وطن ۾ بي وطن؛
قرض ڪنگالن مٿي مشڪل ملي ٿو تين ڪفن؛
روز چوريون روز ڌاڙا روز خوني خون ڪن؛
پوءِ به چي آ سنڌڙي ۾ هر طرح سان ڪُل امن؛
ڪير سمجهائي انهن کي تون سُٺائي سنڌڙي!!
ڪوڙ هيڏو ڪيئن ٿو تن کي جُڳائي سنڌڙي!!

پوک کي ور ڏيئي وري واڙي ڏسو ڪائڻ لڳي؛
رهبرن جي ريت رعيت کي آ ايذائڻ لڳي؛
جهانگين جي جهوپڙن کي آگ آ لائڻ لڳي؛
ڏوتين کي ڏاڍ پنهنجي ساڻ ڏهڪائڻ لڳي؛
حال ۾ بُڌ تون هيئين سان حال تن جا سنڌڙي!!
پنهنجي مارُن سان ۽ توسان پال تن جا سنڌڙي!!

ڏارين کي چا ڏڪاريون آهي پنهنجن پڙ ڪُنو؛
چو پراين کي پچاريون آهي پنهنجن پڙ ڪُنو؛
چئو پين ڏي چو نهاريون آهي پنهنجن پڙ ڪُنو؛
پاڻهي خود پاڻ ماريون آهي پنهنجن پڙ ڪُنو؛
تن وزيرن کي ته اي "سرويچ" ساري سنڌڙي!!
جن ڏني ڪرسي مٿي آهي قطاري سنڌڙي!!

——*——*——*——

# پڙهيم پٽي ۽ ٻاراڻو

جڏهن ڄائس ڏني لولي مِٺيءَ مادر ٿي سنڌيءَ ۾ ؛
چيو بابل ٻچين ٻچڙا مون کي هر هر ٿي سنڌيءَ ۾ ؛
وڏي شل تون وڏو ٿئين اِئين ٻڌم اڪثر ٿي سنڌيءَ ۾ ؛
چيو هرهڪ اکر مُنهنجي سڄي ئي گهر ٿي سنڌيءَ ۾ ؛
وساريان سا پلا ڪيئن جا آمڙ مٺڙيءَ اُچاري آ ؟
آمڙ مٺڙي اُچـــاري آ چيو بابـــي پلاري آ !

سدائين سنڌ جو نالو سندم دل کي ته سيباڻو ؛
سکيم سيڪجهه ئي سنڌيءَ ۾ پڙهيم پٽّي ۽ ٻاراڻو ؛
زبان پنهنجي سا ڏيندس ڪيئن ڏسي ڪنهنجو به ڏن ناڻو؟
زبان جنهن جي نه آهي سو رهي ِوڪيل ۽ ويڳاڻو ؛
زبان ويئي ته پوءِ جڳ ۾ جيئڻ ئي ڄڻ خواري آ !
انهيءَ کان وڌ پلا بي پو اڃا ڪا شرمساري آ ؟

سونهاري ”شاهه“ سنڌي ۾ ڏسو ڇا ڇا سمايو آ ؛
ڪٿي جوڳين سان جوڳي ٿي پرينءَ کي تنهن پڇايو آ ؛
ڪٿي مارئي جيئن ماڙين ۾ وطن لئي تنهن واجهايو آ ؛
ڪٿي ”پيجل“ جي ٻولن ۾ تنهن روئي راءُ ريجهايو آ ؛
ڪٿي تنهن آيتون آڻي زبان سنڌي سُڌاري آ !
سدا ” سچل “ ۽ ساميءَ جي به هن سان خوب ياري آ !

سدا سنڌي سڀاجهيءَ ۾ سنگهاريون گيچ ڳائن ٿيون؛
مليرياڻيون مٺڙي مُرڪي مٺيون ٻوليون ٻُڌائن ٿيون ؛
سهيليون ساز سهرن ۾ سُريلا سُر سٺائن ٿيون ؛
ڪنواريون پنهنجي ڪانڌن سان ته هن ۾ نينهن نڀائن ٿيون؛
چـَون پنهنجي ”چنيسر“ کي زبان بيشڪ پلاري آ !
اسان کي سامهه کان سنڌي زبان پنهنجي پياري آ !

پلي آ پت جت آهي پٽائي پرجهلو بالا ؛
درازن ۾ رهي دلبر ۽ ٺٽو، جهوڪ پڻ اعليٰ ؛
ٺڪڙ، بلڙي، ٻنورو ۽ سجاول، ساڪرو، هالا ؛
ادب جو سنڌ ساري گهر وٺان کهڙا پلا نالا ؛
ادب جو گنج خانو سا سخن ۾ نت سونهاري آ!
اسان جي سنڌ جي ٻولي سڀاجهي سوز واري آ!

سدا پرپور بيتن ۽ پهاڪن سان زبان منهنجي؛
غزل ڪافين ۽ واين ۾ سا آهي پاڻ مَٽ پنهنجي؛
پرولين هو جمالن ۾ ڪيان تعريف ڇا تنهنجي؛
هجي سانگين سنگهارن سان سدا "سرويچ" سا سنهنجي؛
خدا! آباد رک تنهنکي ڏکن ۾ جا ڏڪاري آ!
وڳر ۽ وارثن هوندي به ٿي ڙولهي ويچاري آ!

*—*—*

آتو اي ! لال للڪاري – هي مڪڙ سڀ ڇڏيو ماري
ڪُتن کي ڏيوسي ڪوڪاري – آتَوَ سندو نديءَ جو سُنهن

ڪريون هن سند کي سائو – لهي ڏوتين تان ڏولائو
ڇئون دشمن کي ڪر جائو – آتَوَ سندو نديءَ جو سُنهن

هتي وجهلن ٿيون وانگياٽيون – جلن جيئري هي جهانگياٽيون
سڏن آن کي ٿيون سانگياٽيون – آتَوَ سندو نديءَ جو سُنهن

مَرن پيبون منيون مائون – روئن ٿيون آب ريٿائون
اوهانکي سڏ ڪريان آئون – آتَوَ سندو نديءَ جو سُنهن

عذابن ۾ هتي اديون – وهائن نير جون نديون
اچو ڙي ! سڀ ادا اديون – آتَو سندو نديءَ جو سُنهن

ڏکن ۾ هت سوين ڏيئر – نمائين کي پيا نيئر
ڪريو ويچارين تي ور – آتَو سندو نديءَ جو سُنهن

هتي پکڙن ۾ پنهنواريون – سَهن غيرن سنديون گاريون
ورو ، مردود ميڙ ماريون – آتَو سندو نديءَ جو سُنهن

هي پنهنجي ”سبير“ جا سانگي – نہ تن وٽ ڪو ِدلو دانگي
ڇڏايو جيل مان جهانگي – آتَو سندو نديءَ جو سُنهن
پڪاري سنڌڙي پيئي – اچي واڳن جي ور ويئي
ڇڏايو سا نہ سِر ڏيئي – آتَوَ سندو نديءَ جو سُنهن
وڳر هوندي تي ويچاري – چلن تنهنجي پنيان چاري
اکيون مهتي آتو آري – آتَو سندو نديءَ جو سُنهن

ٿي جهوري ۾ جهري جيجل – جگر تنهنجي تي آهن جل
سِگها اُٿيو اڙي سوڍل – آئـو سنڌو نديءَ جو سُنهن

مري پيئي هيءَ منڙي ماءَ – گهٽيئي جان ۾ ٿس گهـاءَ
ٿيو پيڙا اچي ڙي ياءَ – آئـو سنڌو نديءَ جو سُنهن

چـڏي آرس اُٿـو راڻا – نہ تـاريو ننڊ ۾ تـاڻا
بچايــون پـاڳين پـاڻا – آئـو سنڌو ندي جو سُنهن

وچن ٿيون شاهه جون وايون – ڳلين ۾ جـي پيا ڳايون
سُتل ساٿين کي جاڳايون – آئـو سنڌو نديءَ جو سُنهن

درازيءَ جي نہ دل ٻاريو – سخن ساميءَ جا جهونگاريو
تڪارن کي هتان تاريو – آئـو سنڌو نديءَ جو سُنهن

”قلندر“ جي ڏمالن جي – ”عنايت“ جي حوالن جي
نہ لاهيو حُبّ هالن جي – آئـو سنڌو نديءَ جو سُنهن

ڪريمي گهوٽ جا گفتا – رکو سڀ پاڻ وٽ پختا
ڪيو دشمن سندا تختا – آئـو سنڌو نديءَ جو سُنهن

مٺا هي بيت سانوڻ جا – سدا سبني ۾ سانـڍڻ جـا
ڪريو ڪي عهد آوڻ جا – آئـو سنڌو نديءَ جو سُنهن

هي مڪلي جا منارا اڄ – هي ڪينجهر جا ڪنارا اڄ
بچايـو يـار پيارا اڄ – آئـو سنڌو نديءَ جو سُنهن

هو سهڻي ، مارئي ، مومل – سڏي نوري ، سسئي ، سومل
لهو ليلان ۽ ڪونروڪـل – آئـو سنڌو نديءَ جو سُنهن

ڇڏيو جاني سيئي جهڳڙا – وساريـو ويـر اي ! وڏڙا
سٺو ” سرويچ “ جا سڏڙا – آئـو سنڌو نديءَ جو سُنهن

هتي جي ”ميرن“ هميشه پان تي، مصيبتن جو ڪيو آ مارو؛
هتي جي ”رئيسن“ هميشه پان ڪي، ڪٽي ڪٽي تي ڪئو آ يارو؛
هتي جي ظالم وڏيري چڏيو ، ٻني نه پنهنجو صفا ڪو ٻارو؛
اڇو ته تن کي هٿو ڪي ڏنڊا، ڪريون ته ويرين مٿي ڪو وارو؛
مٿن مان تن جي ڪيون ڪي ميڻ ڇون اِهو ته ڪار ثواب ڪريون!
اٿو ڙي! ساٿي مٿير مانجهي گهٽيءَ گهٽيءَ کي گلاب ڪريون!

هتي جي مٿان چڏيءَ نه پان وٽ، سگهي ڪا اگهڙي سچي ڪا ماني؛
هتي جو مرشد هٿي پيو هردم، رکو ته ڪوڙي قبر مان ڪاني؛
هتي جي راشي نظام پان کي ، ڪري ته چڏيو فنا ۽ فاني ؛
وڃون ٿا دنيا منجهان ئي ميتجو، اکيون ته کوليو ادا ڙي! جاني؛
اڇو ته خوني خبيث ماريون ، انهن جو خانو خراب ڪريون !
اٿو ڙي! ساٿي مٿير مانجهي گهٽيءَ گهٽيءَ کي گلاب ڪريون!

پراڻا رسم و رواج ٽوڙي ، نئون ڪريون ڪو نظام پيدا ؛
سڀئي يڪسان هجن نه جنهن ۾ ڪريون سو مهذب مقام پيدا ؛
هجي جو هيٺن سندو ڙي حامي، اهو ڪريون اڄ اِمام پيدا ؛
سگهو ئي ”سوشلزم“ کي آڻي، ڪريون ڪي موجون مدام پيدا؛
نوان ڪي نغما وطن ۾ ڇيڙي رڳن کي چنگ و رباب ڪريون!
اٿو ڙي! ساٿي مٿير مانجهي گهٽيءَ گهٽيءَ کي گلاب ڪريون!

*—*—*

# اسين هڪل سان هزار ماريون !

اسان کي هيٺو متان تون سمجهين ، اسين تہ جوڌا جوان آهيون ؛
سنڌيءَ چاتي چنڊ جي خاطـر ، ترار تير و ڪمان آهيون .

اسان جي همت هماليہ جهڙا ، جبل بہ جلدي جهڪائي ڇڏيا ؛
”اسين هڪل سان هزار ماريون“ ، سڀني جي هڪ هڪ سمان آهيون.

اسين محقق ، اسين مفڪر ، اسين مدبر ، اسان ٿـي موجـد ؛
اسين تہ قومن سندي قسم سان ، ڪمان آهيون زبان آهيون .

اسان کي طاقت جهان جي ڪانهي، اسان جي رهـہ تان سگهي نہ روڪي؛
اسين تہ پنهنجي خوديءَ تي محڪم ، اسان ٿي منزل نشان آهيون .

اسين مجاهد مڙون نہ ڪنهن کان ، مرڻ ۽ مارڻ اسان جو ڪم آ ؛
اسين مسلح رزم جا عاشق ، اسين نہ عـاشق بتان آهيون .

اسان کي باغي پلي پيو چئو تون ، اسين تہ هڪڙو خدا ٿو چائي،
رهيا تہ آمن و صلح جا سچ پچ ، هميشہ ڪان ٿي خواهان آهيون .

وطن ۽ قـومي مفاد خاطر ، اسان جو ”سرويچ“ سير بہ حاضر ؛
اسان جـــو نعره الله اڪبر ، هـتـن ۾ نيزا نشان آهيون .

*—*—*

# دودا ۽ دلاور

اسين سنڌ وطن جو تہ اَچو شان ڪنداسين ؛
هر اِنچ انهيءَ جي تان فدا جان ڪنداسين ؛
ميڙ مال مڏيون ملڪ تان قربان ڪنداسين ؛
دشمن بہ سپئي تنهن جا پڌي پان ڪنداسين ؛
اسين قوم آها جنهنجي هڪل هاڪ مُدامي !
سوپـون بہ صبح شام ڏين جن کي سلامي !

اسين پنهنجي وطن جا تہ وفادار سپاهي ؛
آن ڏي جو تڪي تنهن جي ڪريون ترت تباهي ؛
ڪڙڪي ٿا پئون تنهن تي مثل قهر الاهي ؛
تاراج ڪري تنهن جا چڏيون تاج ۽ شاهي ؛
دنيا تان چڏيـون تنهنجو نشان نانءُ مٽائي !
ڪن پل ۾ چڏيون تِنهنجا قصر ڪوٽ ڦٽائي !

اسين جُنگ فنِ جَنگ کي چاڻون ٿا سراسر ؛
مارڻ ۽ مرڻ کي ٿـا چئون ڳالهہ برابر ؛
آ ذات اسان جـي تـہ دنيا ۾ نشانبر ؛
سڏجـون ٿـا سچي ڏيهہ ۾ دودا ۽ دلاور ؛
اڳيان بہ اسان جي ٿي اچي ڪو تہ خبر پئي !
۽ ضرب اسانجيءَ کان بچي ڪو تہ خبر پئي !

رهزن جي سِري ڌڙ کان ڪٽي ڌار ڪريون ٿا ؛
۽ ڌڙ کي وري تِنهنجي ٽڪر چار ڪريون ٿا ؛
برباد تِنهن مڪار جو ، گهر بار ڪريون ٿا ؛
نادان انهـيءَ کي تہ نِگهوسار ڪريون ٿا ؛
جو سنڌ آمڙ ڏي ٿو نظر بد سان نهاري !
تنهن کي ٿا هٽون کان ، سرِ راهہ بيهاري !

دشمن جو اسان کان تہ ڏکي خوب بدن ٿو ؛
رکجي بہ وڃي تنهنجو ئي منجهہ رت رڳن ٿو ؛
هڪدم ۾ لڳي تنهنجو وڃي ماس هڏن ٿو ؛
نئوڙت سان گهري سو تہ اسان کان بہ آمن ٿو ؛
جو آڻ مڃي تنهنکي ڏيون جاء جگر ۾ !
ڪوني ٿا ويهاريونس سدا پنهنجي وگر ۾ !

مردود اسان کان ڪو بچي ڪين سگهي ٿو ؛
بزدل ڪو اسان کان تہ ، پڃي ڪين سگهي ٿو ؛
لُڇ لنب اسان کان ڪو ، لڪي ڪين سگهي ٿو ؛
هڪ پير پهلوان ڪو ، هٽي ڪين سگهي ٿو ؛
ميٽي ٿا ڇڏيون غير جا ناپاڪ ارادا !
هو پل تہ ڪري ڪيڏا غضبناڪ ارادا !

اخلاق ، ادب ، قرب ، ڏراوت آ اسانجي ؛
مشهور هنڌين ماڳ ، شجاعت آ اسانجي ؛
صدين کان پچو سچ تہ ، امامت آ اسانجي ؛
دشمن تي ڪرڻ رحم ، روايت آ اسانجي ؛
هيڻن سان حمايت ۾ هميشہ کان نشانبر !
ظالم سان بغاوت ۾ هميشہ کان نشانبر !

”سرويچ“ اسين سنڌ سونهاريءَ جا ثناگر ؛
مهراڻ مٿان آهيون ، دل و جان سان نڇاور ؛
سڀ ٻاڻ ۾ ئي آهيون ، سڳا ڀاءُ برادر ؛
اوکي ۾ آهيون هيڪ ٻئي جا يار برادر ؛
هن سنڌ جي دشمن جو ڇڏيون ساھ سُڪائي !
ڪن پل ۾ وجهون تِنهن جون اسين واھون ڇڪائي !

# ”گرز، ڪھاڙيءَ گوليءَ سان!“

هيءَ ٻولي مــرد مٿيرن جي ؛
هيءَ ٻولي ڇـَـٽ ڇگيرن جي ؛
هيءَ ٻولي ڏنگ دليرن جي ؛
هيءَ ٻولي وير ونجھيرن جي ؛

هيءَ ٻولي مردن مانجھين جي ؛
هيءَ ٻولي وانگين وانجھين جي ؛
تون لٽ نہ ھڪڙي سھندين لوپي؛
منھنجن جوڌن جـانين جي ؛

تو وير وڏو آ چاڙي واٺي ، ٻلوانن جي ٻوليءَ سان !
تون چاڻ مري وئين مڪڙ موڳا گُرز ، ڪھاڙي، گوليءَ سان!

هيءَ ٻولـي ڏولھ ڏودن جي ؛
هيءَ ٻولي سورهيہ سوڍن جي ؛
هيءَ ٻولي جُنگن جوڌن جي ؛
هيءَ ٻولي ڳيرن ڳوڌن جي ؛

هيءَ ٻولي ڪيھر ڪوپن جي ؛
هيءَ ٻولي مرد ملوڪن جي ؛
ڪا ڪاڻ نہ جن کي آهي بلڪل؛
تنھنجي تــوب بنـدوقن جي ؛

هي گھوٻاٽن سان گھوٽ آٿيا ٿئي ، لال لطيفي لوليءَ سان!
تون چاڻ مري وئين مڪڙ موڳا گُرز ، ڪھاڙي گوليءَ سان!

هيءَ ٻولي سورهيه سودين جي ؛
۽ جنگ جنگاور جوين جي ؛
هيءَ ٻولي اهڙين مائن جي ؛
جن موڙي هوڏ هوائن جي ؛

آ ! اختر ، رياض ، ۽ پاڳيَن جي ؛
هي ٻولي سنڌ سپاهين جي ؛
اڄ توکي ٻيرا ٻوٽ ڪندي ؛
هر نار نپايل ٻاگهين جي ؛

هي ريتي رنگ اٿيون ٽئي راٺيون ، رنگجي ريت رتوليءَ سان!
تون چاڙ مري وٺين مڪڙ مو ڳيا گرز ، ڪهاڙيءَ گوليءَ سان!

هيءَ سنڌ انهن سنگهارن جي ؛
جن بيخ ڪيدي غدّارن جي ؛
هيءَ سنڌ انهن سرواڻن جي ؛
جت راند رچي رت چاڻن جي ؛

هي وڳڙ وريامن ويرن جو ؛
جن زور پڳو زنجيرن جو ؛
تون ڪانئر تن کي ڇا تہ ڪندين؟
هي ملڪ سچو مهميرن جو ؛

هي ڪونڌر ڪنڌ ڪٽيندا تنهنجو ، لا ڪيءَ لٺ ڪڙوليءَ سان!
تون چاڙ مري وٺين مڪڙ مو ڳيا گُرز ، ڪهاڙيءَ گوليءَ سان!

هي ميڙ انهن منصورن جا ؛
جن ڪنڌ ڪپيا ڪنتورن جا ؛
هي ميڙ مجاهد ٻارن جا ؛
۽ ”چوٿينءَ مارچ“ وارن جا ؛

هي ميڙ مٺيرن مڙسن جا ؛
هي پير بهادر پائن جا ؛
هي پاڳيا پاڳ ڏٺي پيا جاڳي ؛
ونندء وير ايامن جا ؛

ها ونندء وير ايامن جا ، سي ڏنبي ، ڏور ، پروليءَ سان !
تون چاڙ مري وٺين مڪڙ مو ڳيا، گرز ، ڪهاڙيءَ گوليءَ سان!

هيءَ ٻولي ڀيلن وارن جي ؛
هيءَ ٻولي پاڪ پنوھارن جي ؛
هيءَ ٻولي ٻانهين وارين جي ؛
۽ نيڪ حياور نــــارين جي ؛

هي ٻولي ڳاڙهن گهوٽن جي ؛
اڙٻنگ جوان اڻ موٽن جي ؛
جن ڪاڻ ڪڏي ڪنهن پرنہ ڪڍهن؛
آ ! ڪنهنجي قيد ۽ ڪوٽن جي؛

هي ٽوڙيو بند ٽپن پيا ساٿي ، ٽاندا هرهڪ ٽوليءَ سان !
تون چاڻ مري وئين، مڪڙ موڳا گرز ڪهاڙيءَ گوليءَ سان !

هيءَ ٻولي گهوٽ پٺاڻيءَ جي ؛
۽ ”سچل“ لال ”سوائي“ جي ؛
هيءَ ٻولي شاهہ عنايت جي ؛
هيءَ ٻولي راهہ هدايت جي ؛

هي ٻولي لکّ ڪروڙن جي ؛
۽ پــرجهل پـــاءُ پلوڙن جي ؛
هت يو- پي- سي- پي ڪانہ ڪپي؛
جا آهي ولّ وڳوڙن جي ؛

هت صاف سنڌي ۾ ڳالهائي ڙي!! هرهڪ ديس ڏٺوليءَ سان!
نہ تہ چاڻ مري وئين مڪڙ موڳا، گرز ،ڪهاڙيءَ گوليءَ سان !

هيءَ ٻولي لعلن جهولـي آ ؛
هت هرڪا ٻولي گولـي آ ؛
هيءَ ٻولـــي هيرا موتي آ ؛
۽ سنڌوءَ پاڻيءَ ڌوتي آ ؛

هيءَ ٻولي ڳائـي وڄائي آ ؛
۽ هــن ۾ شاهه ڳائـــي آ ؛
۽ هن ۾ ڪافي وائـــي آ ؛
۽ هــن ۾ سونهن سوائي آ ؛
۽ هن جي سنڌو هٿندي توکي ڇيرا هرهڪ ڇوليءَ سان!
تون ڇاڻ مري وئين مڪڙ مو ڳيا، گرز ، ڪهاڙيءَ گوليءَ سان!

هيءَ ٻولي ٻاون ويرن جي ؛
هيءَ ٻولي قومي هيرن جي ؛
هيءَ ٻولي دودي هوشوءَ جي ؛
هيءَ ٻولي حيدر ٻلوءَ جي ؛

هيءَ ٻولي سهڻن سنڌين جي ؛
۽ جنگين جي جرنيلن جي ؛
هيءَ ٻولي آهي ٻوڙا ، گونگا !
سنڌڙيءَ جي "سرويچن" جي ،
هن ٻوليءَ جو هر بار ڇوي پيو ، ٻولي ونندس گوليءَ سان !
تون ڇاڻ مري وئين مڪڙ مو ڳيا، گرزڪهاڙيءَ گوليءَ سان!

* —*— *

# وڏو پيو انقلاب اچي

هلو ته يار حــق جي ، حقيقتن مٿي هلــو ؛
ڊڄو نه ڪنهن ٻہ ڏاءُ کان، وڏيون وڏيون ڙوڪون وجهو ؛
نه هاڻ منزلون پري ، اي سرفروش ساٿيو ؛
اِجهو تا ماڳ تي رسو ، اِجهو تا ماڳ تي پُڄو ؛

اِجهو هي ڪوٽ ڪوڙ جا ، ڀڄي ڀُري ڪري پيا ؛
اِجهو هي ڏاڍ جا هنيان ، ڏڪي ڏڪي ڏري پيا ؛
اوهان جي همّتن اڳيان ، وڏا وڏا جُهڪي پيا ؛
اوهان کان جابرن سندا ، جگر جَلي ڏڪي پيا ؛

اُٿو ته جنگ جوٽيون ، حرام خور شوم سان !!
وڏو پيو انقلاب اچي ، وڏي ڪنهن ڌام ڌوم سان !!

ڊڄو نه هاڻ ساٿيو ڪنهن ، رئيس خان مير کان ؛
ڊڄو نه ڪنهن مُلان ، "مِيئين" فقير ، شيخ ، پير کان؛
ڊڄو نه هاڻ دوستو ، ڪنهن ڪان توب تير کان ؛
ڊڄو نه جيل بند کان ، ڊڄو نه ڇهڪ چير کان ؛

اُٿو ۽ شينهن ٿي اُٿو ، ها ! حق لئي لڙو لڙو ؛
ها حــق لئي لڙو لڙو ۽ مڙس ٿي وڙهو وڙهو ؛
اچي جو سامهون انهيءَ کي، صاف سـچ چئو ؛
ڊڄو نه منهنجا دوستو ، ڊڄو نه منهنجا ساٿيو ؛

اُٿو ته جنگ جوٽيون ، حرام خور شوم سان !!
وڏو پيو انقلاب اچي ، وڏي ڪنهن ڌام ڌوم سان !!

سچي هي هڙ ڦري ويا ، پلا چڏيو اٽن ٻه ڇا ؟
ڪٽي ويا کيت چيٽ سپ ، ڇڏيئون نه ڪي ڏيندون ڏٻا ؛
ڪيائون پاڻ سان نه يار ، ڪربلا ئي ڪربلا ؛
پٽي ويا ماس جسم تان ، رڳا وڃي ڇڏيئون هڏا ؛

انهيءَ نه زندگيءَ ڪنان ، آ موت سؤ لڳا ڀلو ؛
جتي نه ليڙ لڳ تي ، جتي آ پيٽ پالهو ؛
جتي نه زندگي ملي ، جتي نه موت جو ڀلو ؛
انهيءَ ڪري نه ڀائرو ! اچو ۽ ڏاڍ سان لڙو ؛
اُٿو نه جنگ جوٽيون ، حرام خور شوم سان !!
وڏو پيو انقلاب اچي ، وڏي ڪنهن ڏام ڏوم سان !!

ٻري اندر ٻچا ٻرن ، اِها به زندگي ڀلا ؛
۽ سيءَ ۾ ڪليها ٺرن ، اِها به زندگي ڀلا ؛
ڳيپي جي لئي پيا ڳرن ، اِها به زندگي ڀلا ؛
ٿا موت ري مٺا مرن ، اِها به زندگي ڀلا ؛

جتي نه تبل سينڌ ۾ ، سُهاڳڻيون وڃي سگهن ؛
جتي نه ڏيئرون ڪڏهن ، خوشيءَ منجهان ڪلي سگهن ؛
جتي نه پينرون ڪڏهن ، "ٻُرن" ڪنان بچي سگهن ؛
اڃان به غيرتون نٽيون ، ڇو غير ڏانهن وڃي سگهن ؛
اُٿو نه جنگ جوٽيون ؛ حرام خور شوم سان !!
وڏو پيو انقلاب اچي ، وڏي ڪنهن ڏام ڏوم سان !!

هي پنهنجا ٻار ٻُک کان ، ڳري ڳري هڏا ٿيا ؛
هي پنهنجا ٻار تـــپ ۾ ، جلي جلي جڏا ٿيا ؛
هي پنهنجا ٻـــار پيٽ لئي پِني پِني وڏا ٿيا ؛
هُنن جا ٻار ڏءُ ڪنان مڇي مڇي ڍڳا ٿيا ؛

هُنن جون ٻيگمون وجهن ، رڳو ٿي ريشمي وڳا ؛
هُنن جي گهر رجهن پيا ، سدائين ڪورما پُڳا؛
۽ پنهنجي گهر رجهن ڪڏهن، ڪڏهن تا ڏينڊ ۽ ڪڳا ؛
اڃا ٻه قوم جا ابا ، ڪُهڻ جي لئي اچن پڳا ؛
اُٿــو تہ جنگ جوٽيون ، حرام خور شوم سان !!
وڏو پيو انقلاب اچي ، وڙي ڪنهن ڏام ڏوم سان !!

اسان کي پيڙهين ڪنان ، ڦُريو ، ڦَٽيو ، لُٽيو ويو ؛
اسان کي پنهنجي گهر ۾ ميان ، ڪُڏي ڪُڏي ڪُٽيو ويو ؛
اسان کي گرهہ گرهہ مٿي ، گُهٽا ڏيئي گُهٽيو ويو ؛
اسان جي ٻار ٻـار کي ، ٻڏي ٻڏي ٻُٽيو ويو ؛

اسان تي ڪيس ، ڪيس ۽ ، اسان لئي جيل بند ٿيا ؛
اسان لئي سور سوُريون ، اسان جا سُک سَنڌ ٿيا ؛
اسان تــي قهر ٿيا وڏا ، اسانجا قيد ڪنڌ ٿيا ؛
اڃا ٻه ظالمن سندا ، اسان تي تيز ڏند ٿيا ؛
اُٿو تہ جنگ جوٽيون ، حرام خور شوم سان !!
وڏو پيو انقلاب اچي ، وڙي ڪنهن ڏام ڏوم سان !!

وڏيرا پاڻ ۾ ڏسو ، ته ڪيئن نه ويا ِرلي مِلي ؛
وساري ُدشمنيون ڇڏيئون ، ملن پيا ڪِلي ڪِلي ؛
وڏا سي دوست ٿي ويا ، هينئر صفا ِدلي ِدلي ؛
اوهين به اي غريب ، سڀ وچـو اٿين رلي ملي ؛

تڏهن ته ظلم ڏاڍ ڪــي ، ڏنـــدا هٽي ڏڪائبو ؛
تڏهن ته رهزنــن ڪي ميان ! ، هتان تــڙي ڀڄائبو ؛
تڏهن ته مان ملڪ ۾ ، غريـــب جو وڌائبو ؛
تڏهن ته ڪوت ڪوڙ جو ، هي ڍاهبو ڙي ڍاهبو ؛
اُٿو ته جنگ جوٽيون ، حَرام خور شوم سان !!
وڙو پيو انقلاب اچي ، وڏي ڪنهن ڏام ڏوم سان !!

ڪُٿو آ قوم ڪي جنين ، اُنهن کي لعنتون ڏيون ؛
ڪُٿو آ قوم ڪي جنين ، اُنهن جي رتّ کي پيون ؛
غدارِ قوم ڪي پلا ، وري به ساٿ ڪيئن ڏيون ؟
مرون ته مرد ٿي مرون ، جيئون ته جُنگ ٿي جيئون ؛

اُٿون ته شينهن ٿي اُٿون ، هلون ته بس هليا هلون ؛
وڌون ته واءُ ٿي وڌون ، ڪري نه ڪو ٻگهي جهلون ؛
۽ ظالمن جي جسم تان ، ڇڪي ٿي لاهيون ڪَلون ؛
َگهٽا ٿي ڏينهن اُنهن ڪيا ، اسان سان ڪوڙ اٽڪلون؛
اُٿو ته جنگ جوٽيون ، حرام خور شوم سان !!
وڙو پيو انقلاب اچي ، وڏي ڪنهن ڏام ڏوم سان !!

هي وقت جي ويو تہ پوءِ ، وري بہ قيد ڪاٽبا ؛
هي وقت جي ويو تہ پوءِ ، وري بہ مڙس ماربا ؛
وري بہ راڄ پوربا ، وري بہ لُڙڪ هاربا ؛
وري بہ پيڙهيون چٽيون وري بہ نسل پيڙهبا ؛

وري بہ مائٽيون هٽي ، مصيبتن ۾ ڦاسنديون ؛
وري بہ ڏيئرون گرهہ ، گرهہ مٽي وڪامنديون ؛
وري بہ ڪيترين اديون ، ڙڻي ڪورين ۾ ڪامنديون ؛
وري بہ ڪيترين دليون ، اُجهامنديون رِسامنديون ؛
اُٿو تہ جنگ جوٽيون ، حرام خور شوم سان !!
وڏو پيو انقلاب اچي ، وڏي ڪنهن ڏام ڏوم سان !!

هي وقت جي ويو تہ پوءِ ، وري بہ ڪئين مصيبتون ؛
هي وقت جي ويو تہ پوءِ ، وري بہ ڪئين آفتون ؛
وري بہ ڪئين علامتون ، وري بہ ڪوڙ شامتون ؛
وري بہ ظالمن سنديون ، اسان تي ڪئين عَقوبتون ؛

گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ ٽينديون ، وري بہ ماراماريون ؛
وري بہ خونريزيون ، وري بہ جام گاريون ؛
وري بہ چوريون هٽي ، وري بہ ٽينديون زوريون ؛
انهيءَ جي لاءِ يائرو ! اچو تہ اڄ ڪي اوريون ؛
آٿو تہ جنگ جوٽيون ، حرام خور شوم سان !!
وڏو پيو انقلاب اچي ، وڏي ڪنهن ڏام ڏوم سان !!

*—*—*

---

نوٽ :- هي نظم ڊسمبر ١٩٧٠ع تي اليڪشن جي وقت چيو ويو .

# ڪڏي اُٿو اي ڪوڏيا....!

ڪٿي ويا جنگ خير سان ، اي جهانگيو مبارڪون ؛
اوهان کي سوڀ آ ملي ، اي سانگيو مبارڪون ؛
اوهين ته مڙس تي آٿيا ، اي ! مانجهيو مبارڪون ؛
اوهان مٿي سلام سئو ، اي ! ساٿيو مبارڪون ؛

اوهان ته ظلم پاپ کي ، آ پاڙ کان پٽي ڇڏيو ؛
اوهان ته ظالمن کي ميان ، سٽي سٽي ڇڏيو ؛
اوهان ته ڪوٽ قهر جو ، ڪُٽي ڪُٽي ڪَٽي ڇڏيو ؛
اوهان ته لاش ڌاڙ جو ، لتون ڏيئي لَتي ڇڏيو ؛
اوهان جي وار وار تان ، اسانجو سِر نثار آ !!
اوهان تي اي ! غريب پاءُ ، سلام بار بار آ !!

اوهان جا حوصلا بلي ، اوهان جون همّتون بلي ؛
اوهين ته جُنگ جَنگ جا، اوهان جون جرئتون بلي؛
اوهان ته ڪوٽ ڪيريا، اوهانجون قوّتون بلي ؛
اوهين ته سونَ کان سچا ، اوهانجون صحبتون بلي ؛

اوهان ته قرب ڪيا وڏا ، اوهان ته قول پاريا ؛
اوهان کي آفرين آ ، اوهان ته سچّ ماريا ؛
اوهان ته ڌاڙ ڌاريا ، اوهان ته وير واريا ؛
اوهان ته دشمنن منجهان ، مزي سان هٿ ٺاريا ؛
اوهان جو ملڪ ۾ ويو ، وڏي ميان وقار آ !!
اوهان تي اي ! غريب پاءُ ، سلام بار بار آ !!

اوهين جڏهن اُٿيا تہ پوء ، وڏا وڏا جُهڪي پيا ؛
ڇپيو ٿي پاڻ ڪي جنين ، سي پاڻ ئي ڇُڪي پيا ؛
اوهان جي سگّهہ ڪي ڏسي، هو سرد ٿي سُڪي پيا؛
وٺن سي سور درد جي ، لڪيو ڇپيو ڀُڪي پيا ؛

اوهان جي عزم جي اڳيان ، امير ڪئين اُڏي ويا ؛
اوهانجون همّتون ڏسي ، لکيسري لُڏي ويا ؛
ڏسو تہ سي ڇڏي سيئي ، اڳوڻو هٺ هڏي ويا ؛
ڪي مَرم ڪان مُنجهي پيا، ڪي شرم ڪان ٻُڏي ويا ؛
سڄي ئي ملڪ ۾ مٿن ، تي مار ۽ ڏڪار آ !!
اوهان تي اي غريب ياءُ ، سلام بار بار آ !!

اوهان تہ ڪوششون ڪيون، اوهان ئي ڪامياب ٿيا ؛
اوهان جا قوم ملڪ تي تہ ، قرب بي حساب ٿيا ؛
اوهانجي زندگيءَ سندا تہ ، بهترين باب ٿيا ؛
اوهين تہ لا مثال ٿيا ، اوهين تہ لاجواب ٿيا ؛

اوهانجو ملڪ آهي هي ، اوهانجا محل ماڙيون ؛
اڇو تہ ڪوٽ ظلم جا، اي! ساٿيو هي ساڙيون ؛
ڪڏي اٿو اي! ڪوڏيا ، تڪيون ڪٽي ڪهاڙيون ؛
اڇو تہ ڍنگ ڍاريون ، اڇو تہ رتُ ڳاڙيون ؛
ڏهو نہ سُست ٿي ميان!، هيءَ وقت جي پڪار آ !!
اوهان تي اي غريب ياءُ ، سلام بـار بـار آ !!

اوهان تہ مُلڪ جا ڌڻي، اوهان جي هيءَ زمين آ؛
اوهانجا باغ بنگلا، اوهانجو سونُ مين آ؛
اوهين رڳو اٿي پئو، اڳيان تہ ڪي بہ ڪين آ؛
انهيءَ ۾ شڪّ ناهي ڪو، اهو تہ بس يقين آ؛

هي حقّ ۽ حساب پاءُ، نہ روئي ۽ رڙي وٺو؛
هي حقّ ۽ حساب سڀ، وڏو وڏو وڙهي وٺو؛
ڏچو نہ ڪنهن بہ ڏاءُ ڪان، لنيون هٽي لڙي وٺو؛
لنيون هٽي لڙي وٺو ۽ شينهن جيئن ڳُڙي وٺو؛
اوهان کي روڪ ناهي ڪا، اوهانکي اختيار آ!!
اوهان تي اي غريب پاءُ، سلام بار بار آ!!

آتو ۽ سنڌ لئي لڙو، پلي تہ ڪو ٿُلهو هجي؛
آتو ۽ سنڌ لئي لڙو، پلي ڪو ”ليگلو“ هجي؛
آتو ۽ سنڌ لئي لڙو، ادو هجي، ابو هجي؛
آتو ۽ سنڌ لئي لڙو، پلي ڪٽي ”پٽو“ هجي؛

اچو تہ ڏاڍ ڏاريون، اچو تہ ظلم ٽوڙيون،
اچو تہ قوم ملڪ کي، نئين نموني جوڙيون؛
اچو تہ واڳ وقت جي، مجاهدو ڙي! موڙيون؛
ڪُنو آ قوم کي جنهين، انهن جي پيڙي ٻوڙيون؛
انهن جا پيٽ ڦاڙيون، اِهو ئي انتظار آ!!
اوهان تي اي غريب پاءُ، سلام بار بار آ!!

اوهان جي پيٽ ۾ بکون ، اوهان جا لڱ لوهه جا ؛
اوهان جون جهوپڙيون جڏيون، اوهانجا عزم روهه جا ؛
اوهانجا هڏ ُرڪ جا ، اوهانجا قلب ڪوهه جا ؛
اوهان ڪي چا ڪندا ميان! ، پلا ڪي بارگهوهه جا ؛

اُتو ۽ جنگ جوتيو ، اچا ته منزلون پري ؛
اچا نه ماڳ تي پُڳا ، اچا ته موملون پري ؛
اچا ته باز باغ تي ، اچا ته بلبلون پري ؛
اچا ته سهنج سک جون ، گهڻو ئي منزلون پري ؛
اچا نه يار قلب ڪي ، مليو ڪٿان قرار آ !!
اوهان تي اي غريب پاءُ ، سلام بار بار آ !!

متان نه سِنڌ ديس تي ، وري ڪي سازشون ٿين ؛
متان نه سَنڌ سِنڌ جا ، وري به قيد ۾ ڪَڙهن ؛
متان نه ماريون وري ، وري به جيل ۾ جلن ؛
اهو ته صاف صاف ٿا "پٽي" ڪان پائڙا پچن ؛

اِهو ته صاف صاف ٿيون "پٽي" ڪان پينرون پُچن ؛
اِهو ته صاف صاف ٿيون "پٽي" ڪان مائرون پُچن ؛
اِهو ته صاف صاف ٿيون "پٽي" ڪان ڏيئرون پُچن ؛
اِهو ته صاف صاف ٿيون "پٽي" ڪان نينگريون پُچن ؛
انهيءَ ته خوف ۾ پِڏل ، هتي جو بار بار آ !!
اوهان تي اي غريب پاءُ ، سلام بار بار آ !!

---

نوٽ:- هي نظم ١٩٧٠ع واري اليڪشن ۾ عوامي فتح تي سجاول ۾ منعقد ڪيل جاسيءَ عام ۾ جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي موجودگيءَ ۾ پڙهيو ويو.

# هاري جاڳ

١

هن سنڌ وطن جا صدين کان تون ، سورن ساڙيل هاري جاڳ ؛
تو تي قهر ڪروڙين ٿيا ، تون ڪاڙهن ڪاڙهيل هاري جاڳ ؛
تو سان وير وڏيري جو ، تون ويل ۾ واڙيل هاري جاڳ ؛
تنهنجا ٻار بري ۾ ٻار هئي ، ٻارڻ ٻاريل هاري جاڳ ؛
رِوجهه ڪا پڃنج وڏيري کي ، ۽ وير سيئي تون پنهنجا وار !!
پنهنجي پوک بچائڻ لئه ، تون مکڙ چوندي چوندي مار !!

٢

تون هين ڌرتيءَ جو آن داتا ، پوءِ به توسان وہل وڏا ؛
تنهنجا ڪيڙن ڪوڏارين ۾ ، تي ويا جانب حال جڏا ؛
تنهنجو ماس ڳري ويو سارو ، هاڻ رهيا بس ! هاءِ هڏا ؛
تو سان ويرين ويل ڪيا ، ۽ تنهنجا ڪيا جي تنگ تڏا ؛
آت قاڙ مٿا تون تِن جا پائو ! نوڪي پنهنجي هر جو ڦار !!
پنهنجي پوک بچائڻ لئه تون ، مکڙ چوندي چوندي مار !!

٣

تون هن ڌرتيءَ جو آن داتا ، هرڪا پوک پچائين تو ؛
تُنهنجي دم سان دنيا روشن ، سهسين رنگ رچائين تو ؛
جهنگ ، جبل ۽ بر پٽ ۾ پيي ، ميلا موج مچائين تو ؛
پوءِ به ٻڪيو ۽ آنگ اُگهاڙو ، ڪائين سور سدائين تو ؛
هاڻ نه ويهه ڪر ويڙهه وڏي ، آت وِڍ وڏيرو ڪُٺ ڪمدار !!
پنهنجي پوک بچائڻ لئه ، تون مکڙ چوندي چوندي مار !!

۴

تون هيءَ ڏرتي ڇيري ڦاڙي، اوپڙ جام آباڙين ٿو ؛
تون ئي راتيون جاڳي راٺا ! نيت نيت نانگ لتاڙين ٿو ؛
تون ئي سرديءَ گرميءَ ۾، هت ساهه ميڻي کي ساڙين ٿو ؛
پوءِ به ڳيٽي ڳيٽي جي لئه، ڳاڙها ڳوڙها ڳاڙئين ٿو ؛
سور نه سهه اي سهٽا هاڻي، ٻارڻ سنڌڙيءَ ۾ ڪو ٻار !!
پنهنجي پوک بچائڻ لئه تون مڪڙ چوندي چوندي مار !!

۵

هيءَ تنهنجي پنهنجي ڌرتي آ، ۽ توکي پيارا پرتي آ ؛
هي تنهنجا ٻنيون ٻارا آهن، تنهنجي بستي بستي آ ؛
بس! تون ئي مالڪ مُلڪ سچي جو، تُنهنجي هرجاء هستي آ ؛
۽ تو ڪئي هيڏي ساري هاڻي، ساجن ڇا لئه سُستي آ ؟
تون شينهن وانگر شور ڪري، هي ”ڏونگهن مڻن“ وارا ڏار !!
پنهنجي پوک بچائڻ لئه تون، مڪڙ چوندي چوندي مار !!

٦

تون ”چونين، ڏانڻن، ڏاندرين سان“ ويرين تي ڪر وارا ڙي ؛
تون ٻانجارين ۽ ٻاهوڙين سان، موڏين ۾ وجهه مارا ڙي ؛
تون ”وتاڙن سان مار وڏيرا“ لوپين ۾ وجهه لابارا ڙي ؛
تنهنجي قسمت چاڻ نه جاڳي، چمڪيا هاڻ ستارا ڙي ؛
توسان سات سڀن جو آهي، مُنهنجا مانجهي مٽيادار !!
پنهنجي پوک بچائڻ لئه، تون مڪڙ چوندي چوندي مار !!

ڏيي ۷

جي سوُئَر تنهنجا سَنگ کٽن، سي سانوَرا/پوري چڏ ؛
کانپاڻين ۾ گهوڙها پائي، ڏورڻ تن تي ڏوري چڏ ؛
تنگ ڪيو جن توکي آ، تون تنگ تِنهي جا توري چڏ ؛
” مرنداسين ۽ مارينداسين “ چنگ اِهي کي چوري چڏ ؛
جنگ ڪبي اڄ جابر سان، تون جوش پسائي ڪو جونجهار ؛
پنهنجي پوک بچائڻ لئہ، تون مڪڙ چوندي چوندي مار !!

۸

تون سنڌڙيءَ جو ”سيرويچ“ سدا، تون هاري هيرن کان بہ مٺي ؛
تنهنجو منصب مانِ مٿانهون، تنهنجي قيمت ڪير ڪٿي !؟
تون ئي ڪڻ مان ڪيچ ڪرين ٿو، سونا سهڻا سنگ سٿي ؛
”تو ئي ڪوڏر ڪهاڙيءَ وارا“ ”قومن جا ڪيا ڪنڌ مٿي“
بعد خُدا جي بيشڪ تون ئي، آهين خاصو خالقٹهار !!
پنهنجي پوک بچائڻ لئہ، تون مڪڙ چوندي چوندي مار !!

*—*—*

# اُها انڌير نگري ۾ ....!

اسان کي سوُر ساڻهه جا، تنا ورسن اڃا تائين !
عوامي درد دل ۾ پيا، اُتن آيرن اڃا تائين !

سڄي هيءَ سنڌ سوُرن ۾، سڙي پيئي اڙي ساٿي،
تنا ڪو سُک سڄڻ سانگي، صفا سنيرن اڃا تائين !

ڏُکويل ڏوتين کي ڏوجهرا ڇڻ ڏاج ۾ مليا،
ڏکن ۾ هي سندم ڏيهي پيا ڏُسڪن اڃا تائين !

آهي ئي ڌاريا ڌُوکيو اچن پيا ديس پنهنجي ۾؛
اُهي ئي ديس جا وارث، پيا ڌڪجن اڃا تائين !

آهو ئي آ، ستم جاري، اڳئين کان پڻ گهڻو اڳرو؛
سنگهاريون سوز سازي ۾، پيون سُڏڪن اڃا تائين !

” آها انڌير نگري ۾، آهو چرپٽ اڃا راجا؛
” آهو بها ڀاڄي ۾ کاڄا “ پيا وڪجن اڃا تائين !

آهو ئي چور پيو چرچا ۾ چٽُر ڪري جڳ تان؛
اُهي ئي پاڳيا پيا ٿاڻي ۾، ڏسو ڪُٽجن اڃا تائين !

آها ئي ڌم چورين جي، آهي ئي ڌوڙيا ڌاڙن؛
اُهي مسڪين گهر وينئي پيا ڦُرجن اڃا تائين !

اُهي ئي خونريزيون اڄ، آهو ئي قتل قائم آ؛
اُهي ئي قوم جا ڪَلِها، پيا ڪُسجن اڃا تائين !

آهو اغوا اڃا جاري، جتي ڪٿ جابرن جو آ؛
ونيو معصوم ٻچڙن کي، وچيو وڪڻن اڃا تائين !

اُها ئي لوڪ هِن ۾ ڏس ، لڳي پئي لانگ لوفر جي ؛
اُهيئي قوم جون لڄّون پيون لُٽجن اڄا تائين !

” هتي ڏاڍو سو ڳابو “ ۽ هتي هڙ بوڙ حاڪم سپ ؛
هتي هيٺن جي ڇاتيءَ تي ، ٽا مُڱ ڏرجن اڄا تائين !

هتي ”مسڪين جي جوءِ ، ٿئي سڀڪنهن جي ڀاڄائي “
هتي بيواهه ڏيئَن کي ، اکيون پچجن اڄا تائين !

هتي مسڪين جا ٻچڙا ، سُڪَل لولي جي لئه سُڏڪن؛
اميرن جي ڪُتن لئه پر ، ڪُڪڙ پُڳجن اڄا تائين !

نڪو اوڇڻ اَجهو آهي ، نه آهي اَنگ تي ڪپڙو ؛
پيا معصوم سرديءَ ۾ ، ٿِڙن ٺڙڪن اڄا تائين !

هتي مزدور هاريءَ جي ته هَڏ ، چَم ، ماس ۽ رت مان ؛
” ٽتا پيٽن وڏن وارا “ بنهه پرجن اڄا تائين !

هتي معصوم نياڻين جي ” سُٿڻ ۾ سَوَ اَڳڙ آهن “ ؛
” اُگهاڙا تن سندا اُره “ ٽتا ڍڪجن اڄا تائين !

سونهارن سِنڌين لاءِ ، ٿيون عيدون به عاشورا ؛
وهائن لُڙڪ وانگيئڙا ، مٿي عيدن اڄا تائين !

هلائي هَر هتي هاري ، اُپائي ڍڳ ڪپهه جا پَر ؛
ڏنو ناهي سڳهو ڪپڙو ، سندس ٻچڙن اڄا تائين !

وڏيري جي ته ”وَڏ وَر ڏيءِ“ سدا ويسن ۾ پئي رِوهسي ؛
مگر مسڪين جون نياڻيون نڱيون ڏسجن اڄا تائين !

هو رشوت خور آفيسر جو پُٽ تو روز پائي پَٽ ؛
پيا سهسين وڳا تنهن لئه ، پيا سبجن اڄا تائين !

# سنڌ جي سپوتن ڏانهن

جيئَن شال شاگرد سنڌي سدا ؛
هُجن شاد سڀ سي ، عوامي آبا ؛
اچي هر هنڌان پئي ، اِها اچ صدا ؛
سدا ايءَ نہ هرهڪ سنڌي دان جي !

بهادر بلاشڪ بلاول شهيد ؛
رنگي سنڌ ساري ويو رت سان رشيد ؛
مڙيو ڪين مانجهي مُجاهد مجيد ؛
نہ پرواهہ ڪيائين جگر جان جي !

جيئي لال ”لالا“ هي قادر جيئي ؛
هي بيباڪ بانڪو بهادر جيئي ؛
هي دلدار دودو دلاور جيئي ؛
ثنا ڪهڙي ڪريان سندس شان جي !!

سدا شال هي ”جام ساقي“ جيئي ؛
يگانو سندم يار ياقي جيئي ؛
هي مُنهنجي اکين جو ، اوطاقي جيئي ؛
وڏي ساک سنڌ ۾ سندس شان جي !!

هي مسعود منڙو ”نوراني“ جيئي ؛
سدا سنڌ جو يار جاني جيئي ؛
هي هيمونءَ جو همعصر ثاني جيئي ؛
نہ پرواهہ ڪيئين خان افغان جي !!

جيئي يار ”يوسف“ سدا ٽالپر ؛
هي نوجوان وطن جي ندا ٽالپر ؛
هي رهبر سچو رهنما ٽالپر ؛
نظر تنهن مٿي رهي نہ رحمان جي !!

سدا جانِ جيءَ جو جيارو لغاري ؛
سُجاڳيءَ جو آ، سو ستارو لغاري ؛
هي ”يوسف“ پيارو، پيارو لغاري ؛
پسو جوت تنهنجي ته جولان جي !!

غـــلامِ مـــحـــمد لغاري بچين ؛
دعا ڪن ٿا توکي هي هاري، بچين ؛
اوهان سنڌ پنهنجي سُڌاري بچين ؛
ڳٽيان ڳالهه تنهنجي ڇا احسان جي!!

فـدا توتان فيضِ محمـد ٿيان ؛
تو تحسين توکي اي قاضي ڏيان ؛
اٿئي مرد بيشڪ ڪي ست اڻ هِنيان؛
حمايت آ، توسان ته حنان جي !!

مُبارڪ آ، توکي اي! ”پٽر سنڌي“؛
هي ”فتاح“ به آهي ڪو رهبر رِندي؛
هي ”شورائي صالح“ سچو آهي سنڌي؛
نه پنهنور کي پرواهه جگر جان جي!!

گرفتار ٿي آهــي ”اختر بلوچ“
ڏسو هن نياڻيءَ سندي سمجهه سوچ ؛
زبان لاءِ ڪيڏي اٿس لوچ پوچ ؛
ڪڏيئين ڪين ڪا، ڪاڻ زندان جي!!

اکين منجهه تنهنکي مان جايون ڏيان؛
سندس جوش جذبي تان صدقي ٿيان ؛
هيءَ عورت جي همت ڏسو اي! ميان؛
هيءَ قوت ڏسو تنهنجي ايمان جي !!

مُبارڪ اي مائي سدا شل جئين ؛
تون پنهنجي وطن جي ته ڀاڳهي ٿئين ؛
سدا سنڌ سان نينهن نڀائي نينئين ؛
حمايت ڪيم تنهنجي اعلان جي !!

پيا پي سوين ئـي سچڻ دلنواز؛
لڙن حَقّ پنهنجي جي لئہ جانباز؛
ڪري سنڌ تن تي سدا ناز ناز؛
ڪَٿي بازي مردن تہ ميدان جي !!

سوين پيا بہ سورهيہ جوان ڪن جهاد؛
مگر تن جا نالا رهيا ڪونہ ياد؛
هُجن سي بہ سڀئي، سدا شاد باد؛
وڏي جن ڪان عظمت آ، انسان جي!!

اَٿو پيا بہ سنڌي او! مُردا نہ ٿيو؛
زبان لاءِ پنهنجي ڪا ڪوشش ڪيو؛
جيئڻ جي ٿا چاهيو، جوان ٿي جيئو؛
ڪِپي ماني جڳ ۾ ميان مان جي !!

شروع نـوجوانن ڪيو سلسلو؛
دلين ۾ جنهن پيدا ڪيو وَلولـو؛
اچو ۽ اچو! دوست وڏندا هلو؛
گهڙي ٿوري آهي ڪا امتحان جي!!

اچو پيار مان يـار پيرا پري؛
نہ منزل ڪا هاڻي رهي آ، پري؛
هي ”سرويچ“ هرهر پيو سڏڙا ڪري؛
اَٿوَ مهل مانجهي هيءَ ميدانَ جي !!

---

سال ١٩٧٠ع ۾ سنڌي شاگـردن جي هلايل ”سنڌي ۾ لسٽن ناهڻ“ ڏاري جدوجهد وقت لکيل •

# هي دلبر دلبر ديس وسي !

جت مانجهي مٽيادار هُجن ؛
۽ وانگيئڙا وينجهار هُجن ؛
جت جهوپن ۾ جونجهار هُجن ؛
۽ ٻلوانن جا ٻار هُجن ؛

جت آرڏا ڪئين اڙٻنگ هُجن ؛
۽ چپ تي تن جي چنگ هجن ؛
جي مُلڪ مٿي جي محبت ۾ ؛
بس! ماڳهين مست ملنگ هجن ؛

تن ماڻهن موتيءَ داڻن جو ، هي دلبر دلبر ديس وسي !!
او! وانگي ”وڪ“ وڏايو جيئڻ هي، نئين سر دلبر ديس وسي !!
هي دلبر دلبر ديس وسي !!

جت چوڙيلين جا چاڳ هُجن ؛
۽ ٻاگهياڻين جا ٻاڳ هُجن ؛
جت روح رچندا راڳ هجن ؛
۽ مارن مال سيهاڳ هُجن ؛

جت ٽنڊڙا ٽنڊڙا ڏينهن هُجن ؛
۽ وسندا رهندا مينهن هجن ؛
جت مرد سيئي اٽموٽ هُجن ؛
پر جويون پيي چڙ شينهن هُجن ؛

سو ساڻهه سُهڻن سنڌين جو ، هي سُندر سُندر ديس وسي ؛
او! وانگي ”وڪ“ وڏايو جيئڻ هي، نئين سر دلبر ديس وسي !!
هي دلبر دلبر ديس وسي !!

هت جوڏا دودا ڏنگ هُجن ؛
۽ لوهي تن جا لِنگ هُجن ؛
جن سانن جهڙا سنگ هُجن ؛
۽ ريتا تن جا رنگ هُجن ؛

جت ڪونڌر پُٺ ڪنوات هُجن ؛
جي اونداهين ۾ لاٽ هُجن ؛
جت گهورن گهورن گهوٽاڻن جا ؛
هيڏا هيڏا ڳـاٽ هُجن ؛

سو ڳاڙهو ، ڳاڙهن ماڻهن جو هي ، ننگر ننگر ديس وسي !!
او! وانگي ”وڪ“ وڏايو جيئڻ هي، نئين سر دلبر ديس وسي!!
هي دلبر دلبر ديس وسي !!

جت موجن ۾ مهراڻ هجي ؛
۽ مينهن جي مانداڻ هجي ؛
جت چيٽن ۾ چـاندڻ هجي ؛
۽ لوين جـي لالاڻ هجـي ؛

جت جيڏين جا جنسار هجن ؛
۽ ســاهيڙين سينگــار هجن ؛
جت راڻين راڄ ڏياڻين جا ؛
بس! ساٿ هجن، سهڪار هجن ؛

جت بر ٿر بوُند بهار هجي ، سو بندر بندر ديس وسي !!
او! وانگي ”وڪ“ وڏايو جيئڻ هي ، نئين سر دلبر ديس وسي!!
هي دلبر دلبر ديس وسي !!

جت تن من ۾ تُون - تُون بہ هجي؛
۽ چنگن جي چوُن - پوُن بہ هجي؛
جت پؤنرن جي پوُن - پوُن بہ هجي؛
۽ رڳ رڳ ۾ رُون - رُون بہ هجي؛

جت جهانگين جي جُو - جُو بہ هجي؛
۽ ڏونرن جي ڏوُ - ڏوُ بہ هجي؛
جت گهر گهر اڳيان مال ميڙن؛
ڳؤهن جي جتي گهوُ - گهوُ بہ هجي؛

سو، ڏيهہ ڏهيسر مڙسن جو، هي انچر - منچر ديس وسي !!
او! وانگي ڀوڪ ؐ وڏايو جيئن هي، نئين سر دلبر ديس وسي!!
هي دلبر دلبر ديس وسي !!

جت چانديءَ هاڏا چيٽ هجن؛
۽ ڪاهوڙين جا ڪيٽ هجن؛
جت ڪُهريون، ڪيٽيون ڪيٽ هجن؛
۽ پيلا پنيون پيٽ هجن؛

جت هارين جي هونگار هجي؛
۽ هنڌ هنڌ تي هُمڪار هجي؛
جيئن پنهنجي ويڙهہ وطن ۾ يارو!
ڀوڪ ڀوڪ تي وٺڪار هجي؛

جت ڪيچ ڪٽي مان روز ٿين، سو ڪينجهر ڪينجهر ديس وسي!!
او! وانگي ڀوڪ وڏايو جيئن هي، نئين سر دلبر ديس وسي !!
هي دلبر دلبر ديس وسي !!

جت لال لطيف جي لات هجي ؛
۽ سچل جي سوغات هجي ؛
جت پيچ پني برسات هجي ؛
۽ وس وس وائي وات هجي ؛

”هو هو“ جو هجي هل هل ٻه جتي ؛
خوشبو ۾ ٻڏل گل گل ٻه جتي ؛
جت پيٿ - ڏٿيءَ جي وائي هجي ؛
” سندوءَ جي هجي ٻلبل ٻه جتي “

سو ، سانگ سونهارن سپرين جو، هي ساجهر ساجهر ديس وسي!
او! وانگي روڪ وڏايو جيئن هي، نئين سر دلبر ديس وسي!!
هي دلبر دلبر ديس وسي !!

جت پانهيارين جا ٻول هجن ؛
۽ پيرن پريل جهول هجن ؛
جت ڏؤنر تڪون پيا تول هجن ؛
هي ڍاتي مارو ڍول هجن ؛

جت پنهنواريون سپ پاڪ هجن ؛
۽ پاڳياٽيون بيباڪ هجن ؛
جي هنج هرڻ ۽ هيرا چا ؟
پر حورن کان حسناڪ هجن ؛

جت ماڻڪ موتي موڪ ملن ، سو ماجر ماجر ديس وسي !
او! وانگي روڪ وڏايو جيئن هي ، نئين سر دلبر ديس وسي!!
هي دلبر دلبر ديس وسي !!

جـــت مـــاروئـــڙا مستان هجن ؛
چـــڻ ســامـــوندي طوفـــان هجن ؛
جـــت اعلـــيٰ ڪئين انسان هجن ؛
جي مُلڪ مٿان قربـــان هجن ؛

جـــت سنڌيئڙا ”سرويچ“ هجن ؛
۽ پـــائـــن وانگـــر پيـــچ هجن ؛
هِن سِنڌ سونهاريءَ ڌرتيءَ سان ؛
بس! پاتـــل جـــن جا پيچ هجن ؛

سو پنهنوارن جي پڳڙن وارو ، پانوَر پانوَر ديس وَسي !!
او! وانگي ”وک“ وڏايو جيئن هي، نئين سر دلبر ديس وَسي!!
هي دلبر دلبر ديس وسي !!

*—*—*

# مارو زنده باد قلندر - مارو زنده باد

تون مروند جا اي مست ولي ؛
تون لال لکي او آلِ علي ؛
مان تنهنجي پڳن جي خاڪ ڪٽي ؛
اڪڙين ۾ وجهان اي گهوٽ گهٽي ؛
تون مستن ۾ ممتاز مٺا ؛
تون سنڌڙيءَ جو شهباز مٺا ؛
تون اندر جو آواز مٺا ؛
تون هِند سنڌ آهين ياد قلندر ؛
مارو زنده باد قلندر - مارو زنده باد !

هي باباڻا ٻلوان اُٿيا ؛
بس ! جهڙا ڪر طوفان اُٿيا ؛
هي ماٺهو مٺيادار اُٿيا ؛
۽ جهوڻ مان جونجهار اُٿيا ؛
هي سورهيه ۽ سرواڻ اُٿيا ؛
هي چيتا شينهڻ چرياڻ اُٿيا ؛
هي ڏوتي ڏڦن ساڻ اُٿيا ؛
اڄ نر وڄائي ناد قلندر ؛
مارو زنده باد قلندر - مارو زنده باد !

هن پڙ ۾ پاپي پير رکي ؛
۽ وانگيئڙن سان وير رکي ؛
سو اهڙو ڪو آسان نه آ ؛
يا آڪڙ ۾ اتڪيل نان نه آ ؛
هي ڏيهه جبل ڪان ڏاڍن جو ؛
جن ڏيل ڏڪايو ڏاڍن جو ؛
جو ويري وانگين "واڍن" جو ؛
سو چاڻ ٿيو برباد قلندر ؛
مارو زنده باد قلندر - مارو زنده باد !

هت جن جن ماڻهن رت ڏنو ؛
۽ سارو سوري سَت ڏنو ؛
هت جن جن ماڻهن ڪنڌ ڏنا ؛
۽ سڳّها پنهنجا سَنڌ ڏنا ؛

هت جن جن ماڻهن جنگ لڙي ؛
۽ پنهنجو وِرتو دنگ دڙي ؛
جن پنهنجو ورتو ننگ لڙي ؛
سي قومون ٿيون آزاد قلندر ؛

مارو زنده باد قلندر — مارو زنده باد !

هر ويري ڊيري ڪرڻو آ ؛
هي سنڌو رت سان ڀرڻو آ ؛
هت هنڌان هنڌان دودا ايندا ؛
”بِلّوءَ“ جهڙا جوڌا ايندا ؛

جوڌا وڙهندا جوڙي جوڙي ؛
ڊيهون هٽندا ڊوڙي ڊوڙي ؛
ڇڪي لاهي ونندس چوڙي ؛
”ماري“ مرده باد قلندر ؛

مارو زنده باد قلندر — مارو زنده باد !

ڪٿ ”ڪاتر“ جو ڪرڪات ٿيو ؛
ڪٿ گهوٻاٽي گو گهات ٿيو ؛
ڪٿ ڪات ڪهاڙي ڪڙڪي پيو ؛
۽ مڪڙ جو ڪنڌ لڙڪي پيو ؛

هي ڳاڙها ڳيرو گهوٽ آتيا ؛
۽ گهوٽ ٻه چوٽان چوٽ آتيا ؛
ها ارڏا سي اڻ موت آتيا ؛
جن ديس رکيو آباد قلندر ؛

مارو زنده باد قلندر — مارو زنده باد !

هوُ گيدي آ ! گــن مشنن سانَ ؛
هي ڏهيسر وڙهندس ڏندن سان ؛
هوُ بــزدل آ بمبــارن سان ؛
هي شينهن گـُـڙن گجڪارن سان ؛

هو راند نہ ڄاڻي ٻارن سان ؛
پيو آتڪي اجرڪ وارن سان ؛
تن ڪيهر پـُـٽ ڪنڌارن سان ؛
جي ”ٻاگهين“ جو اولاد قلندر ؛

مارو زندھ باد قلندر ـ مــارو زندھ باد !

هن سنڌڙيءَ تان سِر گهور ڪيا ؛
هي هيڏا سڀ شهزور ڪيا ؛
هت دشمن تنگيا ڀالــن تي ؛
۽ ڪانگ لنوندن لاشن تي ؛

هي سنڌڙيءَ جا ”سرويچ“ اُٿيا ؛
۽ ننــگر يونــگر ييــچ آٿيا ؛
هي پختا پائـــي ييــچ اُٿيا ؛
جي پور ڪندا بيداد قلندر ؛

مارو زندھ باد قلندر ـ مــارو زندھ باد !

—*—*—

# * ماهيءَ ماکيءَ جي ڪرلاٽ *

بيت

دوهـا

ڪافيون

وايون

گيت

لوڪ گيت

# بيت

پچان پچان ڏوُر ، آديون آمن ڪارڻ ،
جيئن جيئن وچان جيڏانهن ، تيڏانهن رُڳا سوُر ،
سڙيل هن سماج ڪيا ، مونسان قهر ڪلوُر ،
ديسين جي دستوُر ، مونکي رت رئاريو !

* * *

وڏا ڪيڍيو پار ويٺي روئي سنڌڙي ،
لائق لال لطيف ڪي ، ڏي پرين سندا پار ،
تہ وديا ، چيريا ، چچريا ، هي ماروئڙا مهندار ،
مرضن ماريون ماُريون ، جي لوياريون لچدار ،
جـَر وهائن جهانگين جا ، ٻيا توڙي ٻار ،
دل ۾ درد هزار ، سانديو گهمي سنڌڙي !

* * *

ڪلهن متي ڪنڌ ، رکيو سچيون راتڙيون ،
پٽائي ۽ سنڌ ، ويٺا روئن پاڻ ۾ !

* * *

جيءُ پٽائي جيءُ ، سائين والي سنڌ جا ،
ٻُڌي عرض اسانجا ، تون اچي اوڏو ٿيءُ ،
سوا تنهنجي سپرين ، سانگين لڳي سيءُ ،
وانگين سندو ”ويءُ“ ڪنهن عمر آهي آجاڙيو !

* * *

جيءُ پٽائي شاهہ ، سائين والي سنڌ جا ،
تنهنجيءَ سهڻيءَ سنڌ ۾ ، اج سانگين سُڪا ساهہ ،
ڪامي ، ڪاچي ، پچري ، ٿو ماروئڙين جو ماهہ ،
وانگياڻين جي واهہ ، واڳُن سندي وات ۾ !

پايو ڳچيءَ ٻانهن ، لاڪيٽي لطيف ڪي ،
دردن سندي دانهن ، سُڏڪيو ڏي پئي سنڌڙي !

* * *

پٿائي ۽ سنڌ ، ڪنڌ ڳُهرن ٿا قوم ڪان ،
ڪو آهي ارجمند ، جو ماءُ ۽ مُرشد ڪي مَڃي؟

* * *

اڄ ٻه پنهنجي جُوِ ، جلي پيئي جانبو ،
ڪامي ويئي جنهن سندي ، خوشي ۽ خوشبو ،
اچي پيئي انهيءَ مان بيدادين جي بوُ ،
ساڻيهه مان "سرويچ" چئي، ويئي رونق روُ ،
مُشڪ پري موءَ ، ڪا ، مانجهي آڻيو ملڪ ۾ !

* * *

اڄ ٻه پنهنجا ڪيٽ ، ڪڄن ، ڪامن ساٿيو ،
ساري سونهن چڏي ويا ، ڇهچ هئا ڇيٽ ،
ساڻيهه ۾ " سرويچ " چئي ، اڄ لوياريون ٿيون ليٽ ،
پٽيءَ لڳا پيٽ ، پنهنجن پنهنوارن جا !

* * *

اڄ ٻه پنهنجا ٻار ، رُوئن ڳوڙها رت جا ،
پٽڪن تني ٻٽ ۾ ، هو بکيا ۽ بيمار ،
هيڏي ساري لوڪ ۾ ، ٿيا لانجها ۽ لاچار ،
اڳ اُگهاڙا ، آڻ پڙهيا ، پُهچن ڪهڙي پار ،
وينا ڏسو يار ، اجان ڪنهنجي آسري !!

* * *

اڄ ٻه مارو مير ، ماري وڏا مامري ،
سوگهو سنگهارن جو ٿيو ، سنگهر منجهه سرير ،
ڪلف ڪڙولا ڪنڌ ۾ ، ڪوڙين ڪيل ۽ ڪير ،
هلائون حمير ، ور ڏيو وانگين تي ڪري !

* * *

اڄ ٻه ماروئڙيون ، سِڪن سُڪئي ساهه لئي ،
ملن هرڪنهن ماڳ تي ، تنهي ڪي تڙيون ،
راتين روپ چڙي ڏنا ، ۽ رويو ڪن رڙيون ،
گوندر منجهه گهڙيون ، سرتيون گهارين ساٿيو !

* * *

مارو ملڪ ملير جا ، هئا هردم اوچي ڳاٽ ،
ماريو ماروئڙين ڪي ، اڄ عمر جي اورات ،
حاڪم هيڻن ساڻ ڪئي ، ته ٻڪر جيئن ٻوسات ،
ٻُڏئي ٻوڙا ڪينڪي ، ڪي ٻاڪارون ٻبرات ،
سانگين تي "سرويچ" چئي ، ٿيا سونٽن جا سوسات ،
مارئي تنهنجي محل ۾ ، بند عمر هئي اڳوات ،
وانگين ڪارڻ ويچاري ڪيا ، لک ڪٽئي لولات ،
سون ڪي ڪاٽي ڪات ، ماُرن مارج ڪينڪي !

* * *

مارن مارج ڪينڪي ، تون هاديءَ لڳ حمير ،
آءٌ تو وٽ آهيان ، هت عُمر سپ اسير ،
توڻي جنم جيل ڏي ، توڻي وجهه تڪبير ،
اُف نه ڪنديس ڪڏهن ، اي عُمر چام امير ،
مگر منهنجي مـاُرن جي ، تو ڪي ٻارت ڪارڻ پير ،
سانگين لئي "سرويچ" چئي ، هت سِڪي ساهه سرير ،
ويجهو وڃ نه وير ، وانگين جي تون وار ڪي !

وانگين جي تون وار کي ، نا حاڪم لائج هٿ ،
توکي پوتيون پايو ، ڪريان ماڙن ڪاڻ منٿ ،
پرور ڪارڻ پرتي توکي ، پنهنوارن جي پٽ ،
ستائي نه "سرويچ" چئي ، هو سانگياڻيون منجهه سٽ ،
هر هر ٻڌي هٿ ، ماڙن ڪارڻ مارئي !

* * *

ماڙن ڪارڻ مارئي ، ٿي لائق ليلائي ،
ڳل ڳراٽيون ڪيتريون ، ٿي پاند عمر کي پائي ،
وانگين ڪارڻ ويچاري ، ٿي وَر ڏيو واجهائي ،
سارو ڏينهن "سرويچ" چئي ، سا اُيي اُونائي ،
پوتيون ٿي پائي ، پنهنوارن پسڻ لئي !

* * *

پاندن پوتين جو نه ٿيو ، ڪو عمر کي احساس ،
سو ڪيائين سانگين سان ، جيئن رڏن ۾ راڪاس ،
سڏڪي ويو "سرويچ" چئي ، سنگهارن جو ساس ،
ڏکن ڏيل ڏري ڇڏيو ، هو آنئي پهر اُداس ،
گونگن جيان گُهمن پيا ، منجهه ويڙهيچا وسواس ،
ڪيو ڪونه قياس "عُمر" اوراڇن مٿي !

* * *

عمر اوراڇن مٿي ، نه ڏنو ڏيان ذات ،
ماري ماروئڙن کي ، ڪيو ملڪ اندر مات ،
ڪڇڻ پڇڻ ڪين ڏي ، ۽ بند هرهڪ بات ،
راڻيون رتولن منجهه ، ٿيون روئن ساري رات ،
ساڙيو آ "سرويچ" چئي ، اِن سورن جي سڪرات ،
"لطيفاٽي لات"، ٿو "عدو" ڪوهه عدو لئين !

* * *

عمر تنهنجي آهنج ڪان ، ٽيون راٽيون رت روئن ،
ماروئڙيون تہ ملير ۾ ، ٽيون ڪاتيءَ ريءَ ڪُسن ،
سنگهاريون ”سرويچ“ چئي ، اڄ ويچاريون وجهلن ،
سانگهي پنهنجي سنڌ ۾ ، تا سورن ڪان سُڏڪن ،
جهانگيئڙا جيلن ۾ ، تا آنئي پَهر پچن ،
سُهمن ۽ صدمن ، ساڙيو سنڌيئڙن کي !

* * *

ساڙيو سنڌيئڙن کي ، اڄ عمر جي ارمان ،
وڌي ويڙهيچن کي ، بس گهپ ڪيائين گهان ،
جاڙ جفائون جهانگيئڙن تي ، جا ڪوڙا جُرمان ،
ڪلف ، ڪڙولا - قابو ڪڙيون ، تالا تاڪ زبان ،
سنڌيئڙا ”سرويچ“ چئي ، ٽيا سنڌڙيءَ ۾ مهمان ،
ڪوڙئين لڳن ڪان ، مٺن ماروئڙن کي !

*—*—*

# دوھا

مانــدا مانــدا ، آيرا آيرا ، ساٽا ساٽا سيڻ سندام !
ورهن ڪان ڪنهن ويل ِوهاڻيا، وانگيئڙا جي هي وريام !!

* * *

هيٺا هيٺا ، جهيٽا جهيٽا ، ٻارڻ تن تي پيٽا ڙي !
لوڪ سڄي ۾ لتجن لرزن ، لِڪ لِڪ ۾ لاڪيٽا ڙي !!

* * *

سانگيئڙا هي سانبيئڙا هيِ سارو ڏينهن ڏک سور چرن !
ڳٺتين ڳوهيل ڳوٺاٽا تا ، ڳاراٽي ۾ روز ڳرن !!

* * *

راتيون جاڳن ، ُرتيون جاڳن ، رت ولوڙن روزيءَ لئي !
پوءِ به نه پوري پيٽ پٽئي جي ، پورهيو اهڙو ڪڏ ۾ پئي !!

* * *

جهنگن ۾ تا سنگ پچائن ، سوني سهٽي رنگ ڏسو !
پوءِ به هٽي هي ڏيهه تنهي ڪي ، ڏيهاٽي پيو ڏنگ ڏسو !!

* * *

پاڻ ڪي ساڙي نانگ لتاڙي ، آنن جا آنبار ڏنئون !
ڏاڍن جي هن ڏيهه ۾ تن ڪي ، پوءِ به ڏاڍي مار ڏنئون !!

* * *

سرديون گرميون سِر تيِ سهنديِ ڪيڏا ڪيهه جا ڏير ڪيئون !
پر واهه وڏيرن جو هي وڙ جو ، تن سان ويتر وير وڌئون !!

* * *

ڪوڏارون ۽ ڪيڙون هٿنديِ ڪُلها جگر ۽ ڪنڌ چيناڻ ِ !
سرديءَ جي سيءَ ساڙيا سانگيِ سينا ، سِر ۽ سَنڌ سُڪاڻ ِ !!

بيگارن جي باھہ ۾ سڙندي ، بيٺ ۾ پئجي ويانِ بنا !
سائين منهنجن سانگين آهن سچ پچ سهسين سور سنا !!

* * *

ڇا جون عيدون، ڇا جا ميلا ، مارو مانيءَ لئي مجبور !
” ڏوڙ پوئي ڙي دنيا “، تنهنجو دردن ڀريو آ دستور !!

* * *

ڇاجون خوشيون، ڇا جون شاديون، ڇا جا هي ير ڍُهل دَمام!
ماروئڙن جي مَنهن ۾ بس ، متو رهي ٿو پيو ماتام !!

* * *

ساماٽيلون ڏيئون تن جي گهر ۾ گهوڙا ڙي! نانگيون !
ظالم زردارن جي مُنهن تي مَلجن ويهي کي دانگيون !!

* * *

چندن کنوٹن جهڙيون تن جون ، زالون ليڙن منجهہ لڄي!
”يا تہ ڀنيور کي باھہ ڏجي“ يا مُنيون پيڙي وڃجي پڄي!!

* * *

پيارا پيارا پٽڙا تن جا پلپل پورن منجهہ پچــن !
هوڏي زردارن جي محفل ۾ ٽيون ناريون روز نچــن !

* * *

نرمل نرمل نياڻيون تن جون پوتيءَ هڪ لئي پار کڏن!
هوڏانهن زردارن جون زالون هيرن جا ٽيون هار وجهن !!

* * *

هيڏو هي ڏس تنهنجي دنيا ۾ ويو مچي اندير الا !
رهندو اهڙي راڄ ۾ آخر تون ئي بڌائج کير يلا !!

زردارن جون زالون آهن مسڪينن جون مائون ڙي !
مسڪينن جون زالون زردارن جون محبوبائون ڙي !!

* * *

پنهنوارن جا پٽڙا ڏيئون علم ڪنان محروم ٿيا !
ماڻهن جي هن مهڙ ۾ هو معصوم ڏسو مظلوم ٿيا !!

* * *

پير اسانجا جڳ جا پٽيل پنهنجي پيٽ جا پوڄاري !
قوم ويچاري ڪي ته هنبو تن هاڃن ۾ آ هيڪاري !!

* * *

" شاهه " اسانجا شيل شڪارن جا ته وڏا شوقين ٿيا !
قوم جو اونو ناهن ڪو هو ناٽي تي نابين ٿيا !!

* * *

مير اسانجا ميخانن ۾ مستيءَ ۾ مدهوش ڏسون !
قوم سندي ڪم ڪار ڪنان سي راڻا تا روپوش ڏسون !!

* * *

واڳهه وڏيرا قوم وطن جا ويري ، ويري ، ويري ڙي !
ماروئڙن ڏي نيت تن جي ميري ، ميري ، ميري ڙي !!

* * *

ڪامورا هن ڏيهه سندا تا ڏينهوءَ وانگر ڏنگ هڻن !
قوم جو ڪنڊو هيڪاري سي ڪاڙا وينا روز ڪڍن !!

* * *

واپارين جو وارو آهي ، خوب ملاوت اڳهه وڏا !
هيڻن ماڻهن جا سي ڪائي ويڙا رت چم ماس هڏا !!

ملان مئلن جيئرن جون هٿ ٻيڙيون وينا ٻوڙين ڙي !
ڦيٽن ڏاڍن سان ڏس سانگين جون پيا سيرون چوڙين ڙي!!

* * *

خوب خوشامدڙيا ڪي شاعر قوم جي ٻيڙي ٻوڙڻ ۾ !
ڪوڙ جي ڪوڏين خاطر آهن پورا ٻغلن ٺوڪڻ ۾ !!

* * *

ايڊيٽر ڪي قوم جي اکين پيا وجهن ڏس ڏوڙ ميان !
سچ ڪي سوريءَ چاڙهڻ خاطر ڪوڙئين چاپن ڪوڙ ميان!!

* * *

هي هيڏو سارو دوکو دنيا ۾ ڪيئن سانگي ساهه ڪٽن !
هي سڀ ماڻهو گڏجي مارن ڪي ٿا هاڃي منجهه هٽن !!

* * *

سچا شاعر صدين تائين سڏبا پيا "سرويچ" هئي !
دوها هي ڏک پريا تنهنجا پڙهبا پيا "سرويچ" هئي!!

*—*—*

# ڪافي

جلي پئي ڪا جيجل، جُهريل جهوپڙيءَ ۾ ؛
حياتـــي بـَـلا تــي، آ چهتيس نـــڙيءَ ۾ !

ويس ماس سارو هڏن تي سُڪي ڙي،
گرهه ري ته گهوڙا گجر تي گُڪي ڙي،
پيئي سا چوڙيلي، چرڻ ڪان چُڪي ڙي،
روئي رتّ ريئو، سا هر راتـڙيءَ ۾،
جلي پئي ڪا جيجل، جهريل جهوپڙيءَ ۾!

نڪا ليڙ آهيس لِڱن تي سجـي ڙي،
بنا انّ ڏاڻـي پيس بُت پجـي ڙي،
سڙي سيءَ آس ۾ سا وئي سجـي ڙي،
رهيو مس پَسَهه تس وجـي پاپڙيءَ ۾،
جلي پئي ڪا جيجل، جهريل جهوپڙيءَ ۾!

ٺٺي سَنڌ تنهنجا پيا سَنڌ ڪـان ڙي،
هجي وئي سا هاڃن ۾ هنڌ هنڌ ڪان ڙي،
ڪڙهي ماس ويڙس ڪُلهي ڪنڌ ڪان ڙي،
وڏا ڊام پئجـي ويس ڏونگـــڙيءَ ۾،
جلي پئي ڪا جيجل، جهريل جهوپڙيءَ ۾!

سوين سور ”سرويچ“ سِر تي سنائين،
سدا لــڄّ ليڙن ۾ پنهنجـي لڪائين،
وڏا ڏاڍ ڏاڍن جـا هـر ڏينهن ڏنائين،
رکيئين سنڌ جو ته به پرم پونگڙيءَ ۾،
جلي پئي ڪا جيجل، جهريل جهوپڙيءَ ۾!

*—*—*

# ڪافي

غير هٿي وڃ دور الا ! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان ،
غيرت مند غيور الا ! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان .

هوش سان منهنجي ڳالهه سڄي سڻ ،
توکي ته ڏيندس ڪين ڪڏهن پڻ ،
اِنچ وطن جو مؤر الا ! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان .

سنڌ جي هرهڪ چيز پياري ،
سون هجي يا هوئي واري ،
واري به اُن جي نؤر الا ! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان .

ڪين اُنهيءَ تي ڪجهه به سهان ٿو ،
عشق ۾ تنهنجي مست رهان ٿو ،
مست رهان مخمور الا ! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان .

راهه انهيءَ جي جو ٻي روڪي ،
خوب لڳايان تنهن کي نوڪي ،
اڪين منجهه آنبؤر الا ! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان .

موت کان ماڳهين ڪين مُڙان ٿو ،
توب بمن ۾ ڏوڪي گهڙان ٿو ،
مات ڪريان مغرؤر الا ! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان .

زور زبر جو موڙي ڇڏيان ٿو ،
ناس ڪري ۽ توڙي ڇڏيان ٿو ،
غيرن جو ته غرؤر الا ! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان .

جوش منجهان جڏهن ڪاهه ڪيان ٿو ،
فوج سَجيءَ مـــان پار پوان ٿو ،
پار ٻه پهرين پوُر الا ! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان .

تيغ هــلايــان ، تِير وسايـــان ،
فوج عدوءَ جي ڪـــوڙ ڪپايـــان ،
چوٽ ڪيان پرپوُر الا ! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان

سنڌ وطــن جي لاڪِ لـڙان ٿو ،
جنگ ۾ جنسي شينهن گـُڙان ٿو ،
ڏيهه ڏڪايان ڏوُر الا ! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان .

جانِ عدوءَ جي مونکان جلي ٿي ،
هـاڪ جهان ۾ منهنجي هلي ٿي ،
ملڪـن ۾ مشهوُر الا ! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان .

هوش رکـــان ٿو "هوشوءَ" وارو ،
جوش تہ "دودي"، "بلّوءَ" وارو ،
سَنڌ ڪندوسين سوُر الا ! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان .

سنــڌيئــڙا " ســرويــچ " سپيئي ،
جانِ سان ڪيڏن ، جـُنگ اٿيئي ،
ٻالڪ ، پوڙها جهوُر الا ! مان سنڌ وطن جو سانگي آهيان .

*—*—*

# ڪافي

عُمَرَ هن ڏاڍ تنهنجي ڪان ، ويو آ ، ٽر سڄو ٽڙڪي ،
سپاجهن سانگين تي ڇڻ ـ قيامت ڪا اچي ڪڙڪي .

نہ هيڏيون ڪنهن ڪڏهن ڪيون ـ پنهنواريون قيد ۾ پيون ،
انهيءَ ڌڪاءُ ڪنان ويئيون ـ ڏنارن جون دليون ڏڙڪي .

ڪڏهن چاريم پهون پهري ـ پيم زنجير اڄ زهري ،
ڪرن شل ڪوٽ سپ ڦهري ـ ٽيماڙيون هي پوَنَ ٽڙڪي .

پيٽن پاسي پليرين سان ـ ڪُنپيون ڪاڌم ڪٿيرين سان ،
پٽيم گولون گگيرين سان ـ ڊگهين لامن مٿان لڙڪي .

ڳنوارين جا نہ ڳڻ ڳايو ـ روئان ”سرويچ“ سِر نايو ،
اچا تائين نہ ڪو آيو ـ مٺن وانگين منجهان وڙڪي .

—*—*—*—

# ڪافي

ڪي هوشو ڪــي دودا ، ڇٽيو جيڏڙيون ڙي ،
ڪي "بلوءَ" ۽ بانڪا ، ڇٽيو جيڏڙيون ڙي !

هجي ديس جن کي پِسهه کان پيارو ،
وڙهن ويرين سان ڪري وير وارو ،
ڏسن ڪين ڪڏهن ، ڪو سانوڻ سيارو ،
سي ڳڀرو ۽ ڳوڏا ، ڇٽيو جيڏڙيون ڙي ،
ڪي هوشو ڪي دودا ڇٽيو جيڏڙيون ڙي !

ڏيو تن کي پينگهن ۾ لوڏي هي لوليون ،
ڇٽيءَ ۾ ئي تن کي ٻڌايو هي ٻوليون ،
ته دشمن کي ماريو ، هٽي گُرز گوليون ،
سي جرنيل جوڌا ، ڇٽيو جيڏڙيون ڙي ،
ڪي هوشو ڪي دودا ڇٽيو جيڏڙيون ڙي !

ڪهاڙين سان ڪوڏيا، ڪڏندا اچن جي ،
لٽين لــوڙهين ساڻ ، لڏندا اچن جي ،
۽ ميدان ۾ مانجهي تڏندا اچن جي ،
سي ڪرنيل ڪوپا ، ڇٽيو جيڏڙيون ڙي،
ڪي هوشو ڪي دودا ڇٽيو جيڏڙيون ڙي !

آهي لال سانديو لڙن سنڌ لئي جي ،
رکي سِر ترِيءَ تي وڙهن سنڌ لئي جي ،
جيئن سنڌ لئي جــي ، مرن سنڌ لئي جي ،
سي "سِرويچ" سوڍا ، ڇٽيو جيڏڙيون ڙي ،
ڪي هوشو ڪــي دودا ڇٽيو جيڏڙيون ڙي !

# ڪافي

سنڌڙي توتان گهور ٿيان ، او سِرويچن جي سُرخ زمين ،
تو تان سِر ۽ ساهه ڏيان ، او سِرويچن جي سُرخ زمين ۔

تو ۾ اکڙيون کوليم ، تو ۾ هوش سنڀاليم منهنجي ماءُ ،
تنهنجي سائيءَ ڌرتيءَ مان پڻ ، سُندر سُندر آيم ساءُ ،
تنهنجي جذبي هيٺ جيان ، او سرويچن جي سُرخ زمين ،
سنڌڙي تو تان گهور ٿيان ........

ٿڌڙو ٿڌڙو صاف ۽ سُٿرو ، منهنجي مَن لئي آ اڪسير ،
ماکيءَ مصريءَ کان به ملّذذ ، مٺڙو جهڙو مينهين کير ،
تنهنجو پاڻي پاڪ پيان ، او سرويچن جي سُرخ زمين ،
سنڌڙي توتان گهور ٿيان ........

تنهنجي هنج هندوري وانگر ، جنهن منجهه جهوتا کاڌم جام ،
تنهنجي جوٽ تي جاڳي جاڳي ، نيٺ ته ايندو ٿم آرام ،
تنهنجي پڳ تي ساهه پٽيان ، او سرويچن جي سرخ زمين ،
سنڌڙي توتان گهور ٿيان ........

منهن مٿي ۾ مَليان تنهنجي ، مُشڪ کان وڌ جا آهي مِٽي ،
سيني تنهنجي تي ڏيان سڪرون، من کي ناريان ڪجهه ته مِٽي ،
سينڌ سنڌءَ تي سجدا ڏيان ، او سرويچن جي سُرخ زمين ،
سنڌڙي توتان گهور ٿيان ........

تو ۾ دودو دريا خان ۽ "هوشوءَ" جهڙا شينهن هزار ،
تو تان ڪونڌر ڪنڌ ڏين جي ، ناهي تن جو انت شُمار ،
تن کي صبح شام سڏيان ، او سرويچن جي سُرخ زمين ،
سنڌڙي توتان گهور ٿيان ........

توسان پختا پيچ پيا ، "سِرويچ" سڏايان جيجل ڙي ،
تنهن جا ڳُڻ ۽ ڳالهيون ، ڳلين ۾ پيو ڳايان جيجل ڙي ،
توسان نباهي نينهن نيان ، او سرويچن جي سُرخ زمين ،
سنڌڙي توتان گهور ٿيان ........

# ڪافي

منهنجي منڙي ملڪ تي ، موجون ملهاريون هوُنِ شال !
ياڳين جي ”پوُن“ مٿي ، بوندون بهاريون هوُنِ شال !

ڏيهه ساري ۾ نه ڪوئي ، ڪِٿ هجي ڏوتي ڏکيو ،
سادڙا سانبي گـــذارن ، جيئن سـدا سنهجـو سُکيو ،
سانگين جي سيم جون ساريون ئي ساريون هوُنِ شال !
مُنهنجي منڙي ملڪ تي ........

بانهن لوڏي باگهيون ، بـانهين سان ٻنين ۾ گهمن ،
لال لوين جون ليارن ۾ ٻـدي لـوڏون لـڏن ،
سينڌ سُرهيءَ ساڻ سائيهه ۾ ، سنگهاريون هوُنِ شال !
منهنجي منڙي ملڪ تي .......

جوت جـهر مير سان جڙيل جهانگين جي جوُ ، جوُ ، جوُ هجي ،
گهر اڳيان گُجرون ميڙن گوهن جي گهوُ ، گهوُ ، گهوُ ، هجي ،
ڪنڌ هيڏي ساڻ ڪانڌن سان ڪنواريون هوُن شال !
منهنجي منڙي ملڪ تي ........

عـام ڪي اُلڪو نه اونـــو آب داڻي جـــو هجي ،
ياڳ بالا ۽ بلند پـاڳين جي پـــاڙي جـو هجي ،
ڏڻ چـرن ڏاچـور تي ۽ خـوش ڏناروں هوُن شال !
منهنجي منڙي ملڪ تي ........

شاهه جـــون وايـون وٿاڻـــن ۽ وڻن ۾ گونججن ،
بيت سانوڻ جـا مٺا جهر جهنگ ۾ جهونـگارجـن ،
روز ريجهون ۽ رهـاڻيون ، روح واريون هوُنِ شال !
منهنجي منڙي ملڪ تي ........

مرض منهگايون مڙئي مارن ڏي مااَگهين مُنهن نه ڪن ،
صاف دل ”سرويچ“ سانگي ، سڀ سُکيا ساوا هجن ،
ڏيهه ســاري ۾ نه ڏينهاڻـي ، ڏيــاريـون هوُن شال !
منهنجي منڙي ملڪ تي .......

# ڪافي

روز سهي سنڌ سوُر الا ! سنڌي ڍولڻ ،
اڇا ويٺا ڏسو ، خوش تي پيا ڪلو ! ير ! حيف آٿوَ ۔

ساريـو سُهاڳ پنهنجو روئـي نماڻي ،
ماري مرض ڪئي آهي چوُر الا ! سنڌي ڍولڻ ،
اڇا ويٺا ڏسو ، خوش تي پيا ڪلو ! ير ! حيف آٿـوَ ۔

جنهن جيجل ڏنيون لوليون لاڏ منجهان ،
آن تي ظالم ڪئي آ گهوُر الا ! سنڌي ڍولڻ ،
اڇا ويٺا ڏسو ، خوش تي پيا ڪِلو ! ير ! حيف آٿـوَ ۔

ويرين ڪي تہ يارو وَر ڏئي هٿون اڄ ،
آڪين منجهہ آنبـور ، الا ! سنڌي ڍولڻ ،
اڇا ويٺا ڏسو ، خوش تي پيا ڪِلو ! ير ! حيف آٿـوَ ۔

سنـڌڙي ڪـان سِر ڪير جهليندو ،
”سرويچ“ مـرڻ منظور الا ! سنڌي ڍولڻ ،
اڇا ويٺا ڏسو ، خوش تي پيا ڪِلو ! ير ! حيف آٿـوَ ۔

# ڪافي

ٿلهہ: ڏنارن ري هتي منهنجي ، لڳن دل ۾ پيا دم دم ڌڪ ،
پرون چوڙيلين ڏاران ، ٿا چم ۾ چڀير دل ۾ چڪ !

هنيون جيڏين سان هُت هيري ، پتن پر پاس هر پيري ،
ڦلن ڦرهين تان ڦر ڦيري، ڦڪير ڦوڳن جا ڦوڪي ڦڪ !

ڏنارين جو چوان چا دم ، هوُ سيرت سونهن ۾ سالم ،
هوُ حورون هيچ ڪن هڪدم، اچن اوڍي جڏهن آجرڪ!

ٻنين ۾ ٻاجهري نيسري ، متا آيون جيهي مصري ،
مڙيئي ميوا وچئي وسري ، متي ڪائي ڏسين جي مڪ !

هيءَ سڪ ”سرويچ“ تہ سانڍي تہ ميت مٽيءَ جا تين ڪانڌي،
۽ ٻوري مڙهہ سندم سانبي ، رکن ڏوٿي هٿن سان ڌڪ .

# ڪافي

وسايو ڙي! بادل ٿڌي ٻُوند ٻُوند !

وطن جا تہ وڙڪي گهمون گهيڙ گسڙا ،
سڄڻ ساڻ ڳايون وچين ويل ولڙا ،
ڪريون ريلڙين ۾ ويهي راند رُوند ،
وسايو ڙي بادل ٿڌي ٻُوند ٻُوند !

ونون واس وس جا وڃي روِيءَ ور ۾ ،
مٺا ڪير ماهيا پپيون ٿاڪ ٿر ۾ ،
ڪُڏون لِڪلڪوٽي حبيبن سان هوُند ،
وسايو ڙي بادل ٿڌي ٻُوند ٻُوند !

ٿئي ڏيهہ ڏُڪيو تہ خوشحال سارو ،
وري وانگين جو وري شال وارو ،
لهي ڪاهوڙين تان ڪپت ڪئونس ڪوُند ،
وسايو ڙي بادل ٿڌي ٻُوند ٻُوند !

وڃي سنڌ "سرويچ" سينگارجي جيئن ،
هلي هير هر پار هُبڪار جي جيئن ،
ٿئي ساڌو ساڏيهہ ورن واءُ وَهوُند ،
وسايو ڙي بادل ٿڌي ٻُوند ٻُوند !

# ڪافي

سدا والـي وسائج هي ، وطـن منهنجي ولهارين جو ،
ڏسان جنهن ۾ ته شل آئون ، متل مندل ملهارين جو ۰

لهي سپ ڏنجهه ڏولائـو ، ٿئي مارن سان ميلائـو ،
پسان ساٿيهه سُکيو سائو ، سندم سورهيه سنگهارين جو ۰

هينئن تان سپ لهي هورو ، ٻُڌان هر ماڳ تي مورو ،
اچي کو دور ۾ دورو ، ُدکن ماريـل ڏنارين جو ۰

جبل جهنگل کي برسائين ، رڻن ۾ رونقون لائين ،
الاهي کر الله سائين ، تون آن پاڻي پنهوارين جو ۰

ڏسان "سرويچ" ساڙيهه ۾ ، اُتر ، ٿر ، لاڙ ، ڪاري ۾ ،
اچان ئي ڏيهه ساري ۾ ، اُچـو ڳاتـو ڳنوارين جو ۰

# وائي

سرتيون ! پڇو جي سچ ! وو الا ؛
منهنجو مرڻ جيئڻ سڀ سنڌ سان ۔

مون تي منهنجيءَ مادر جا ميان ! ڳڻ ته ڳڻڻ کان ڳچ وو الا ؛
منهنجو مرڻ جيئڻ سڀ سنڌ سان ۔

سنڌڙيءَ تان سِر گهورڻ خاطر ، عاشق ڪُڏندو اچ وو الا ؛
منهنجو مرڻ جيئڻ سڀ سنڌ سان ۔

” مرسون مرسون سنڌ نه ڏيسون “ نعري انهيءَ تي نچ وو الا ؛
منهنجو مرڻ جيئڻ سڀ سنڌ سان ۔

جيسين جيئندس پرندو رهندو ، من ۾ اِهو ئي مچ وو الا ؛
منهنجو مرڻ جيئڻ سڀ سنڌ سان ۔

قول انهيءَ ۾ قادر چاڻي ، ڪوڙ نه آهي ڪچ وو الا ؛
منهنجو مرڻ جيئڻ سڀ سنڌ سان ۔

ساري حياتي ” سرويچ “ ميان تون ، پُور انهيءَ ۾ پچ وو الا ؛
منهنجو مرڻ جيئڻ سڀ سنڌ سان ۔

# وائي

سونهي نانءُ سونهاري سان تو تـاريلين جو ٿاڪ ؛
الا ! هـي ٿاريلين جو ٿاڪ .

جڳ سڄي ۾ جَهرڪي مَرڪي ، هرهنڌ جنهن جي هاڪ؛
الا ! هـي ٿاريلين جو ٿاڪ .

جنهن جي خاڪ ڪٿوري جهڙي ، جنهنجو پاڻي پاڪ ؛
الا ! هـي ٿاريلين جو ٿاڪ .

پـــاڪ بنائين پـاڙي وارا ، پاڻ اڳيئي پـــاڪ ؛
الا ! هـي ٿاريلين جو ٿاڪ .

جنهن جي جوڌن دودن جي آ ، دنيا اندر ڌاڪ ؛
الا ! هـي ٿاريلين جو ٿاڪ .

”هوشو“ جنهن جو هاڪارو ۽ ”حيدر“ هيبتناڪ ؛
الا ! هـي ٿاريلين جو ٿاڪ .

سينڌ پٽين سان ساهيڙيون جـِت ، پاڳياٽيون بيباڪ ؛
الا ! هـي ٿاريلين جو ٿاڪ .

ميٺّي جنهن جي مُشڪ ۽ عنبر ، خوشبوءِ واري خاڪ ؛
الا ! هـي ٿاريلين جو ٿاڪ .

ور ور ڏيئي تن تي يارو ، ويري ڏي پيو واڪ ؛
الا ! هـي ٿاريلين جو ٿاڪ .

سانگي سپ ” سرويچ “ انهيءَ جا ، ڏوُلهه دهشتناڪ ؛
الا ! هـي ٿاريلين جو ٿاڪ ،
الا ! هـي ٿاريلين جو ٿاڪ .

# وائي

مارو منهنجا ڏول ، سانگي منهنجا ڏول ؛
سي ڪيئن وساريان سيڻ آئون .

ماڪي مصريءَ ڪان پيي مِٺڙا ، ٻاٻاڻن جا ٻول ؛
سي ڪيئن وساريان سيڻ آئون .

ڕوهان وڏاڻي ويس انهن جو ، لويون لاڪ رتول ؛
سي ڪيئن وساريان سيڻ آئون .

لوين ۾ هٿ لوياريون ائين، جهڙي ڀڪل ڪاگول؛
سي ڪيئن وساريان سيڻ آئون .

مانڌاڻيون، مٽ، ماٽيون، تن جون ٽيئي ٽنڊيلا ٽول؛
سي ڪيئن وساريان سيڻ آئون .

ڳُرڙن، ڳولن، ڳگراڻين مان جهانگين پريا جهول ؛
سي ڪيئن وساريان سيڻ آئون .

سانئيهه ۾ "سرويچ" سدائين ، عيدون عيش آلول ؛
سي ڪيئن وساريان سيڻ آئون .

# وائي

رِويَڙم نيٺ سُڪي،
ڳوڙها ڳلن تان ڳاڙي ڳاڙي.

چوُڙيلين ۾ چونرن لاءِ، ٽيس چوُر چُڪي،
ڳوڙها ڳلن تان ڳاڙي ڳاڙي.

پنهنوارن ڪا پيرُن جي لَپ، مٽيءَ ڏي ڪانہ مُڪي،
ڳوڙها ڳلن تان ڳاڙي ڳاڙي.

جهانگيئڙن جي جهوريءَ ۾ هٿ، پڙم جيءُ جُهڪي،
ڳوڙها ڳلن تان ڳاڙي ڳاڙي.

پاپاڻن ڪان ڪانہ ملي ٿم، پاجهہ سندي او! ڪابہ بُڪي،
ڳوڙها ڳلن تان ڳاڙي ڳاڙي.

ساعت ۾ ”سرويچ“ پـُچان من، ڍاتين پاس ٻُڪي،
ڳوڙها ڳلن تان ڳاڙي ڳاڙي.

*—*—*

# وائي

ساري سپ تہ چمار - آئون ساھہ گھوريندیس سنڌ تان .

جيئي جيجل سنڌڙي ، اِيءَ تَنَ منجھ روز تنوار ،
آئون ساھہ گھوريندیس سنڌ تان .

سوُنَھن پنھنجيءَ "سيم" ۾ سارو ڏينھن سنگھار ،
آئون ساھہ گھوريندیس سنڌ تان .

سيڪي ڪائن سنگـڙا ، ھو ٻھـراڙيءَ جا ٻار ،
آئون ساھہ گھوريندیس سنڌ تان .

لوئيارن جي آھي لڳي ، اڄ لوُن لوُنءَ منجھ لغار ،
آئون ساھہ گھوريندیس سنڌ تان .

سنڌڙيءَ ۾ "سرويچ" ڏسان شل، ساوڪ سونھن سُڪار ،
آئون ساھہ گھوريندیس سنڌ تان .

—*—*—

# وائي

سُرها سيئ سنگھار ،
آئون ماڙين تي ڪيئن مَتيان ؟

پوُئي پدم پَساھہ سان ، پکا ۾ پنهنوار ،
آئون ماڙين تي ڪيئن متيان ؟

درد ڏُکاين دونهان دل ۾ ، دَمَ دَمَ ياد ڏنار ،
آئون ماڙين تي ڪيئن متيان ؟

نيڻ تمايم ننڊ ۾ ، سُئڙم رات سنپار ،
آئون ماڙين تي ڪيئن متيان ؟

ويل نہ وسرن هيڪڙي هو وانگيئڙا وينجهار ،
آئون ماڙين تي ڪيئن متيان ؟

اج بہ نڪري آن ريءَ اندر مان اوچنگار ،
آئون ماڙين تي ڪيئن متيان ؟

*—*—*

# وائي

ميت نہ موتيم ڪوئي ، حال وڃايم روئي ،
ماڙين مـَاري مارِي آهيان .

لاڪيٽن جي لاءِ لـُڇندي ، ليڙون ٿيئڙم لوئي ،
ماڙين مـَاري مارِي آهيان .

وار نہ ويڙهيندِيس هي ڪڏهن، ڏنارين ري ڏوئي ،
ماڙين مـَاري مارِي آهيان .

ڏوٿين مونڏي ڪانہ مـُڪي، ڪا ڏونئرن سندي ڏوئي،
ماڙين مـَاري مارِي آهيان .

جو سائينءَ لکيو "سرويچ" ادا هت، لوڙيان ويئي سوئي،
ماڙين مـَاري مارِي آهيان .

*—*—*

# وائي

هـردم هـنيڙا يار ،
ڏونگر ڏاڍا ڏنگ ڏُکيءَ کي .

هينئڙي ۾ هيت هوتن جا ٿيا ، مون کي هئول هزار ،
ڏونگر ڏاڍا ڏنگ ڏُکيءَ کي .

پنّر پب جا پيرن مان ويا ، اَکري آرو پار ،
ڏونگر ڏاڍا ڏنگ ڏُکيءَ کي .

ڏيل ڏهيون ٿي ويڙم سارو ، ووڙيندي وڪار ،
ڏونگر ڏاڍا ڏنگ ڏُکيءَ کي .

ساڍي ٿي "سرويچ" سان منهنجا ، صاحب ربّ ستار ،
ڏونگر ڏاڍا ڏنگ ڏُکيءَ کي .

*—*—*

# وائي

ڏاڏا لـڳــڙم ڏينهـن ،
سرتين ڏاران ڪوٽ ڪـَڙن ۾ .

گوندر گانون دل ۾ پاتيون ، گهوڙا گهاريان ڪيئن ؟
سرتين ڏاران ڪوٽ ڪـَڙن ۾ .

بادل مان برسات وسي جيئن ، اکڙيون برسن ايئن ،
سرتين ڏاران ڪوٽ ڪـَڙن ۾ .

جيئن جيئن تاڙو روز تنواري ، تن ٿو تڙپي تيئن ،
سرتين ڏاران ڪوٽ ڪـَڙن ۾ .

سپني ۾ ”سرويچ“ ڏٺا تم ، مارن پـاسي مينهن ،
سرتين ڏاران ڪوٽ ڪـَڙن ۾ .

*—*—*

# وائي

رتڙو روئان پيئي زار ،
رانجهڻ يار ، رُسي وئين ڇا ڪان ۔

مون نہ اچا سِڪ لائي تومان ، ويهي ڪا وينجهار ،
ڍولڻ يار ، رُسي وئين ڇا ڪان ۔

تو ۾ منهنجي من جون آسون ، هُنڙيون هوت هزار ،
راڻل يار ، رُسي وئين ڇا ڪان ۔

مون تي چاتو منهنجي ٿيندين ، دل جو تون ئي هار ،
دلبر يار ، رُسي وئين ڇا ڪان ۔

معاف ڪجاءِ منهنجا مِٺڙا ، مونڏي جا بہ ميار ،
محسن يار ، رُسي وئين ڇا ڪان ۔

تنهنجي تي "سرويچ" ڪي آهي ، پلپل ۾ هت روز پچار ،
سوڍل يار ، رُسي وئين ڇا ڪان ۔

*—*—*

# گيت

سانوڻ جا هي ڏينهن سَدورا ؛
جن ۾ من تو ڳائي مورا !

محبت ڀريا مينهن وسن ٿا ؛
نئين سِر نانڍڙا نينهن ڇمن ٿا ؛
پِرت پلر جو پائي پيئو ؛
ڳل ڪري ٿي ڳورا ڳورا ؛
سانوڻ جا هي ڏينهن سَدورا !
جن ۾ من تو ڳائي مورا !

ٽڙيون ٽڙيون برسن بوندون ؛
پونئر ولين تان ڪن ٿا پوُن پوُن ؛
ويل وڇينءَ جو وندجن ويهي ؛
پيار پرينءَ سان ڪورا ڪورا ؛
سانوڻ جا هي ڏينهن سَدورا !
جن ۾ من تو ڳائي مورا !

سُرها سُرها واس وڻن ۾ ؛
جانب پهرن جام ڏٺن ۾ ؛
منڙا تن جا ٻول ٻُڌڻ لئي ؛
هينئڙي ۾ ٿئي هورا ڪورا ؛
سانوڻ جا هي ڏينهن سَدورا !
جن ۾ من تو ڳائي مورا !

پيارا پيارا پيار وڏن تا ؛
رورهن جا واپار تين تا ؛
بيت برهه جا بينن تي پوءِ ؛
ڇن ۾ ڳائين ڇوڪر ڳورا ؛
سانوڻ جا هي ڏينهن سَدورا !
جن ۾ من تو ڳائي مورا !

# گيت

سُندر سُندر صاف سونهارو ؛
جڳ سڄي جي اک جو تارو ؛
نانءُ پِڙلي سان ، ناميارو سو ؛
آهي ديسان ديس !
الا ! شل جيئي پنهنجو ديس !

وڻندڙ وڻندڙ ڏاڍو واللہ ؛
وڏندو رهندو انشاءَ اللہ ؛
مرڪو مورک ميري من سان ؛
ماپيو پيو ماپيس !
الا ! شل جيئي پنهنجو ديس !

جنهن ۾ قُرب ڪچهريون پياريون ؛
جنهن ۾ ميلا موج ملهاريون ؛
جنهن جي ماڻهوءَ ماڻهوءَ ۾ آ ؛
الفت جي آبيس !
الا ! شل جيئي پنهنجو ديس !

هيرون ۽ هُنرڪارون جنهن ۾ ؛
ٽڪلن لئي ٺڏڪارون جنهن ۾ ؛
وڻ وڻ واس ڪٿوريءَ جي سان ؛
ور ور ڏيو واسيس !
الا ! شل جيئي پنهنجو ديس !

مارو موج ملهائن جنهن ۾ ؛
گل قل جام لڳائن جنهن ۾ ؛
هيرن موتين سان هر نينگر ؛
چانيو پئي چانئيس !
الا ! شل جيئي پنهنجو ديس !

سانوڻ توڙي سياري سائين ؛
آڏين آڏين راتين تائين ؛
هرڪا ڳوري ڳات اچي سان ؛
ڳيئن ۾ ڳائيس !
الا ! شل جيئي پنهنجو ديس !

جنهن جون ريتون رسمون پنهنجون؛
جنهن جا راز ۽ رمزون پنهنجون ؛
جنهن جي جهانگين وانگين جو آ ؛
وهوا جهڙو ويس !
الا ! شل جيئي پنهنجو ديس !

ڳچ ۾ ڪنجرا، چنڙيون چولا ؛
سچ پچ لاهن اندر اولا ؛
چندن وانگر چمڪن جنهنجا ؛
اجرڪ لنگي کيس !
الا ! شل جيئي پنهنجو ديس !

هرهڪ ڳجري چاڙهيو ڳوڏي ؛
لاڏ منجهان پئي تنهن کي لوڏي ؛
هرهڪ سوڊو ساهه برابر ؛
سارو ڏينهن سانديس !
الا ! شل جيئي پنهنجو ديس !

ڪافين ، واين ، بيتن سان ڏس ؛
نظمن ، غزلن، گيتن سان ڏس ؛
سارو ڏينهن ”سرويچ“ هتي پيو ؛
سهڻو سينگاريس !
الا ! شل جيئي پنهنجو ديس !

# گيت

آ کڙيون ائين نہ نايو نار !
آ کڙيون جهايو لڙکن لار !

پلپل چو تيون هاريو پاڻي ؛
ايندا دلبر اڄ يا صبحاڻي ؛
لهندا هڪدم هؤل هينئين تان ، دوست پسي دلدار !
اکڙيون ائين نہ نايو نار !

دم دم ۾ پيا درشن ٿيندا ؛
ورهہ وڇوڙا وڃي ويندا ؛
ڪامل ايندا ڪوڏ منجهان ۽ ٿيندا قرب قرار !
اکڙيون ائين نہ نايو نار !

سُحب ملندا موتيءَ داڻا ؛
پيار ونڊيندا پيارل پاڻا ؛
گوندر گُهٽجي گُهٽجي مرندا، گهر ٿڻ بنبا سڀ گُلزار !
اکڙيون ائين نہ نايو نار !

ترسو ترسو تڙپڻ ڇڏيو ؛
بادل وانگر برسڻ ڇڏيو ؛
جهوم جهومو جوت پسايو ، چاڻ ڪ آيا آيا يار !
اکڙيون ائين نہ نايو يار !

*—*—*

# گيت

نيٺ ٿيو نروار پيارا ؛
پکڙيو هرڪنهن پار پيارا ؛
گهر گهر ۾ ڏس ڳائي وينو ، ٻيڙو توڙي ٻار پيارا !
تنهنجو منهنجو پيار پيارا !

ازلئون آهي آخر تائين ؛
رهندو روشن منهنجا سائين ؛
وڌندو رهندو جيسين آهي ؛ جڙيل هي جنسار پيارا !
تنهنجو منهنجو پيار پيارا !

ڪارين ڪارين راتين ۾ سو ؛
بوندن ۽ برساتين ۾ سو ؛
ڪِنوٽين وانگر چاڪي چمڪي ، چوڏس ۽ چوڌار پيارا !
تنهنجو منهنجو پيار پيارا !

پَڪلن گولن ڪان پيي منڙو ؛
منڙن ٻولن ڪان پيي منڙو ؛
لعل لبن جي شربت ڪان پيي ، آهي لذّت دار پيارا !
تنهنجو منهنجو پيار پيارا !

ٻانهيارين جي ٻولين ۾ سو ؛
وو- وو ولڙن لولين ۾ سو ؛
گونجي سيندن ، بوڙيندن ۾ ، تنبوري جي تار پيارا !
تنهنجو منهنجو پيار پيارا !

مخفي مخفي ميلاپن ۾ ؛
آهن سنڌڪن آلاپن ۾ ؛
وچڙيل جي ورلاپن وانگر ، دردن جي آ ، ڏار پيارا !
تنهنجو منهنجو پيار پيارا !

هنج ۾ لڏندڙ جهوٽن ڪان سو ؛
ڪنجري جي گل بوٽن ڪان سو ؛
ٿڌڙو ٿڌڙو سرهو سرهو ، پنڙي بوء ، بهار پيارا !
تنهنجو منهنجو پيار پيارا !

مينديءَ رتڙا پير ۽ هٿڙا ؛
ناز نوان ۽ تڪڙا تڪڙا ؛
مرڪون مينديون منهن تي مٺڙيون، چپڙن جي چشڪار پيارا !
تنهنجو منهنجو پيار پيارا !

شاهه جي بيتن، واين ۾ ڏس ؛
سچل جي تون ڪافين ۾ ڏس ؛
ساميءَ جي تہ سلوڪن ۾ پڻ ، جڳمڳ جلويدار پيارا !
تنهنجو منهنجو پيار پيارا !

سورهيہ ۽ سرويچن وانگي ؛
ڪين ڏسي تو تار ۽ تانگهي ؛
لهرين ويرن وڪڙن مان سو ، ڏوڪي پئي ڏو پار پيارا !
تنهنجو منهنجو پيار پيارا !

*—*—*

# گيت

جهانگيئڙن جي جؤ تي اڄ پٽ ، جُهڙ ڦڙ – جُهڙ ڦڙ ميگهه ملهار ،
سرها ڏاڍا تيا سنگهار ،
ويس وسڻ جا پاتا يار !

ڪالهوانڪر ڪڙڪات روڇن جا ، ڪڪرن ڪيئي آهي ڪار ،
هوڏانهن سرتين ڪيا سينگار ،
ويس وسڻ جا پاتا يار !

ويل وچينءَ جو وانديارن تي ، وهم وا واحد ڪئي وسڪار ،
گهر گهر گوڙين جي گجڪار ،
ويس وسڻ جا پاتا يار !

چيب چيب چاچر چيل چنن ۾ ، چولين لائي آ چچڪار ،
تڙ ترايون تارو تار ،
ويس وسڻ جا پاتا يار !

اِندلٺ آپ ۾ اهڙي ، جهڙي تازي پرٽيل هوئي ڪنوار ،
جنهن ڪي ڳهه ڳنا ۽ هار ،
ويس وسڻ جا پاتا يار !

ڪاهڙ پاسي ڪيتن ۾ اڄ ، چڙين چنگن جي چونگار ،
ڪرڪين جي پُڌ ڪيل ڪينڪار ،
ويس وسڻ جا پاتا يار !

ڪِيل ڪِيل ڪير وتيءَ پيا ڪيڏن ، خوش تي بهراڙيءَ جا ٻار ،
پاتئون ڳاڙها پُسين هار ،
ويس وسڻ جا پاتا يار !

سائين ! تون ”سروپچ“ ڪي ميلئين ، دوست مٺا دلدار ،
جن جي پل پل آهي پچار ،
جيڪي سونهن سندا سردار !
ويس وسڻ جا پاتا يار !

# گيت

هن سنڌڙيءَ جي سُرهاڻ بلي !!
هي موج پريو مهراڻ بلي !!
هي موج پريو مهراڻ بلي !!
هي موج پريو مهراڻ بلي !!

هي ڇهه ڇهه ساوا چيٽ ڏسو ؛
هي ڪِڙندڙ ڪِلندڙ کيٽ ڏسو ؛
هن ساين سهڻين ٻنين ۾ ؛
اڄ چوڏهينءَ جي چانڊاڻ بلي !!
هي موج پريو مهراڻ بلي !!

هيءَ تَر بر ۾ ٽڌڪار ڏسو ؛
هيءَ هند هند تي هٻڪار ڏسو ؛
هن پنهنجي دلبر ڌرتيءَ تي ،
اڄ مينهن جي مانڊاڻ بلي !!
هي موج پريو مهراڻ بلي !!

هي رنگ برنگي روپ ڏسو ؛
هو دوديرين جا ڏُوپ ڏسو ؛
هوءَ لال لياري لامن تي ؛
آ ، لوين جي لالاڻ بلي !!
هي موج پريو مهراڻ بلي !!

هي ڪڻڪڻ مان هيت ڪيچ ڏسو ؛
هي سنڌڙيءَ جا ”سرويچ“ ڏسو ؛
هي سونهن سگهارا سوڊا پنهنجا ؛
ساٿ ڏٺي سرواڻ بلي !!
هي موج پريو مهراڻ بلي !!

# لوڪ گيت

نَڪَ ۾ نہ ڦُلڙي ، او ! چيچ نہ چلڙو ؛
ڙي پانھن نہ سگــڙو ؛
ڪَنَــن نــا والــڙيــون ؛
ڙي ، آدڙيون آپالڙيون !!
او ! ڏيئڙيــون آپالڙيون !!

هٿن نہ مُنڊي ، او ! گِچــيءَ نہ هسيون ؛
ڙي ! پُٽيون ۽ پُسيون ،
ڏيھ ۾ ڏڪالڙيون ،
ڙي ! اَڙيون آپالڙيون !!
او ! ڏيئڙيــون آپالڙيون !!

سِر تي نہ پوتي ، او بُت تي نہ چولو ؛
ڙي ! جيءَ منجھ جھولو ؛
اڪڙيون تــان آلڙيون ؛
ڙي ! ادڙيـون آپالڙيون !!
او ! ڏيئڙيــون آپالڙيون !!

پيرن نــہ جُتڙي ، او ! سٿڻ تان ليڙون ؛
ڙي ! چِگــن ۾ چيڙون ؛
بکيون ۽ بي حالڙيون ؛
ڙي ! آدڙيون آپالڙيون !!
او ! ڏيئڙيــون آپالڙيون !!

چيپر نہ چنو، او! پکو نا پيھي؛
ڙي! ڏکيا ٿيا ڏيھي؛
گٽيان چا ڳالھڙيون؛
ڙي! آدڙيون آباڙيون!!
او! ڏيئڙيون آباڙيون!!

عيدون ۾ نہ خوشيون، آ روئڻ ۾ راڙو؛
ڙي! سورن جو ساڙو؛
ساريون ساريون ساڙيون؛
ڙي! آدڙيون آباڙيون؛
او! ڏيئڙيون آباڙيون.

ساٿا ساٿا سنڌ او، سڪلون تان چاتيون؛
ڙي! لنگھڻ ۾ راتيون؛
لڇن ٿيون لاڙيون؛
ڙي! ادڙيون آباڙيون!!
او! ڏيئڙيون آباڙيون!!

منھن تي نہ ماس چپن نہ مرڪون؛
ڙي! سورن جون سرڪون؛
پيئن پيالڙيون؛
ڙي! آدڙيون آباڙيون!!
او! ڏيئڙيون آباڙيون!!

*—*—*

## لوڪ گيت

# قومي جمالو

اسين سنڌي آهيون سِنڌ جا – هو جمالو
اسين سورهيه ماٺهون سِنڌ جا – هو جمالو

اسان سِريون ڏيئي سنڌ ورتي – هو جمالو ؛
اسان گوليون کائي سِنڌ ورتي – هو جمالو ؛
اسان جيل جهاڳي سِنڌ ورتي – هو جمالو ؛
اسان قيد ڪاٽي سِنڌ ورتي – هو جمالو ؛
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا – هو جمالو ؛
اسين سورهيه ماڻهو سنڌ جا – هو جمالو .

پنهنجا شهزادا شاگرد الا – هو جمالو ؛
جيڪي مانجهي آهن مرد الا – هو جمالو ؛
جن کي سنڌڙي جو آ درد الا – هو جمالو ؛
جيڪي هارين جا همدرد الا – هو جمالو ؛
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا – هو جمالو ؛
اسين سورهيه ماڻهو سنڌ جا – هو جمالو .

اسين شير آهيون شير الا – هو جمالو ؛
اسين واري ڇاڙون وير الا – هو جمالو ؛
اسين وارث پنهنجي ويس جا – هو جمالو ؛
اسين والي پنهنجي ديس جا – هو جمالو ؛
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا – هو جمالو ؛
اسين سورهيه ماڻهو سنڌ جا – هو جمالو .

الحمـد اج آزاد آهـيـون – هو جمالو ؛
پنهنجي ديس ۾ آباد آهيون – هو جمالو ؛
پنهنجي شان سان اج شاد آهيون – هو جمالو ؛
اسين دودن جو اولاد آهيون – هو جمالو ؛
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا – هو جمالو ؛
اسين سورهيه ماڻهو سنڌ جا – هو جمالو .

اسين قومن جي تقدير آهيون – هو جمالو ؛
اسين صاحب توقير آهيون – هو جمالو ؛
اسين پـونگر جي شمشير آهيون – هو جمالو ؛
اسين اوندهه ۾ تنوير آهيون – هو جمالو ؛
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا – هو جمالو ؛
اسين سورهيه ماڻهو سنڌ جا – هو جمالو ؛

اسين مياڻي جا مثير آهيون – هو جمالو ؛
اسين ڏولهه ۽ دلير آهيـون – هو جمالو ؛
اسين مُلڪن جا معمار آهيون – هو جمالو ؛
اسين سات جا سالار آهيون – هو جمالو ؛
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا – هو جمالو ؛
اسين سورهيه ماڻهو سنڌ جا – هو جمالو .

اسين ڪوٽ آهيون ننگ جا ڙي – هو جمالو ؛
اسين جُنگ آهيون جَنگ جا ڙي – هو جمالو ؛
اسين پاڳيا آهيون پاڳ جا ڙي – هو جمالو ؛
اسين مالڪ پنهنجي ماڳ جا ڙي – هو جمالو ؛
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا – هو جمالو ؛
اسين سورهيه ماڻهو سنڌ جا – هو جمالو .

اسين ماڇر جا تان مير آهيون — هو جمالو ؛
اسين ڪينجهر جي تصوير آهيون — هو جمالو ؛
اسين مڪّليءَ جا مور آهيون — هو جمالو ؛
اسين سنڌڙيءَ تان گهور آهيون — هو جمالو ؛
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا — هو جمالو ؛
اسين سورهيه ماڻهو سنڌ جا — هو جمالو .

اسين ڀٽائيءَ جا يار آهيون — هو جمالو ؛
اسين سچل جا ڙي يار آهيون — هو جمالو ؛
اسين هوشوءَ جا حُبدار آهيون — هو جمالو ؛
اسين دودي جي للڪار آهيون — هو جمالو ؛
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا — هو جمالو ؛
اسين سورهيه ماڻهو سنڌ جا — هو جمالو .

اسين راڻا آهيون راڄ جا — هو جمالو ؛
اسين ڪوڏيا آهيون ڪاڄ جا — هو جمالو ؛
اسين گهوٽ اڻ موٽ آهيون — هو جمالو ؛
اسين فولادي سپ ڪوٽ آهيون — هو جمالو ؛
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا — هو جمالو ؛
اسين سورهيه ماڻهو سنڌ جا — هو جمالو .

اسين ڏاتي آهيون ڏيت جا ڙي — هو جمالو ؛
اسين خان آهيون ڪَٽ جا ڙي — هو جمالو ؛
اسين موئن جي تان ساک آهيون — هو جمالو ؛
اسين اُميدن جي باک آهيون — هو جمالو ؛
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا — هو جمالو ؛
اسين سورهيه ماڻهو سنڌ جا — هو جمالو .

اسين ڪاڪ جا تان خان آهيون — هو جمالو ؛
اسين ڪاهوءَ جا نيشان آهيون — هو جمالو ؛
اسين راڻا ”رنيءَ ڪوٽ“ جا ڙي — هو جمالو ؛
اسين سوڍا نيرن ڪوٽ جا ڙي — هو جمالو ؛
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا — هو جمالو ؛
اسين سورهيه ماڻهو سنڌ جا — هو جمالو ۔

جيئي پنهنجي سنڌ سائي — هو جمالو ؛
جنهن ۾ ”اختر“ جهڙي ڏيءَ ڄائي — هو جمالو ؛
جيڪا مردن جو مَٽ آهي مائي — هو جمالو ؛
جنهن جي وانگين جي آ وات وائي — هو جمالو ؛
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا — هو جمالو ؛
اسين سورهيه ماڻهو سنڌ جا — هو جمالو ۔

اچو سنڌ جا غدار ماريون — هو جمالو ؛
اچو ملڪ مان مڪار ماريون — هو جمالو ؛
اچو ديس جا اغيار ماريون — هو جمالو ؛
اچو موذي سڀ مُردار ماريون — هو جمالو ؛
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا — هو جمالو ؛
اسين سورهيه ماڻهو سنڌ جا — هو جمالو ۔

اچو ! موج ۾ مهراڻ آڻيون — هو جمالو ؛
اچو ! سنڌ ۾ سرهاڻ آڻيون — هو جمالو ؛
اچو ! لوين ۾ لالاڻ آڻيون — هو جمالو ؛
اچو ! مينهن جي مانداڻ آڻيون — هو جمالو ؛
اچو سنڌ کي خوشحال ڪريون — هو جمالو ؛
اچو مارو مالا مال ڪريون — هو جمالو ۔

جيئـو جيئــو پـاڳيــا ڙي – هو جمالو ؛
پنهنجا ڀاڳ ڀيهر جاڳيا ڙي – هو جمالو ؛
ٽنهنجا ساز سُر ساڳيـا ڙي – هو جمالو ؛
ڦنهنجا ويري سيئي واڳيا ڙي – هو جمالو ؛
اچو ! سنڌ کي خوشحال ڪريون – هو جمالو ؛
اچو ! مارو مالا مـال ڪريون – هو جمالو .

اسين بهادر ۽ بيباڪ آهيون – هو جمالو ؛
اسين دشمن جي لئي ڏاڪ آهيون – هو جمالو ؛
اسين سنڌيئڙا "سروبچ" آهيون – هو جمالو ؛
اسين ڀائر آهيون پيچ آهيون – هو جمالو ؛
اسين سنڌي آهيون سنڌ جا ڙي – هو جمالو ؛
اسين سورهيه ماڻهو سنڌ جا ڙي – هو جمالو .

هو جمالو ڙي ڍولڻ – هو جمالو ؛
جمـالـو جـوڏن سان – هو جمالو .

*—*—*

## سنڌيءَ جو سڀ کان سهڻو رسالو

# نئين زندگي

### باتصوير ماهنامو

علم ادب ، تاريخ ، ثقافت ، سائنس ، آرٽ ، تعليم ، صحت .
زراعت، شعر ، تنقيد ۽ قومي معاملن بابت معلومات ۽ مطالعي جو ڀنڊار .

* چوويهن سالن کان هر مهيني شايع ٿيندڙ .
* سنڌيءَ جي سڀني رسالن کان جهونو .
* سڀني رسالن کان وڌيڪ ڇپجندڙ .
* سڀني رسالن کان وڌيڪ وڪرو ٿيندڙ .
* سڀني رسالن کان وڌيڪ سهانگو .

سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچندڙ ، تعليميافته گهراڻن جي مقبول مخزن

# نئين زندگي

سنڌ ۽ پاڪستان کان ٻاهر ولائت تائين پهچي ٿي .

نئين زندگي خريد ڪري ، سنڌي ادب جي سرپرستي ڪريو .

نئين زندگيءَ ۾ اشتهار ڏيئي ، پنهنجي واپار کي وڌايو .

**قيمت في پرچو ٥٠ پئسا . ساليانو چندو ٥-٥٠ روپيا .**

هيٺينءَ ائڊريس تي چندو مني آرڊر ڪري ، ساليانا خريدار ٿيو :-

بزنس مئنيجر

پاڪستان پبليڪيشن

پوسٽ باڪس ١٨٣ ، ڪراچي .